ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 22 آگسٽ 2026ع 08 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (08)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 22nd August 2026
سال (18) چنڇر 22 آگسٽ 2026ع 08 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (330)
Daily Ibrat Karachi

دشمن جي ناپاڪ ارادن کي قوم جي عزم ۽ فيصلاڪن ڪارروائي سان ناڪام بڻايو ويندو: فيلڊ مارشل

دشمن جي پروپيگنڊا جو جامع ۽ بنا دٻ جي مقابلو ڪرڻ، ڪوڙن بيانن کي بي نقاب ڪرڻ ۽ بلوچستان ۽ اتان جي عوام جي حقيقي صلاحيت، ترقي ۽ خواهشن کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير نشان امتياز (ملٽري)، هلال جرئت بلوچستان جي مشهور شخصيتن ۽ سياسي قيادت سان ملاقات ڪئي: سيد عاصم منير

قومي بيانيو، پائيدار امن ۽ استحڪام، صوبي جي حقيقي معاشي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ، سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ ۽ بلوچستان جا وافر انساني ۽ قدرتي وسيلا عوام جي حقيقي خوشحالي ۾ تبديل لاءِ اهم آهن

بلوچستان ۽ پاڪستان جو حال ۽ مستقبل هڪ آهي ۽ هميشه هڪ ئي رهندو، بلوچستان باصلاحيت، ثابت قدم ۽ باوقار ماڻهن جي سرزمين آهي، هتي جي نوجوانن ۾ صلاحيت ۽ موقعن جي ڪا کوٽ ناهي

فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان پرڏيهي سرپرستي ۾، ڪرائي ڪنٽرول پراڪسيز آهن جن کي دشمن عنصر بلوچستان کي عدم استحڪام جو شڪار ڪرڻ، ان جي ترقي ۾ رڪاوٽ وجهڻ ۽ رياست ۽ عوام وچ ۾ ڏار پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير نشان امتياز (ملٽري)، هلال جرئت ان عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي ته دشمن جي ناپاڪ ارادن کي قوم جي اجتماعي عزم ۽ رياست جي پختي پرعزم ۽ فيصلاڪن ڪارروائي ذريعي ناڪام بڻايو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جي مولانا فضل الرحمان سان اپوزيشن اتحاد جي منظوري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) پارلياماني پارٽي مولانا فضل الرحمان سان مخالف ڌر بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: برسات بعد شهر جي مختلف گهٽين ۾ پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

بلوچستان جي مسئلن تي گرينڊ ڊائيلاگ جي دعوت، ماضي ۾ جيڪو ٿيو سو ٿي ويو، بندوق کڻڻ قابل قبول نه آهي: شهباز شريف

بلوچستان جي مسئلن جي حل جو بهترين طريقو مشاورت ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ آهي: وزيراعظم

صوبي کي ترقي ۽ خوشحالي جي ڊوڙ ۾ شامل ڪرڻ کانسواءِ پاڪستان ترقي نه ٿو ڪري سگهي، سموريون جائز شڪايتون ختم ڪنداسين، ڏهاڪن ۾ جيڪي واقعا ۽ حالتون ٿيون اهي تاريخ جو حصو آهن

بلوچستان پاڪستان جو اهو علائقو آهي جيڪو بلوچ ۽ پشتون قومن تي ٻڌل آهي جن جي تاريخ بهادري، مهمان نوازي، پائيچاري ۽ عظيم روايتن سان لڪيل آهي

بلوچستان جي مختلف حصن پاڪستان سان الحاق ڪيو، قاضي محمد عيسيٰ، مير جعفر خان جمالي، اڪبر بگٽي سميت بلوچ اڳواڻن ۽ عوام سوچي سمجهي پاڪستان سان الحاق ڪيو هو

بلوچستان ۾ مزدوري ڪندڙن کي يا سڃاڻپ جي بنياد تي ماڻهن کي قتل ڪرڻ جائز نه آهي، گڏيل ڳالهه ٻولهه سان مسئلا حل ڪرڻ گهرجن، ڪوبه محب وطن ايئن نٿو ڪري سگهي

بلوچستان معدنيات سميت ٻين وسيلن سان مالامال هجڻ جي ڪري امير ترين صوبو آهي پر اهي وسيلا سمنڊ ۽ جبلن ۾ دفن آهن، انهن مان فائدو کڻڻ جي لاءِ سرمائي ۽ مهارت جي ضرورت آهي

بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي پٺيان فتنه الهندستان ۽ دشمن ملڪن مان وسيلا حاصل ڪندڙ آهن جيڪي بيگناهن کي شهيد ڪري رهيا آهن: بلوچستان نيشنل ورڪشاپ کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان جي مسئلن تي گرينڊ ڊائيلاگ جي دعوت ڏيندي چيو آهي ته ماضي ۾ جيڪو ٿيو سو ٿي ويو، بندوق کڻڻ قابل قبول نه آهي، جيڪو پنهنجو رستو صحيح ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي ان کي پليڪار چوڻ گهرجي، بلوچستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي ڊوڙ ۾ شامل ڪرڻ کانسواءِ پاڪستان ترقي نه ٿو ڪري سگهي، مسئلن بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي ملائيشيا جي وزيراعظم فون تي ڳالهه ٻولهه، ٻطرفي تعاون تي اتفاق

ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه دوران وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊاڪٽر انور ابراهيم جي خيريت معلوم ڪئي

علائقائي ۽ ٻاهرين صورتحال پڻ بحث هيٺ آئي، ڊاڪٽر انور ابراهيم پاڪستان جي علائقائي امن لاءِ ڪئي ويندڙ ڪوششن کي ساراهيو

وزيراعظم شهباز شريف علائقائي امن جي لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جي مسلسل حمايت تي پنهنجي ملائيشين هم منصب جا ٿورا ادا ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وزيراعظمن ٻطرفي تعاون جي موجوده مثبت اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي ان رفتار کي وڌيڪ وڌائڻ خاص طور تي گڏيل واپار ۽ سيڙپڪاري جي رابطن بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان چين آفريڪا ۽ ايشيا ۾ ڪاروبار وڌائڻ واري ايسوسيئيشن جي صدر هار يوئيجيو ملاقات ڪري رهي آهي

سنڌ ۾ زراعت ۽ قدرتي وسيلن جي ترقي لاءِ ايشيائي بئنڪ سان سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

صوبائي وزير جام خان شورو جي صدارت هيٺ اي ڊي بي اختيارين سان اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو

زرعي پيداوار وڌائڻ، جديد ٽيڪنالاجي ۽ مشيني معاملن متعارف ڪرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رٿابندي، ترقيات ۽ آبپاشي کاتن واري صوبائي وزير جام خان شورو جي صدارت هيٺ ايشيائي ترقياتي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان حڪومت ۽ گوگل جي وچ ۾ مفاهمتي جي يادداشت تي صحيحون

گوگل پاران شاگردن کي جيمينائي اي آءِ پلس ۽ 2026ع ۾ 150000 ڪيريئر سرٽيفڪيٽس ڏيڻ جو اعلان

تعاون جو مقصد پاڪستان جي آءِ ٽي روانگي واپار ۽ مجموعي ڊيجيٽل معيشت کي 2030ع تائين 30 ارب ڊالر تائين پهچائڻ آهي

ڊيجيٽل پليٽ فارمز ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي عالمي منڊين تائين پنهنجي پهچ وڌائڻ ۾ پڻ مدد فراهم ڪندا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان حڪومت ۽ گوگل جي وچ ۾ ملڪ ۾ ڊيجيٽل تبديلي جي عمل کي تيز ڪرڻ، ڊيجيٽل مهارتن کي فروغ ڏيڻ ۽ اهم شعبن ۾ مصنوعي ذهانت جي استعمال کي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

پي ٽي آءِ جو توهينِ عدالت جي درخواست ۽ احتجاجي تحريڪ تيز ڪرڻ جو اعلان

شفا اسپتال بدران پمز اسپتال وٺي وڃڻ تي انتظاميا ۽ حڪومت جو رويو انتهائي افسوس جوڳو هو: پي ٽي آءِ

پي ٽي آءِ ڪارڪنن طرفان شفا اسپتال جي رستي ۽ ٻاهران پيدا ڪيل سيڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي عمران خان کي پمز اسپتال منتقل ڪيو ويو

رات جي اونداهي ۾ ٻيهرين خبر نه پئي، پر اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڪلاڪ اندر اڊيالا کان شفا اسپتال پهچائينداسين، پر اسان کي انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ويو: ڊاڪٽر فيصل

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي حڪم جي ابتڙ عمران خان کي طبي معائني لاءِ شفا اسپتال بدران پمز اسپتال وٺي وڃڻ تي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جو نشانو بڻجندڙ خاندانن جو ڏک برداشت جوڳو نه آهي: فضل چوڌري

شهيدن جون قربانيون هميشه اسان جي دلين ۾ زنده رهنديون، دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين

قربانيون ان عزم جو ثبوت آهن ته پاڪستاني قوم دهشتگردي سامهون ڪڏهن ڪنڌ ناهي جهڪايو

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ دڪانن کي سيل ڪرڻ دوران مزاحمت، مظاهرين طرفان گهيراءُ ۽ ڀڃ ڊاهه جو ڪيس

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ انتظاميه ۽ چيف ميونسپل آفيسر طرفان پوليس سان گڏجي نيو بس ٽرمينل ۾ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

صدر پاران 49 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس جي گڏيل انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائين ۾ فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج جي 49 دهشتگردن کي جهنم پهچائڻ تي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

عيد ميلاد النبي ﷺ تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان

26 آگسٽ اربع ڏينهن سڄي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اظهر رضوي وفاقي آئيني عدالت جي وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) جسٽس سيد حسن بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ، انتظاميه ۽ عدليه لاءِ آئيني ڪردار موجب ڪم ڪرڻ ضروري آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

سول سروس اڪيڊمي لاهور ۾ 54 هين ڪامن ٽريننگ پروگرام (سي ٽي پي) جي تربيت هيٺ آفيسرن جي وفد چيف جسٽس سان ملاقات ڪئي

وفد جي قيادت سول سروسز اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جنرل فرحان عزيز خواجه ڪئي، فيڪلٽي ميمبر به وفد سان گڏ هئا

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي پارلياماني جمهوريت، اختيارن جي ورڇ ۽ آئيني حڪمراني جي اصولن جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو آهي ته قانون جي حڪمراني بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي تقريب ۾ شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان خلاف ڪارروايون، 49 دهشتگرد مارجي ويا

ڪجهه ڏينهن دوران سيڪيورٽي فورسز پوليس سان گڏجي ڳجهي اطلاع جي بنياد تي تيز رفتار ۽ ڪيترائي آپريشنز ڪيا

اهي ڪارروايون ڀارتي پراڪسيز فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي خاتمي لاءِ جاري بنا ڪنهن فرق جي دهشتگرديءَ جي خاتمي واري مهم جو حصو هيون

بنون، اتر وزيرستان، اورڪزئي ۽ خيبر ضلعن ۾ آپريشنز دوران ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 12 خوارجين کي ماريو ويو

ڪارروايون دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار، ڌماڪيدار مواد سان ڀريل ڊرم ۽ ريموٽ ڪنٽرول سميت گوليون ۽ اوزار قبضي ۾ وٺي تباهه ڪيا ويا، دهشتگردن جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ ڀارتي پراڪسيز فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي خاتمي لاءِ مختلف ڪارروايون دوران 49 خوارجي دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر پاران جاري بيان موجب دهشتگرديءَ جي خطري جي خاتمي ۽ خوارجين ۽ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ پي ٽي آءِ جي باني جو اسپتال ۾ طبي معائنو ڪرايو ويو: عطاءُ الله تارڙ

طبي معائني موجب پي ٽي آءِ جو باني صحتمند نظر آيو، سمورو عمل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ کيس واپس اڊيالا جيل منتقل ڪيو ويو

عدالتي حڪم جي روشني ۾ قيدي کي 20 ۽ 21 آگسٽ 2026ع جي وچ واري رات مناسب سيڪيورٽي انتظامن ۾ اسپتال آندو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ پي ٽي آءِ جي باني جو اسپتال ۾ طبي معائنو ڪرايو ويو طبي معائني بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق سان ملائيشيا جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

عمران خان جي صحت کي ڪو به خطرو ناهي، ان تي سياست نه ڪئي وڃي: خواجه آصف

پنهنجي دور ۾ عمران خان شريف پائرن سميت سڀني جي بيمارين جو مذاق جلسن ۾ اڏائيندو هو جنهن جون وڊيوز ڊيکاري سگهجن ٿيون

بلڊ پريشر جي دوا هو وٺندو آهي ۽ هر عمر سان گڏ هلندو رهندو آهي، هو روزانو ٽي ڪلاڪ ورزش ڪندو آهي

سياست هڪ مشڪل ڪم آهي، ان ۾ آزمائشون به اينديون آهن، نواز شريف جي پليٽليٽس جي گهٽتائي جو مذاق اڏايو ويندو رهيو

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته عمران خان جي صحت کي ڪو به خطرو ناهي، هو صحتمند آهي، سنڌس صحت تي سياست نه ڪئي وڃي، پنهنجي دور ۾ عمران خان بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جو اجلاس سومر ڏينهن 4 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جو اجلاس سومر ڏينهن منجهند چار وڳي تائين ملتوي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ، 60 ورهين جو پيرسن قتل، جوابدار فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي لياري بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: فيضان مدينه ڏانهن ويندڙ رستن کي روشنين سان سينگاريو ويو آهي

ڀارتي رياست گجرات ۾ زهريلو شراب پيئڻ سبب 8 ڄڻا فوت، 40 اسپتال منتقل

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي اولهندي رياست گجرات ۾ مبينا طور تي سيگانول بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

جهنگ: ريلوي واري وفاقي وزير حنيف عباسي سانڊل ايڪسپريس جي مسافرن کي الوداع چوندي

عمرڪوٽ ۾ نامعلوم چور دڪان ڇت ٽوڙي لکين رپين جو سامان کڻي فرار

چوري ٿيل سامان جي ماليت لڳ ڀڳ 40 لک رپين کان وڌيڪ آهي: متاثر دڪاندار

پوليس پهچي تفصيل ورتا، ليبڪراج مالهي ۽ ڊي ايس پي ميان اظهر وچ ۾ تلخ ڪلامي

عمرڪوٽ (نج) عمرڪوٽ جي مين مارڪيٽ چوڪ ۾ انفينيٽي موبائيل سينٽر علي رضا سمون جي دڪان تي رات دير بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت

ڪينٽ اسٽيشن تي 45 سالن جي طاهرا زال منير نماز ادا ڪندي هيٺ ڪرڻ سبب فوت ٿي وئي

ماڙيپور روڊ تي ٽرڪ اڳتي ويجهو مزدا جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار سلمان ولد عبدالامين فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. ريلوي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ گهر ڇڏائيل ٽينگري پنهنجي ئي گهر مان هٿ آئي ورهين ٿاڻي منتقل

مراد واهڻ ٻاڙي مان گهر ڇڏائيل 14 ورهين جي ٽينگري هير ڌيءَ اعجاز چانڊيو پنهنجي ئي گهر مان هٿ آئي

ٽينگري جي ڀاءُ علي رضا پٽر جي فرياد تي ٽن اڻڄاتل جوابدارن مٿان داخل پڻ ڪيو ويو هو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گهر ڇڏائيل 14 ورهين جي ٽينگري هير پٽو وارو معاملو پوليس واقعي جو ڪيس داخل بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ڇهن ضلعن جي ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي تصديق، ڪشمور هڪ ڪيس ظاهر

سينٽرل، اوڀر، ڪياماڙي، ملير، ڏکڻ ۽ اولهه ضلعن جا ماحولياتي نمونن جي رپورٽ مثبت آئي آهي: عملدار

ڪشمور ضلعي مان ورتل ماحولياتي نموني ۾ پڻ پوليو وائرس جي موجودگي جي تصديق ٿي آهي

ماهرن پاران ننڍن جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ ۽ مهم وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڇهن ضلعن مان ورتل ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي موجودگي جي تصديق ٿي آهي قومي ايمرجنسي آپريشن سينٽر فار پوليو موجب ڪراچي جي وچولي اوڀر ڪياماڙي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جو گورنر هائوس ٻاهران ڌرڻو جاري، اڄ عام جلسو ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر هائوس ڪراچي ٻاهران پيٽروليم ليوي ٽيڪس بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

منشيات ڊيلر ٽنڪي جي ٽن ڪيسن ۾ برئيت خلاف پراسيڪيوشن اپيل تيار

برئيت وارو فيصلو قانوني اصولن جي ابتڙ قرار، سنڌ هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪرڻ جو فيصلو

فرد جرم لاڳو ٿيڻ واري ساڳئي ڏينهن جوابدارن جي غير موجودگي ۾ برئيت جو فيصلو ٻڌائڻ تي اعتراض

پراسيڪيوٽر کي موقف پيش ڪرڻ لاءِ مناسب وقت نه ڏيڻ جو الزام، شاهد به طلب نه ڪيا ويا: پراسيڪيوشن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊرگ ڊيلر انمول عرف ٽنڪي جي ٽن ڪيسن ۾ برئيت خلاف پراسيڪيوشن اپيل تيار ڪري ورتي آهي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي منظوري لاءِ اپيل جو مسودو بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ روٽ پرمٽ ۽ فٽنيس کانسواءِ هلندڙ گاڏين خلاف سخت ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

ڊجيٽلائزڊ روٽ پرمٽ، صحيح فٽنيس سرٽيفڪيٽ ۽ فائر ايڪسٽنگوشر کانسواءِ هلندڙ گاڏيون تحويل ۾ ورتيون

دستي روٽ پرمٽ غير مؤثر قرار ڏئي منسوخ ڪرڻ ۽ ڀڃڪڙي ڪندڙن جي فهرست تيار ڪرڻ جو حڪم

ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڏنڊ، روٽ پرمٽ معطلي ۽ ضرورت پوڻ تي لائسنس منسوخي تائين ڪارروائي ٿيندي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت صوبي جي سمورن علائقن ۾ پبلڪ سروس گاڏين خلاف جامع انفورسمينٽ مهم ۽ ڪريڪ ڊائون شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ صوبائي ۽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽين سمورن ڊي آر ٽي ايز ۽ موٽر وهيڪل انسپيڪشن ونگ کي فوري طور تي سخت چيڪنگ ۽ انفورسمينٽ ڊرائيو شروع ڪرڻ جون هدايتون جاري بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو مسافر ڪوچ ۽ ٽرڪ ۾ خوفناڪ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، 2 زخمي

ٽول پلازا ٻلوچ ڪمپني وٽ حادثي ڪانپوءِ ريسڪيو ٽيمون پهچي امدادي ڪارروايون ڪيون

فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، حادثي جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن حديد لنڪ روڊ تي مسافر ڪوچ ۽ ٽرڪ ۾ خوفناڪ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، 2 زخمي ڪراچي جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ملتان: صوفين جي شهر ملتان مان سج لهڻ جو هڪ خوبصورت منظر

ڪراچي ۾ ڇهم تعزيي جي جلوسن لاءِ فول پروف سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو

جلوسن جي رستن، چڙهن، داخلا ۽ روانگي وارن هنڌن تي اضافي نفري مقرر ڪئي ويندي

سرچ پارٽيون ۽ سي سي ٽي وي ڪنٽرول رومز ذريعي نگراني، اسپتالن تي پڻ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس چيف بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي 260 يونين ڪائونسلن لاءِ اسٽريٽ لائيٽس ڏنيون ويون آهن: مرتضيٰ وهاب

شهر جي ترقياتي منصوبن جا تفصيل آن لائن فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

جماعت اسلامي جي ڌرڻي تي اعتراض ناهي، پر سبب شهرين کي تڪليف نه ٿيڻ گهرجي: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڊسٽرڪٽ بار جي چونڊن بعد فاتح اميدوار ۽ سندن حمايتي

بلوچستان ۾ ڀارتي سرپرستي هيٺ دهشتگرد نيٽ ورڪ جو خاتمو وڏي ڪاميابي آهي: مراد علي شاهه

پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي قربانين کي قوم ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سنڌ حڪومت ۽ عوام پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهن: وڏو وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت طرفان عيد ميلادالنبي صه ڏهاڙي 26 آگسٽ تي عام موڪل جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت عيد ميلادالنبي صه جي موقعي تي 26 آگسٽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فلسطين سان يڪجهتي ۽ قبله اول جي دفاع لاءِ احتجاجي مظاهرو

مسلم حڪمرانن کان قبله اول جي دفاع لاءِ گڏيل ۽ عملي حڪمت عملي جوڙڻ جو مطالبو

فلسطين ۽ لبنان ۾ اسرائيلي جارحيت جي مذمت، او آءِ سي جي ڪردار تي پڻ سخت تنقيد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فلسطين فائونڊيشن پاڪستان جي اپيل تي سڄي ملڪ ۾ 21 آگسٽ تي يوم دفاع مسجد اقصيٰ ملهايو بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ليڊز ٽيسٽ: پاڪستان کي انگلينڊ هٿان اننگز ۽ 103 رنسن تان شرمناڪ شڪست

ٽئين ڏينهن انگلينڊ پاڪستان کي ٻي اننگز ۾ 135 رنسن تي آل آئوٽ ڪري ڇڏيو

انگلينڊ 409 رنسون ٺاهي پاڪستان خلاف 238 رنسن جي سرسي حاصل ڪئي هئي

ليڊز (مانيٽرنگ ڊيسڪ) انگلينڊ ٻيهرين ٽيسٽ ميچ ۾ پاڪستان کي اننگز ۽ 103 رنسن تان شڪست ڏئي 3 ٽيسٽ ميچز بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سوشل ميڊيا تي رياست مخالف مهم واري ڪيس ۾ جوابدار جي ضمانت رد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي عدالت سوشل ميڊيا تي رياست مخالف مهم بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ چيني شهرين جي سيڪيورٽي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

چيني وقتي قونصل جنرل ڦينگ ڊيهينگ صوبائي گهرو ڪاتي جي سينيئر عملدارن سان ملاقات ڪئي

سنڌ حڪومت پاران چيني شهرين جي تحفظ ۽ پاڪ چين دوستي کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوامي جمهوريه چين جي وقتي قونصل جنرل ڦينگ ڊيهينگ سنڌ جي گهرو کاتي جي آفيس ۾ گهرو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۾ ايل پي جي ڌماڪي جو ٻيو زخمي به فوت، فوتين جو انگ 2 ٿي ويو

سلينڊر ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل سڪندر ٻڙدي گمس اسپتال ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو

ان کان اڳ سندس ڀاءُ سليم ٻڙدي به زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي چڪو

ٻن ڄڻن جي حالت اڃا تائين ڳڻتي جوڳي، واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانيل

خيرپور (ن ج) خيرپور ۾ ايل پي جي دڪان ڌماڪي جو ٻيو زخمي به فوت، پاڻن سميت فوتين جو انگ 2 ٿي ويو خيرپور جي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽائون شپ واري علائقي پرسان هڪ هفتو اڳ ايل پي جي دڪان ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب سخت زخمي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪورنگي ۾ ايس ايس پي آفيس سامهون قائم گهر مان مبينا لکين رپين جي ڦر

اڻڄاتل هٿياربندن رهواسي واجد حسين شاهه جي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪئي

ڪورنگي سائيٽ (ن ج) ڪورنگي سائيٽ لڳ ايس ايس پي آفيس جي مک گيٽ جي سامهون سيد واجد حسين شاهه جي گهر بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف ريلي تي پوليس چڙهائي، عورتن سميت ڪيترائي ڪارڪن گرفتار

عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ طرفان جاڳرتا مهم ريلي دوران پوليس پهچي رستا روڪ ڪيا، چڪتاڻ

عوامي تحريڪ جا مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ ساجد مهيسر، نور احمد ڪاتيار، علي حسن وڪڙ سميت ٻيا ڪارڪن گرفتار

سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ ماهه نور ملاح، ثمرين خاصخيلي، پرهه نور ۽ ٻين ڪارڪنن کي به تحويل ۾ ورتو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ورهاڱي، معدني وسيلن ۽ زمينن تي قبضن خلاف ريلي ۽ جاڳرتا مهم ڪڍڻ تي لاڙڪاڻي پوليس عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ هڪ اسٽال سينگاريل آهي

گهوٽڪي ۾ گهر کي باهه، عورت سڙي فوت، مڙس تي ساڙي مارڻ جو الزام

شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي، سامان سڙي ويو، زال به سڙي فوت ٿي: ذيشان جت

فوتي عورت جي ڀاءُ جو ذيشان جت تي ڀيڻ کي ساڙي مارڻ جو الزام

فائربرگيڊ عملي واقعي واري هنڌ پهچي باهه وسائي، معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري

گهوٽڪي (رپورٽ: فرمان سومرو) گهوٽڪي جي غلا منڊي ۾ گهر کي باهه لڳڻ سبب هڪ عورت عروس جت سڙي فوت ٿي وئي، عورت جي مڙس ذيشان پاران واقعو شارٽ سرڪٽ سبب قرار ڏنو آهي ته عورت جي ڀاءُ پاران ڀيڻ کي ساڙي مارڻ جو الزام لڳايو ويو آهي، ميڊيا رپورٽ مطابق ته ذيشان عرف شاني جت جي گهر ۾ باهه لڳي وئي، لکين رپين جو سامان سڙي ويو باهه سبب عروس زال ذيشان جت سڙي فوت ٿي وئي، واقعي ڪانپوءِ فائربرگيڊ عملو پهچي ويو

لاهور: حضرت ميان مير جي عرس جي موقعي تي فقير ڌمال هڻي رهيو آهي ٻئي طرف عورتون ڏيئا ٻاري رهيون آهن

بقايا 1 روزاني عبرت

جي اتحاد جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد قيصر جو چوڻ آهي ته جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي دعوت تي مخالف ڌر جي قيادت سندس رهائشگاهه ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ اسد قيصر چيو ته حڪومت خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي لاءِ عدليه سان رابطو ڪنداسين. هن چيو ته اسان جو سڄو ڌيان هاڻي 27 سيپٽمبر واري تحريڪ تي هوندو. پي ٽي آءِ اڳواڻ جنيد اڪبر جو به چوڻ آهي ته مولانا سان ملاقات اڄ ٿيندي، پارلياماني پارٽي جي اجلاس ۾ ڪيترين ئي ڳالهين تي اتفاق ٿيو آهي، ڪوشش آهي ته حڪومت کان ناراض قوتون هڪ هنڌ گڏ ٿين. واضح رهي ته جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان گذريل ڏينهن "متحده اپوزيشن" جي قيام جو اعلان ڪيو هو. مولانا فضل الرحمان قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود اچڪزئي سان اهم ملاقات ڪئي هئي، جنهن ۾ هن متحده اپوزيشن جي قيام جو اعلان ڪيو هو.

بقايا 2 روزاني عبرت

جي حل جو بهترين طريقو مشاورت ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ آهي، سمورين جائز شڪايتون ختم ڪنداسين. هو جمعي ڏينهن بلوچستان نيشنل ورڪشاپ کي خطاب ڪري رهيو هو جنهن ۾ بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي، وفاقي وزيرن، اسيمبلي ميمبرن، بلوچستان جي مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي. وزيراعظم ورڪشاپ جي شرڪت ڪندڙن کي حڪومت پاران ڀليڪار ڪيو. هن چيو ته بلوچستان پاڪستان جو اهو علائقو آهي جيڪو بلوچ ۽ پشتون قومن تي ٻڌل آهي جن جي تاريخ بهادري، مهمان نوازي، ڀائيچاري ۽ عظيم روايتن سان لکيل آهي. وزيراعظم چيو ته ڊائيلاگ جو مقصد رڳو حڪومت جي ڳالهه ٻڌائڻ نه آهي پر شرڪت ڪندڙن ۽ بلوچ عوام جي ڳالهه ٻڌڻ آهي. هن ياد ڏياريو ته پاڪستان جي وجود ۾ ايندي ئي بلوچستان جي مختلف حصن پاڪستان سان الحاق ڪيو قاضي محمد عيسيٰ، مير جعفر خان جمالي، اڪبر بگٽي سميت بلوچ اڳواڻن ۽ عوام سوچي سمجهي پاڪستان سان الحاق ڪيو هو ان ڳالهه جي ڏاڪڻ ۾ جيڪي واقعا ۽ حالتون ٿيون اهي تاريخ جو حصو آهن. بلوچستان جي معاملن کي ڊائيلاگ سان حل ڪرڻ گهرجي ها 1970ع ۾ بلوچستان کي چوٿين صوبي جو درجو مليو بلوچستان معدنيات سميت ٻين وسيلن سان مالامال هجڻ جي ڪري امير ترين صوبو آهي پر اهي وسيلا سمنڊ ۽ جبلن ۾ مدفون آهن، انهن مان فائدو کڻڻ جي لاءِ سرمائي ۽ مهارت جي ضرورت آهي، وفاق ۽ صوبو گڏجي ئي ان جي لاءِ قدم کڻي سگهن ٿا هن بلوچستان جي مسئلن کي جائز قرار ڏيندي چيو ته جاگرافيائي لحاظ کان وڏو صوبو هجڻ جي ناطي تعليم ۽ صحت جي سهولتن ۽ رستن جي تعمير ۾ مشڪلاتون آهن، انهن مسئلن جي حل لاءِ گڏيل مشاورت ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ضروري آهي پر مسئلن جي آڙ ۾ بندوق کڻڻ جو ڪو جواز نه آهي، ڪو به محب وطن اهو نه ٿو ڪري سگهي، بلوچستان ۾ مزدوري ڪندڙن کي يا سڃاڻپ جي بنياد تي ماڻهن کي قتل ڪرڻ جائز نه آهي، گڏيل ڳالهه ٻولهه سان مسئلا حل ڪرڻ گهرجن. هن واضح ڪيو ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي جي پٺيان فتنه الهندستان ۽ دشمن ملڪن مان وسيلا حاصل ڪندڙ آهن جيڪي بيگناهن کي شهيد ڪري رهيا آهن، پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا انهن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ قربانيون ڏئي عوام کي محفوظ بڻائي رهيا آهن. وزيراعظم چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان گڏجي ڪراچي کان چمن اين - 25 رستو تعمير ڪري رهيا آهيون، 415 ارب رپين جو منصوبو وفاق ڏئي اهو چئني صوبن جي عوام جو پئسو هو جيڪو بلوچستان تي لڳائي رهيا آهيون، اهو بلوچستان جي عوام لاءِ آهي. مسئلن جي آڙ ۾ بندوق کڻڻ قابل قبول نه آهي، ماضي ۾ جيڪو ٿيو سو ٿي ويو هاڻي مسئلن کي سامهون رکي گرينڊ ڊائيلاگ ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن اسان جون ڌيئرون ۽ فرزند پنهنجو رستو صحيح ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن ته انهن کي ڀليڪار چوڻ گهرجي. وزيراعظم افسوس جو اظهار ڪيو ته بدقسمتي سان رستي تي ڪم ڪندڙ مزدورن کي شهيد ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته معرڪه حق دوران پوري قوم هڪ جان ۽ هڪ دل هئي، اڄ اسان کي ويهي فرينڪ ڊائيلاگ ڪرڻ گهرجي، ان سان ئي رستو نڪرندو. هن چيو ته گوادر پورٽ خطي جي اهم ترين ۽ شاندار بندرگاهه آهي، گوادر پورٽ تي هڪ لک ٽن جو مال بردار جهاز لنگرانداز ٿي سگهي ٿو گوادر جو هوائي اڏو عظيم دوست چين پاران تحفي ۾ مليو. بلوچستان جي وڏي وزير جي مطالبي تي 22 هزار زرعي ٽيوب ويلن کي شمسي توانائي تي منتقل ڪيو ويو، 70 ارب رپين جي شمسي منصوبي ۾ 40 ارب رپيا وفاق خرچ ڪيا. اين ايف سي ايوارڊ جي اعلان جي موقعي تي وفاق فنڊنگ ۾ 100 سيڪڙو اضافو ڪيو پنجاب 11 ارب رپيا ساليانو بلوچستان کي فراهم ڪيا. آئون ان وقت وڏو وزير هئس، هڪ ڏينهن جي لاءِ به دل ۾ خيال نه آيو ته ڇو؟ ڇوته رياست جون چار ئي اڪائيون ترقي جي عمل ۾ برابر جون شريڪ آهن، جيڪڏهن ماني هڪ هجي ته چئني ڀائرن کي ورهائڻي پوندي. هن چيو ته جڏهن اهو فيصلو ڪري آئون پنجاب اسيمبلي ۾ ويس ته ميمبرن زوردار تاڙيون وڄايون، اسان ڀائيچاري جي رشتن ۾ ٻڌل آهيون، انهي جذبي سان بلوچستان کي ليپ ٽاپ، هوشيار شاگردن ۾ وظيفن جي ورڇ ۾ شامل ڪيو انهن جو حصو انهن جي آبادي جي تناسب کان به 10 سيڪڙو وڌيڪ رکيو ان موقعي تي ورڪشاپ جي شرڪت ڪندڙن سان سوال ۽ جواب واري ويهڪ ۾ وزيراعظم چيو ته وفاق پاران بلوچستان جي 9 ضلعن ۾ دانش اسڪول قائم ڪيا پيا وڃن جن ۾ ايچي سن جي معيار جي تعليم ڏني وڃي ٿي ڇو ته بلوچستان جي پٺتي پيل علائقن جا ٻار به معياري تعليم جا حقدار آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ وزيراعظم چيو ته ڪوئيٽا چمن رستي جي لاءِ وڌيڪ سئو يا ٻه سئو ارب به فراهم ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون پر دهشتگردن کي نه روڪيو ويو ته صوبي ۾ ترقي جو عمل رڪجڻ جو خدشو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ وزيراعظم چيو ته آءِ ٽي روانگي واپار ۾ 21 سيڪڙو اضافو ٿيو آن ۾ وڌيڪ اضافو متوقع آهي، چانور جي آبادگارن کي برآمدات ۾ گهٽتائي جي ڪري 11 ارب رپين جي سبسڊي ڏني وئي ته جيئن اهي ٻين ملڪن جو مقابلو ڪري سگهن ۽ ملڪ ۾ ڊالر اچن، رڳو هڪ آئٽم جي اسمگلنگ روڪڻ سان 125 ارب رپيا قومي خزاني ۾ آيا، عوامي مفاد ۾ گڏجي ڪم ڪريون ته ترقي ۽ خوشحالي جو انقلاب آڻي سگهون ٿا. وزيراعظم هڪ سوال جي جواب ۾ پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ کي ڪوئيٽا وڃي صوبي ۾ سردين ۾ گئس لوڊ شيڊنگ جو مسئلو حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي وزيراعظم جي هدايت تي ٻڌايو ته صوبي ۾ به بهترين اسپتالون دل جي مرض جون علاج ڪري رهيون آهن. هن سولر ٽيوب ويلز جي منصوبي تي وزيراعظم جا ٿورا ادا ڪيا ۽ چيو ته زميندارن کي ان سان وڏو فائدو ٿيو هڪ سوال جي جواب ۾ وزيراعظم واعدو ڪيو ته هو انساني حد تائين بلوچستان جي ترقي جي لاءِ وسيلا فراهم ڪندو پر سيڪيورٽي جي ذميواري وٺڻي پوندي. هڪ سوال جي جواب جي لاءِ وزيراعظم وفاقي وزير احسن اقبال کي موقعو ڏنو جنهن ٻڌايو ته وفاقي حڪومت پي ايس ڊي پي جي لاءِ هڪ هزار ارب رپين جي بجيٽ رکي، پي ايس ڊي پي ۾ بلوچستان جي لاءِ 200 ارب رپيا ۽ پنجاب جي لاءِ 70 ارب رپيا رکيا ويا، اڳوڻي وزيراعظم محمد نواز شريف جي دور ۾ به بلوچستان ۾ 650 ڪلوميٽر ڊگها رستا تعمير ڪيا ويا. هن ٻڌايو ته ڪوئيٽا، گوادر رستي جي تعمير دوران 43 مزدورن جانين جو نذرانو پيش ڪيو. بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي بلوچستان جي نمائنده ماڻهن کي گهرائڻ تي وزيراعظم جا ٿورا ادا ڪيا.

بقايا 3 روزاني عبرت

کي فروغ ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي. جمعي ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف ملائيشيا جي وزيراعظم داتوسري انور بن ابراهيم سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه دوران وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊاڪٽر انور ابراهيم جي خيريت معلوم ڪئي ۽ سندس جلد ۽ مڪمل صحتيابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ٻنهي وزيراعظمن پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون جي موجوده مثبت اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ٻنهي اڳواڻن ان رفتار کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ خاص طور تي گڏيل واپار ۽ سيڙپڪاري جي رابطن کي فروغ ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. ڳالهه ٻولهه دوران علائقائي صورتحال خاص طور تي ٿار جي صورتحال پڻ بحث هيٺ آئي. ڊاڪٽر انور ابراهيم پاڪستان جي علائقائي امن جي لاءِ ڪئي ويندڙ ڪوششن کي ساراهيو ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ساراهه جوڳي ڪوششن، قيادت ۽ رهنمائي تي ٿورن جو اظهار ڪيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف علائقائي امن جي لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جي مسلسل حمايت تي پنهنجي ملائيشين هم منصب جا ٿورا ادا ڪيا. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان امن جي فروغ جي لاءِ ملائيشيا سميت ڀائر ۽ دوست ملڪن سان ويجهو تعاون جاري رکندو خاص طور تي وچ اوڀر ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ جي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون. ٻنهي اڳواڻن ويجهي مستقبل ۾ گڏيل طور تي موزون موقعي تي ملاقات ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف وزيراعظم ڊاڪٽر انور ابراهيم کي پنهنجي سهولت موجب جلد کان جلد پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪرڻ جي دعوت پڻ ورجائي.

بقايا 4 روزاني عبرت

وڌائڻ جي لاءِ مفاهمت جي يادداشت (ايم او يو) تي صحيحون ٿيون. جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ان تعاون جو مقصد پاڪستان جي آءِ ٽي روانگي واپار ۽ مجموعي ڊيجيٽل معيشت کي 2030ع تائين 30 ارب ڊالر تائين پهچائڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ آهي. بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف گوگل جي اعليٰ قيادت جي وفد جي اعزاز ۾ خصوصي آجياڻو ڏنو ۽ ايم او يو تي صحيحن واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي. آءِ ٽي ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه، ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، گوگل جي حڪومتي معاملن ۽ پبلڪ پاليسي بابت نائب صدر ولسن وائٽ، آمريڪي ناظم الامور نٽالي اي بيڪر ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پنهنجي خطاب ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان ۽ گوگل جي حصيداري جي حوالي سان اڄ هڪ اهم ڏينهن آهي، جديد ذريعن، ٽيڪنالاجي ۽ نئين مهارت جي ذريعي نوجوانن کي بااختيار بڻايو ويندو. هن چيو ته پاڪستان هن وقت گورننس سميت مختلف شعبن ۾ وڏي ڊيجيٽل تبديلي مان گذري رهيو آهي، اسان جي نوجوان آباديءَ ملڪ جي تقدير بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو ته گذريل ٻن سالن دوران حڪومت پاڪستان جي ڊيجيٽل انفراسٽرڪچر کي جديد بڻائڻ، ڪاروبار ڪرڻ جي عمل کي آسان بڻائڻ ۽ آءِ ٽي جي شعبي ۾ مهارت رکندڙ ماڻهن جي صلاحيت وڌائڻ جي لاءِ ڀرپور ڪم ڪيو آهي. هن چيو ته اڄ جي تقريب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ پاڪستان جي ڊيجيٽل تبديلي جي ايجنڊا تي ٿيندڙ اڳڀرائي جو ثبوت آهي. گوگل جي پاڪستان، فلپائن ۽ ٿائيلينڊ جي ڪلسٽر ڊائريڪٽر فرحان قريشي چيو ته پاڪستان سان حصيداري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ گوگل جي لاءِ اعزاز جوڳو آهي، اهو تعاون پاڪستان جي ڊيجيٽل صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻڻ ۽ نوجوان نسل کي جديد مهارتون فراهم ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي. هن چيو ته گوگل پاڪستان کي 30 ارب ڊالر جي ڊيجيٽل معيشت جي هدف طرف وڌڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي. آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وزارت جي سيڪريٽري ضرار هاشم خان ۽ گوگل جي سائوٿ ايسٽ ايشيا ۽ سائوٿ ايشيا پبلڪ پاليسي جي سربراهه ڊيوڊ ويلر ايم او يو تي صحيحون ڪيون. ايم او يو تحت گوگل 2026ع ۾ پاڪستاني نوجوانن کي 150000 گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس فراهم ڪندو انهن سرٽيفڪيٽس جي ذريعي نوجوانن کي مارڪيٽ جي ضرورتن موجب وڌيڪ طلب وارين فني مهارتون حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو. گوگل پاڪستان ۾ گوگل ڪيريئر سرٽيفڪيٽس پروگرام کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي امڪانن جو پڻ جائزو وٺندو ته جيئن تيزي سان ترقي ڪندڙ شعبن ۾ نوجوانن جي لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهجن. گوگل سڄي پاڪستان جي شاگردن کي جديد اي آءِ ٽولز فراهم ڪرڻ جي امڪانن جو پڻ جائزو وٺندو جن ۾ گوگل اي آءِ پلس ۽ جيميناءِ نوٽ بڪ تائين هڪ سال جي مفت پهچ پڻ شامل آهي. ان سهولت جو مقصد شاگردن کي تعليم ۽ تحقيق ۾ مدد ڏيڻ، انهن جي چٽاڀيٽي صلاحيت وڌائڻ ۽ آءِ ٽي روانگي واپار ۾ انهن جي ڪردار کي مضبوط بڻائڻ آهي. بيان موجب ٻنهي ڌرين اسلام آباد ۾ هڪ خصوصي اي آءِ سينٽر آف ايڪسي لينس قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ان مرڪز ۾ پاڪستاني نوجوانن ۽ انساني وسيلن کي عالمي ٽيڪنالاجي مارڪيٽ جي معيار موجب تربيت ڏني ويندي. وزيراعظم جي ايف بي آر جي سڌارن جي منصوبي تحت گوگل، ايف بي آر کي اي آءِ جي استعمال جي ذريعي عوامي خدمتن کي جديد بڻائڻ، حڪومتي معاملن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۽ ايف بي آر جي ڊيجيٽل تبديلي تيز ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪندو ان ڪانسواءِ زراعت جي شعبي ۾ به اي آءِ جو استعمال ڪيو ويندو جنهن سان فصل جي نگراني، پيداوار جو اندازو لڳائڻ ۽ پائيدار زرعي طريقن کي فروغ ڏيڻ ۾ مدد ملندي. ڊيجيٽل پليٽ فارمز ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي عالمي منڊين تائين پنهنجي پهچ وڌائڻ ۾ پڻ مدد فراهم ڪندا. ايم او يو تحت گوگل ۽ پاڪستان مقامي ايپ ڊيولپرز ۽ گيمنگ اسٽوڊيوز جي معاونت جي لاءِ گڏجي ڪم ڪندا. ٻئي ڌريون ڊيجيٽل پيمنٽس ايڪو سسٽم کي مضبوط بڻائڻ ۽ ڊيجيٽل ٽريڊ کي فروغ ڏيڻ جي طريقن جو پڻ جائزو وٺنديون. حڪومت، گوگل ۽ اهم صنعتي ادارن جي نمائندن تي ٻڌل هڪ گڏيل ٽاسڪ فورس پڻ قائم ڪئي ويندي. اها ٽاسڪ فورس آءِ ٽي روانگي واپار ۾ اضافي جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽن ۽ موقعن جي نشاندهي ڪندي. ٽاسڪ فورس هارڊ ويئر مينوفيڪچرنگ ۽ آءِ ٽي سروسز جي لاءِ سيڙپڪاري جي فريم ورڪ، عالمي منڊين تائين پهچ وڌائڻ ۽ انساني وسيلن جي اپ اسڪلنگ سميت ٻين معاملن تي ڪم ڪندي.

بقايا 5 روزاني عبرت

بئنڪ (ADB) جي حڪام سان اهم اجلاس سنڌ آرڪائيوز ڪامپليڪس آفيس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ سنڌ ۾ زراعت، قدرتي وسيلن جي ترقي، زرعي مشينيڪاري، ويليو چينز ۽ پائيدار ترقياتي رٿابنديءَ بابت معاملن تي تفصيلي ٻڌڻي ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي پرنسپل نيچرل ريسورسز ۽ ايگريڪلچر اڪانومسٽ شنگو ڪيمورا، ايگريڪلچر ۽ نيچرل ريسورسز آفيسر عمر سعيد، اي ڊي بي جي ڪنسلٽنٽ ڪاظم سعيد ۽ ڪنسلٽنٽ بنارس خان شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ جي زرعي شعبي جي ترقي، جديد زرعي مشينري ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي هٿي ڏيڻ، قدرتي وسيلن جي اثرائتي ۽ پائيدار استعمال، زرعي پيداوار ۾ واڌ، ويليو چينز کي مضبوط ڪرڻ ۽ هارين کي مارڪيٽ سان بهتر طريقي سان جوڙڻ واري حوالي سان ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ جي سهڪار ۽ امڪاني قدمن جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي صوبائي وزير جام خان شورو چيو ته سنڌ حڪومت زراعت ۽ قدرتي وسيلن جي شعبي ۾ پائيدار ترقي، جديد ٽيڪنالاجي ۽ زرعي مشيني ڪاشتڪاريءَ کي هٿي ڏيڻ، هارين جي پيداواري صلاحيت ۾ واڌ ۽ زرعي ويليو چينز کي بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي رهي آهي. جام خان شورو چيو ته بين الاقوامي ترقياتي ادارن، خاص طور تي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي سهڪار سان انهن قدمن کي وڌيڪ اثرائتو ۽ نتيجا خيز بڻائي سگهجي ٿو. اجلاس ۾ زرعي مشيني ڪاشتڪاري، ويليو ايڊيشن، مارڪيٽ لنڪيجز، قدرتي وسيلن جي بهتر انتظام ۽ مستقبل جي ترقياتي رٿائن بابت وڌيڪ سهڪار جي امڪانن تي به غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ ٻاهمي سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ زراعت ۽ قدرتي وسيلن بابت ترقياتي رٿائن تي اڳڀرائي جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 6 روزاني عبرت

شريف ڀائرن سميت سيني جي بيمارين جو مذاق جلسن ۾ اڏائيندو هو جنهن جون وڊيوز هن جي ايوان جي اسڪرينن تي ڏيکاري سگهجن ٿيون. جمعي ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ گوهر علي خان جي اعتراض واري نقطي جي جواب ۾ هن چيو ته عمران خان جي ڀيڻ جيڪا ڊاڪٽر به آهي ان جي عمران خان سان ملاقات ٿي آهي، هو ان جي صحت بابت ٻڌائي سگهي ٿي، ان جي ذاتي معالج هن ايوان جي هڪ معزز ميمبر کي ٻڌايو ته عمران خان جي اک جو معاملو هو جيڪو آهستي آهستي هاڻي ٺيڪ ٿي چڪو آهي، سندس صحت کي ڪو به خطرو ناهي، بلڊ پريشر جي دوا هو وٺندو آهي ۽ هر عمر سان گڏ هلندو رهندو آهي، هو روزاني ٽي ڪلاڪ ورزش ڪندو آهي، معمول موجب سٺي خوراڪ وٺندو آهي، سندس صحت تي سياست نه ڪئي وڃي. هن چيو ته آئون جڏهن جيل ۾ هئس ته جناح اسپتال ۾ منهنجي سرجري جي وقت هڪ سائيڪا ٽرسٽ جي ڊيوٽي لڳائي وئي هئي ته آپريشن جي وڊيو موڪلائي آهي ته سندس آپريشن ٿيو آهي يا نه. اسان جي بيماري ۽ مشڪلاتن کي اپاريو ويندو هو عمران خان کي ڪورٽ جي حڪم تي اسپتال آندو ويو آهي، سندس رپورٽون ڏسي سگهجن ٿيون. سندس صحت جي حوالي سان فڪرمند هجڻ جي ڪا به ڳالهه نه آهي. هن چيو ته سياست هڪ مشڪل ڪم آهي، ان ۾ آزمائشون به اينديون آهن، هن چيو ته ميان نواز شريف جي پليٽليٽس جي گهٽتائي جو مذاق اڏايو ويندو رهيو سندس تازو ٿي جنيوا ۾ به سرجريز ٿيون آهن، عمران خان جون ڪيترين ئي وڊيوز هتي ڏيکاري سگهجن ٿيون جن ۾ هو سندس بيماري جو مذاق اڏائي رهيو آهي. هن چيو ته هن ملڪ ۽ ايوان جي سالميت کي هر وقت چئلينج ۾ رکڻ حب الوطني ناهي، اسان جي سڄي قيادت گرفتار هئي ۽ اسان هتي هن ايوان ۾ اچي ڪارروائي جو حصو بڻجندا هئاسين، پنهنجو بزنس اڪلائيندا هئا. اسان ان وقت نه چيو ته اسان جي قيادت قيد ۾ بند آهي ته اسان ايوان جي ڪارروائي جو حصو نه بڻجنداسين. ان بنياد تي سسٽم کي داءَ تي نه لڳايو وڃي. هن ملڪ ۾ سياسي معيار ڪڏهن به اعليٰ ناهي رهيو ان لاءِ ٿورو برداشت جو حوصلو پيدا ڪيو وڃي.

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪيو ويو. جمعي ڏينهن تي صدر نشين سينيٽر منظور ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ سينيٽ اجلاس شروع ٿيو. قرآن جي تلاوت ۽ نعت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم بعد سوالن جي وقفي دوران سينيٽر مشال يوسفزئي اعتراض جي نقطي تي ڳالهائڻ چاهيو ان دوران صدر نشين کيس سوالن جي وقفي تي ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي پر هن ڪورم جي نشاندهي ڪري ڇڏي، جنهن تي صدرنشين گهنٽي وڄائڻ جي هدايت ڪئي. صدر نشين منظور ڪاڪڙ ڪورم پورو نه هجڻ تي سينيٽ جو اجلاس سومر ڏينهن چار وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

بقايا 8 روزاني عبرت

واري علائقي ۾ اٺ چوڪ ويجهو نوراللاهي روڊ تي نامعلوم هٿياربند فائرنگ ڪري 60 ورهين جي بزرگ شهري کي قتل ڪري ڇڏيو. ڪلاڪوٽ ٿاڻي جي حدن ۾ پيش آيل واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ شاهديون گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائيم سين يونٽ کي پڻ طلب ڪيو ويو پوليس موجب مقتول جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي سندس سڃاڻپ 60 ورهين جي صابر خان ولد سلطان خان طور ٿي. ايس ايچ او ڪلاڪوٽ آغا معشوق علي موجب صابر خان پنهنجي ڀائٽي سان گڏ موٽرسائيڪل تي وڃي رهيو هو ته رستي ۾ نامعلوم هٿياربندن کيس فائرنگ جو نشانو بڻايو پوليس واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 9 روزاني عبرت

مليس ڏکڻ ۽ اولهه ضلعن مان ورتل ماحولياتي نمونا پوليو وائرس لاءِ مثبت آيا آهن. اين اي او سي موجب جون مهيني دوران ڪراچي جي انهن ڇهن ضلعن مان ورتل ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جو پتو نه لڳو هو جڏهن ته جولاءِ دوران وائرس جي موجودگي سامهون آئي آهي. سنڌ جي ڪشمور ضلعي مان جولاءِ ۾ ورتل ماحولياتي نموني ۾ پڻ پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي. رپورٽ موجب بلوچستان جي چمن، ڊيرا بگٽي ۽ ڪوئيٽا، خيبرپختونخوا جي بنون ۽ پشاور جڏهن ته پنجاب جي راولپنڊي مان ورتل ماحولياتي نمونن ۾ پڻ پوليو وائرس جي موجودگي جي تصديق ٿي آهي. صحت جي ماهرن موجب ماحولياتي نمونن ۾ پوليو وائرس جي موجودگي وائرس جي گردش جي نشاندهي ڪري ٿي، جنهن کي روڪڻ لاءِ پوليو کان بچاءَ واري مهم کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي سمورن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ ضروري آهي.

بقايا 10 روزاني عبرت

خلاف جماعت اسلامي جو ڌرڻو ڇهين ڏينهن ۾ داخل ٿي ويو. ڌرڻي دوران جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اڄ ڌرڻي واري هنڌ جلسي عام منعقد ڪيو ويندو جنهن کي جماعت اسلامي پاڪستان جو امير حافظ نعيم الرحمان خطاب ڪندو. منعم ظفر خان چيو ته جماعت اسلامي جو ڌرڻو 25 ڪروڙ عوام جي آواز بڻجي چڪو آهي ۽ حڪومت کي پيٽروليم ليوي ٽيڪس واپس وٺڻو پوندو. هن چيو ته جماعت اسلامي عوام کي بيدار ڪري رهي آهي ۽ عوامي جدوجهد جاري رکندي. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير گلشن سڪندرآباد جي رهواسي خاندان جي ٻن ورهين جي ٽينڪري جي مبينا اغوا جو ذڪر ڪندي چيو ته ٽينڪري کي 14 اپريل تي اغوا ڪيو ويو هو پر چار مهينا گذرڻ باوجود کيس بازياب ناهي ڪرايو ويو. هن چيو ته ڪياماڙي ٿاڻي تي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪرائي وئي آهي. منعم ظفر خان سوال ڪيو ته "ڇا ڪو ان ماءُ جي آواز ٻڌڻ وارو آهي؟" هن چيو ته شهر ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي ۽ جماعت اسلامي جو ڌرڻو ڪراچي جي مظلوم عوام جي آواز بڻجي چڪو آهي. هن مير رضا جي ڪيس جو ذڪر ڪندي چيو ته مير رضا جي قاتلن بابت اڃا تائين ڪجهه معلوم ناهي ٿي سگهيو. هن چيو ته مظلومن جون آهون ذميوارن جو تعاقب ڪنديون. منعم ظفر خان چيو ته ڪراچي جا مسئلا ۽ عوام جا ڏک بي پناهه آهن. شهر ۾ گٽرن ۾ ٻارن جي ڪرڻ جا واقعا پيش اچي چڪا آهن ۽ 19 ٻار گٽرن ۾ ڪري فوت ٿي چڪا آهن. هن سوال ڪيو ته عوام جي داد رسي ڇو نه ڪئي پئي وڃي. هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته جنوري کان هيل تائين شهر ۾ 28 هزار ڪتن جي ڏاڙهڻ جا واقعا پيش اچي چڪا آهن. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير چيو ته حڪمرانن کي عوام کي جيئڻ جو حق ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن عوام جي ڏکن جو ازالو نه ڪيو ويو ته عوام حڪمرانن جو گريبان پڪڙڻ تي مجبور ٿيندو. هن چيو ته حڪومت کي پيٽروليم ليوي ٽيڪس واپس وٺڻو پوندو، جڏهن ته جماعت اسلامي عوامي مسئلن لاءِ جدوجهد جاري رکندي ۽ عوام جي آواز کي ايوانن تائين پهچائيندي.

بقايا 11 روزاني عبرت

2026ع، اربع ڏينهن تي سڄي صوبي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو. سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب 12 ربيع الاول 1448هه جي موقعي تي 26 آگسٽ تي سنڌ جي سمورن سرڪاري آفيسن ۾ موڪل هوندي. نوٽيفڪيشن تحت سنڌ حڪومت جي انتظامي ڪنٽرول هيٺ ايندڙ خودمختيار ۽ نيم خودمختيار ادارن، ڪارپوريشنز ۽ لوڪل ڪائونسلز ۾ پڻ عام موڪل هوندي. جڏهن ته ضروري خدمتون فراهم ڪندڙ ادارا عام موڪل کان مستثنيٰ رهندا. سنڌ حڪومت لاڳاپيل ادارن کي عام موڪل جي فيصلي تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 12 روزاني عبرت

هلائڻ جي ڪيس ۾ جوابدار محمد زاهد منصوري جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي. جوڊيشل مئجسٽريٽ ايسٽ ڪراچي جي عدالت ۾ سوشل ميڊيا تي رياست مخالف مهم هلائڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. اين سي سي آءِ اي عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار هڪ سياسي جماعت جي نالي سان فيس بڪ پيج هلائي رهيو هو. اين سي سي آءِ اي موجب جوابدار جي موبائل فون مان شروعاتي شاهديون حاصل ڪيون ويون آهن، جڏهن ته موبائل فون جي فارنزڪ جاچ جاري آهي. اين سي سي آءِ اي عدالت ۾ خدشو ظاهر ڪيو ته جوابدار کي ضمانت ملڻ جي صورت ۾ هو ڪيس جي شاهدين ۽ ثبوتن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. عدالت دليل ٻڌڻ کانپوءِ جوابدار محمد زاهد منصوري جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي.

بقايا 13 روزاني عبرت

موڪليو ويو آهي، منظوري ملڻ کانپوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي ويندي. اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڏکڻ طرفان ڏنو ويو فيصلو طئي ٿيل قانوني اصولن جي ابتڙ ۽ عجلت ۾ ٻڌايو ويو. اپيل موجب 13 آگسٽ تي عدالت جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪئي. جوابدارن طرفان ڏوهه قبول نه ڪرڻ تي شاهدن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا، جڏهن ته عدالت ساڳئي ڏينهن پراسيڪيوٽر کي به نوٽيس جاري ڪيو. پراسيڪيوشن موجب عدالت 13 آگسٽ جي شام ٿي جوابدارن ۽ پراسيڪيوٽر جي غير موجودگي ۾ بريت جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. اپيل ۾ چيو ويو آهي ته عدالتي نوٽيس جاري ٿيڻ کانپوءِ پراسيڪيوٽر کي گهٽ ۾ گهٽ 24 ڪلاڪن جو وقت ملڻ گهرجي ها ۽ فرد جرم لاڳو ٿيڻ کانپوءِ پراسيڪيوشن کي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ ضروري هو جيڪو فراهم نه ڪيو ويو. پراسيڪيوشن جو وڌيڪ موقف آهي ته عدالت ڪيس جي ڪنهن به شاهد کي طلب نه ڪيو. اپيل ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ کان استدعا ڪئي وئي آهي ته ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڏکڻ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي انمول عرف پنڪي ۽ ٻين جوابدارن جي بريت ختم ڪئي وڃي.

بقايا 14 روزاني عبرت

ويو جنهن جي سلسلي ۾ مختلف شهرن ۾ قبله اول جي دفاع ۽ فلسطين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران يوم دفاع مسجد اقصيٰ جي سلسلي ۾ مرڪزي احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ فلسطين فائونڊيشن پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل صابر ابو مريم، مسلم پرويز، اظهر هيمداڻي ۽ قمر عباس سميت سياسي ۽ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن، سول سوسائٽي، اقليتي برادري، شاگردن، استادن ۽ وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پاڪستان ۽ فلسطين جا جهنڊا، بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا، جڏهن ته قبله اول جي دفاع، آمريڪا مرده باد ۽ اسرائيل نامنظور جا نعرا پڻ هنيا ويا. مقررن چيو ته مسجد اقصيٰ مسلمانن جو قبله اول آهي ۽ ان جو دفاع هر مسلمان جي ذميواري آهي. 1969ع ۾ مسجد اقصيٰ کي باهه ڏيڻ واري افسوسناڪ واقعي کي 57 سال مڪمل ٿي ويا آهن، پر اڄ به قبله اول کي خطرا درپيش آهن. هنن چيو ته يوم دفاع اقصيٰ ملهائڻ جو مقصد فلسطين ۽ القدس سان پاڪستاني عوام جي يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آهي. عالم اسلام جا حڪمران قبله اول جي دفاع لاءِ مؤثر ۽ عملي حڪمت عملي اختيار ڪن ۽ فلسطين کي صهيوني قبضي کان آزاد ڪرائڻ ۽ القدس جي آزادي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وڃن. مقررن فلسطين ۾ مسيحي مقدس هنڌن جي بي حرمتي ۽ نقصان پهچائڻ وارن واقعن جي پڻ سخت مذمت ڪئي ۽ چيو ته مسجد اقصيٰ تي حملي کانپوءِ قائم ٿيل اسلامي تعاون تنظيم او آءِ سي 57 سالن کانپوءِ به قبله اول جي دفاع ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. هنن مسلم دنيا جي حڪمرانن تي زور ڏنو ته آمريڪا تي انحصار ڪرڻ بدران اسلامي ملڪن وچ ۾ اتحاد، تعاون ۽ گڏيل حڪمت عملي کي هٿي ڏني وڃي، ڇو ته فلسطين ۽ القدس جي آزادي جو رستو مسلمان حڪمرانن جي ٻاهمي اتحاد مان نڪري ٿو مقررن فلسطين ۽ لبنان ۾ جاري اسرائيلي جارحيت جي سخت مذمت ڪندي چيو ته عالمي برادري جنگبندي باوجود اسرائيلي جارحيت روڪڻ ۾ ناڪام ٿي آهي. ان موقعي تي مقبوضه ڪشمير بابت آمريڪي سفير جي بيان جي پڻ مذمت ڪئي وئي. مقررن چيو ته ڪشمير کي ڀارت جو علائقو قرار ڏيڻ آمريڪا جي جارحاڻي سوچ ۽ ارادن جي عڪاسي آهي. احتجاج دوران فلسطين، لبنان، يمن، ايران ۽ مزاحمت جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو جڏهن ته اسماعيل هنيه، يحييٰ سنوار، حسن نصرالله، سيد علي خامنه اي ۽ حسين بدرالدين حوثي سميت غزه، لبنان ۽ پاڪستان جي شهيدن کي پڻ خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

بقايا 15 روزاني عبرت

کاتي واري ايڊيشنل چيف سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ جي صدارت هيٺ گهرو کاتي جي سينيئر عملدارن سان ملاقات ڪئي. اجلاس ۾ گهرو کاتي جي اسپيشل سيڪريٽري سعيد شيخ، گهرو کاتي جا ٻيا سينيئر آفيسر ۽ چيني قونصل خاني جا نمائندا پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران سنڌ ۾ رهندڙ چيني شهرين جي سلامتي ۽ تحفظ بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جڏهن ته چيني قونصل خاني سنڌ حڪومت وچ ۾ رابطي ۽ سهڪار کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ قدمن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن موجوده سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو وٺندي چيني شهرين جي تحفظ کي وڌيڪ يقيني بڻائڻ لاءِ بروقت معلومات جي ڏي وٺ ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مؤثر رابطي جي ضرورت تي زور ڏنو. قائم مقام چيني قونصل جنرل فينگ ڊيهينگ سنڌ حڪومت پاران فراهم ڪيل سهڪار کي ساراهيو. گهرو کاتي جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ سنڌ ۾ چيني شهرين جي سلامتي ۽ تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ صوبائي حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪندي ٻطرفي سهڪار ۽ پاڪستان-چين جي پراڻي ۽ مضبوط دوستي کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 16 روزاني عبرت

ورتو پوليس عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ هاءِ ڪورٽ بار لاڙڪاڻي جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينئر نائب صدر نور احمد ڪاٽيار، لاڙڪاڻي ضلعي جي صدر علي حسن وڪو، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر اعتزاز گاڏيهو ۽ علي محمد وڪو سميت ٻين ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو. سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن ماڃ نور ملاح، ثمرين خاصخيلي، پرهه نور ۽ ٻين ڪارڪنن کي به پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي.

بقايا 17 روزاني عبرت

اندر هٿياربند جي مبينا ڪاروائي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي لکين رپيا ڦُر ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا. واقعي خلاف گهر ڌڻين ۽ علائقي واسين احتجاج ڪندي چيو ته اطلاع باوجود ڪافي دير تائين پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي. نه پوليس جو ٽيڪنيڪل عملو پهتو نه جيو فينسنگ ڪرائي وئي، نه ڊي آءِ سي برانچ جي عملي طرفان ڊيٽا گڏ ڪرڻ جون ڪارروائيون نظر آيون هنن چيو ته ڦُر ٿيل رقم واپس ڪرائي، جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. علائقي واسين جي رڙين تي فائرنگ ڪندي جوابدار فرار ٿي ويا. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ايس ايس پي آفيس جي بلڪل سامهون واردات ٿيڻ باوجود پوليس جي بروقت پهچ نه ٿيڻ ڪيترائي سوال اڀاري ٿي. هنن چيو ته مبينا جوابدار فرار ٿيڻ دوران فورو ڊاڪٽ، رمبو ۽ چپل ڇڏي ويا، جيڪي جاچ ۾ اهم ثبوت بڻجي سگهن ٿا. جيڪڏهن ايس ايس پي آفيس جي سامهون شهرين جا گهر محفوظ ناهن، ته عام شهري پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڪنهن ڏانهن ڏسندا هنن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، جديد ٽيڪنيڪل بنيادن تي جاچ ڪرائي، جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندان جي ڦُر ٿيل رقم واپس ڪرائڻ لاءِ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 18 روزاني عبرت

جي سيريز ۾ سرسي حاصل ڪري ورتي. هيڊنگلي ليڊز ۾ کيڏيل ٽيسٽ جي ٽئين ڏينهن انگلينڊ پاڪستان کي ٻي اننگز ۾ 135 رنسن تي آل آئوٽ ڪري ڇڏيو. پاڪستان پهرين اننگز ۾ 171 رنسون ٺاهيون هيون، جڏهن ته انگلينڊ 409 رنسون ٺاهي پاڪستان خلاف 238 رنسن جي سرسي حاصل ڪئي هئي. پاڪستان جي ٻي اننگز ۾ محمد رضوان 41 رنسون ٺاهي ٽاپ اسڪورر رهيو، جڏهن ته شان مسعود 29، عبدالله شفيق 15، سعود شڪيل 14 ۽ علي عثمان 7 رنسون ٺاهيون. انگلينڊ جي بالنگ ۾ اولي رابنسن، جوش ٽنگ ۽ جوفرا آرچر 3،3 وڪيٽون ورتيون، جڏهن ته گس ايٽڪنسن جي حصي ۾ هڪ وڪيٽ آئي. انگلينڊ جي پهرين اننگز ۾ هيري بروڪ 91، جورڊن ڪاڪس 73، جو روٽ 66، ڊين لارنس 51 ۽ ايميليو گي 33 رنسون ٺاهيون. پاڪستان طرفان علي عثمان 5 وڪيٽون حاصل ڪيون، جڏهن ته خرم شهزاد 3 ۽ محمد عباس ۽ محمد علي هڪ، هڪ وڪيٽ ورتي. پاڪستان جي پهرين اننگز ۾ عبدالله شفيق 61 ۽ امام الحق 42 رنسن سان نمايان رهيا، پر ٻيا بيٽر انگلينڊ جي بالرن آڏو ٽڪي نه سگهيا ۽ ٽيم 171 رنسن تي آل آئوٽ ٿي وئي. انگلينڊ جي اولي رابنسن کي شاندار بالنگ تي پليئر آف دي ميچ قرار ڏنو ويو.

بقايا 19 روزاني عبرت

مراد علي شاهه خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب آپريشنن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي 49 دهشتگردن ۽ خوارج کي انجام تائين پهچائڻ تي پاڪ فوج جي جوانن جي بهادري ۽ عزم کي سلام پيش ڪيو آهي. مراد علي شاهه چيو ته بلوچستان ۾ ڀارتي سرپرستي هيٺ هلندڙ دهشتگردي جي نيٽ ورڪ جو خاتمو سيڪيورٽي ادارن جي وڏي ڪاميابي آهي. هن چيو ته پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن هميشه پنهنجي جانين جون قربانيون ڏئي ڌرتيءَ جو دفاع ڪيو آهي ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ سندن قربانيون قوم ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي. وزيراعليٰ سنڌ چيو ته دهشتگردي خلاف هن جنگ ۾ پوري سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جا عوام پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهن ۽ ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي ادارن جي ڪوششن جي مڪمل حمايت جاري رهندي. هن چيو ته ڀارتي سرپرستي ۾ پاڪستان جو امن تباهه ڪرڻ جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويندو دشمن جون سازشون ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين.

بقايا 20 روزاني عبرت

ڪرڻ بعد ٽينڪري کي پنهنجي ئي گهر مان هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي ڪيس وومين ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو ٽينڪري کي سڀاڻي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي مراد واهڻ پاڙي مان مبينا طور گم ٿيل 14 ورهين جي ٽينڪري هير ڌيءَ اعجاز چانڊيو واري معاملي جو ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري نوٽيس ورتو جنهن کان پوءِ دڙي ٿاڻي جي پوليس جاچ دوران ڄاڻايل ٽينڪري کي پنهنجي ئي گهر مان هٿ ڪري وومين ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو آهي. ان حوالي سان دڙي ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته ٽينڪري هير پٽو جي اغوا جو ڪيس سندس ڀاءُ علي رضا پٽو جي فرياد تي ٽن انڄاتل جوابدارن مٿان داخل ٿيڻ بعد پوليس واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪندي ٽينڪري کي پنهنجي ئي گهر مان هٿ ڪري ڪيس وومين ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو آهي، سڀاڻي ٽينڪر کي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو جتي ٽينڪري جي بيان بعد وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 21 روزاني عبرت

ڪينٽ اسٽيشن ٿاڻي جي حد ڪينٽ اسٽيشن پليٽ فارم 2 جي ويجهو 45 سالن جي عورت ظاهرا زال مقيم نماز ادا ڪندي ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ فوت ٿي وئي. عورت جو لاش ايڌي ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. ماڙيپور روڊ نيو ٽرڪ اڏي جي گيٽ نمبر 5 ويجهو لوڊنگ مزدا جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار سلطان ولد عبدالامين فوت ٿي ويو آهي. ماڙيپور ٿاڻي جي حد گل باڻي مزار جي گودام ۾ ڪم جي دوران سامان جو هنڌهل ڪرڻ جي نتيجي ۾ مزدور عبدالرزاق ولد محمد علي فوت ٿي ويو.

بقايا 22 روزاني عبرت

سان چور ڇت ٽوڙي لکين رپين جو سامان کڻي فرار ٿي ويا، دڪان مالڪ موجب چوري ٿيل سامان جي ماليت لڳ ڀڳ 40 لک رپيين کان وڌيڪ آهي، جنهن ۾ قيمتي آئي فونز گوگل پڪسل ۽ ٻيا اينڊرائڊ موبائيل فون شامل آهن. واردات جي اطلاع تي ايس ايچ او سٽي نور احمد نوحاڻي پوليس نفري سان گڏ واقعي واري هنڌ پهچي دڪان جو معائنو ڪيو ۽ پيرا ڳولڻ شروع ڪيا، جڏهن ته ڊي ايس پي عمرڪوٽ ميان اظهر پڻ مارڪيٽ چوڪ پهچي واردات جا تفصيل حاصل ڪيا، ان موقعي تي پي ٽي آءِ ڪائونسلر ۽ لال مالهي جي ڀاءُ ليکراج مالهي ۽ ڊي ايس پي ميان اظهر وچ ۾ تلخ ڪلامي پڻ ٿي، ليکراج مالهي پوليس تي الزام لڳائيندي چيو ته پوليس پيسا وٺي جوابدارن کي ڇڏي ڏئي ٿي ۽ هينئر تائين ڪنهن به واقعي يا واردات بابت جيو فينسنگ رپورٽ به سامهون ناهي آئي، ڊي ايس پي ميان اظهر ليکراج مالهي جي الزامن تي ردعمل ڏيندي چيو ته توهان اسان تي الزام لڳائي رهيا آهيو هن وڌيڪ چيو ته هي اهڙي بحث لاءِ مناسب جاءِ ۽ وقت ناهي ۽ الزام تراشي بدران قانوني طريقي سان معاملو اڳتي وڌايو وڃي، هوڏانهن واردات جي جاچ لاءِ جيو فينسنگ ٽيم پڻ واقعي واري هنڌ پهچي وئي، جتي دڪان اندر فنگر پرنٽس ۽ ٻيا شاهدي وارا ثبوت گڏ ڪيا، پوليس پاران چورن تائين پهچڻ لاءِ مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي، واردات کان پوءِ مرڪزي امام بارگاهه پنج پير جي متولي سيد عباس شاهه، مولوي ارشاد عرفاني، سائين نور زمان ڪوسو آغا ذوالفقار ۽ ٻين معززن علي رضا سمون سان اظهار يڪجهتي لاءِ دڪان تي پهچي ساڻس ملاقات ڪئي، جڏهن ته ايس ايچ او سٽي نور احمد نوحاڻي سان پڻ ملاقات ڪري چوري جي واردات بابت ڄاڻ ورتي، شهر جي واپاري حلقن پاران وڏي چوري تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو ويو آهي ته واردات ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري چوري ٿيل موبائيل فون ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو وڃي.

بقايا 23 روزاني عبرت

دهشتگرد نيٽ ورڪس جي خاتمي لاءِ پرعزم ڪوششن جي سلسلي ۾ گذريل ڪجهه ڏينهن دوران سيڪيورٽي فورسز پوليس سان گڏجي ڳجهي اطلاع جي بنياد تي تيز رفتار ۽ ڪيترائي آپريشنز ڪيا، اهي ڪارروايون ڀارتي پراڪسيز فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي خاتمي لاءِ جاري بنا ڪنهن فرق جي دهشتگرديءَ جي خاتمي واري مهم جو حصو هيون، انهن ڪارروائين ۾ دهشتگرد نيٽ ورڪس کي وڏو ڌڪو پهچائيندي 49 دهشتگردن ۽ خوارجين کي ماريو ويو ۽ ملڪ جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ جي هر ڪوشش کي مؤثر طور ناڪام بڻايو ويو. ڪي پي ڪي ۾ بنون، اتر وزيرستان، اورڪزئي ۽ خيبر ضلعن ۾ ڪيترن ئي تيز رفتار ڳجهي اطلاع تي آپريشنز دوران ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 12 خوارجين کي ماريو ويو ڪارروائين دوران وڏي مقدار ۾ ڌماڪيدار مواد، آءِ اي ڊي جي ڊيٽونيٽنگ ريموٽ، هٿيار، بم بارود ۽ موٽر سائيڪلون تباهه ڪيون ويون. بلوچستان ۾ مستونگ، مچ، خضدار ۽ پنجگور ضلعن ۾ 10 ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ٿيل آپريشنز دوران ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم فتنه الهندستان سان لاڳاپو رکندڙ 37 دهشتگردن کي مؤثر طريقي سان ماريو ويو ڪارروائين دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار، ڌماڪيدار مواد سان ڀريل ڊرم ۽ ريموٽ ڪنٽرول سميت گوليون ۽ اوزار قبضي ۾ وٺي تباهه ڪيا ويا. پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ملڪي سرحدن ۽ عوام جي دفاع جي پنهنجي عزم تي مڪمل طور ثابت قدم ۽ پرعزم آهن. علائقي ۾ موجود ٻين ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم خوارجين ۽ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشنز جاري آهن. نيشنل ايڪشن پلان بابت وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظوريءَ سان عزم ۽ استحڪام جي ويزن تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ حمايت يافته دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگرديءَ خلاف مهم پوري رفتار سان جاري رهندي.

بقايا 24 روزاني عبرت

ويندي دشمن جي پروپيگنڊا جو جامع ۽ بنا ڊپ جي مقابلو ڪرڻ، ڪوڙن بيانن کي بي نقاب ڪرڻ ۽ بلوچستان ۽ اتان جي عوام جي حقيقي صلاحيت، ترقي ۽ خواهشن کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. جمعي ڏينهن پاڪ فوج جي سڌ سماءُ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) پاران جاري بيان مطابق چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، نشان امتياز (ملٽري)، هلال جرئت بلوچستان جي مشهور شخصيتن ۽ سياسي قيادت سان ملاقات ڪئي جنهن دوران چيف آف ڊفينس فورسز ان ڳالهه تي زور ڏنو ته بلوچستان ۽ پاڪستان جو حال ۽ مستقبل هڪ آهي ۽ هميشه هڪ ئي رهندو هن چيو ته بلوچستان باصلاحيت، ثابت قدم ۽ باوقار ماڻهن جي سرزمين آهي. هن چيو ته واضح قومي بيانيو پائيدار امن ۽ استحڪام صوبي جي حقيقي معاشي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ، سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ ۽ بلوچستان جا وافر انساني ۽ قدرتي وسيلا عوام جي حقيقي خوشحالي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. فيلڊ مارشل ان ڳالهه تي زور ڀريو ته بلوچستان جي نوجوانن ۾ صلاحيت ۽ موقعن جي ڪا کوٽ ناهي، نوجوان اسان جي معاشري جو سڀ کان متحرڪ ۽ اميد ڀريو طبقو آهن. هن چيو ته نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ کين ملڪي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ پائيدار ترقي لاءِ مرڪزي حيثيت رکي ٿو چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز چيو ته فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندوستان پرڏيهي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ پراڪسيز آهن جن کي دشمن عنصر بلوچستان کي عدم استحڪام جو شڪار ڪرڻ، ان جي ترقي ۾ رڪاوٽ وجهڻ ۽ رياست ۽ عوام وچ ۾ ڏار پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته دشمن جا اهي ناپاڪ ارادا قوم جي اجتماعي عزم ۽ رياست جي پختي، پرعزم ۽ فيصلائتي ڪارروائي ذريعي ناڪام بڻايا ويندا. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير بلوچستان جي مشهور شخصيتن ۽ سماجي اڳواڻن پاران امن کي هٿي ڏيڻ، سماجي هم آهنگي جي استحڪام ۽ تعميري قومي ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڪردار کي ساراهيو. هن زور ڀريو ته دشمن جي پروپيگنڊا جو جامع ۽ بنا ڊپ جي مقابلو ڪرڻ، ڪوڙن بيانن کي بي نقاب ڪرڻ ۽ بلوچستان ۽ اتان جي عوام جي حقيقي صلاحيت، ترقي ۽ خواهشن کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن واضح ڪيو ته بلوچستان جي تقدير رڳو بلوچستان جي عوام جي هٿن ۾ آهي. مشهور شخصيتن ۽ شرڪت ڪندڙن بلوچستان ۽ پاڪستان جي امن، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪيو هنن پرڏيهي سرپرستي سبب پيدا ٿيل خطرن خلاف رياست ۽ هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل رهڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو شرڪت ڪندڙن عوام جي ترقي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي پختي عزم جو اظهار ڪيو ته جيئن پرامن، مستحڪم ۽ خوشحال بلوچستان جي جوڙ جڪ ممڪن ٿئي جتي رڳو سچ جي فتح ٿئي ۽ دشمن قوتن جو بيانيو سندن پنهنجي پروپيگنڊا ۽ ڪوڙ جي بار هيٺ دفن ٿي وڃي.

بقايا 25 روزاني عبرت

انتظاميا ۽ حڪومت جو ڪالهه وارو رويو انتهائي افسوس جوڳو هو اهڙو عمل سپريم ڪورٽ جي ٽن ججن جي حڪم جي توهين آهي. اسلام آباد ۾ عمران خان جي ڀيڻ عظميٰ خان ۽ ڊاڪٽر فيصل سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي سهيل آفريدي چيو ته جيڪڏهن عدليه پنهنجي حڪمن تي عمل نه ڪرائيندي ته عوام ڪنهن ڏانهن واجهائيندو؟ هي پاڪستان جي سمورين عدالتن جي توهين آهي. سهيل آفريدي چيو ته ٽن ججن عمران خان جو علاج شفا انٽرنيشنل ۾ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو پر حڪومتي ڌريون پاڻ کي آئين ۽ قانون کان مٿاهون سمجهن ٿيون، جيڪو ججن ۽ سپريم ڪورٽ جي توهين آهي. سڌ سماءُ واري وزير عطا تارڙ موجب، شفا اسپتال جي ٻاهران ۽ چوڌاري سيڪيورٽي صورتحال سبب عمران خان کي سرڪاري اسپتال پمز منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن جي تفصيلي طبي معائني کانپوءِ کيس صحتمند قرار ڏنو ويو. عطا تارڙ موجب، پي ٽي آءِ ڪارڪنن طرفان شفا اسپتال جي رستي ۽ ٻاهران پيدا ڪيل سيڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي عمران خان کي پمز اسپتال منتقل ڪيو ويو سهيل آفريدي چيو ته جج فيصلو ڪن ته عدالتن کي تالا لڳرائڻا آهن يا پنهنجن حڪمن تي عمل ڪرائڻو آهي، ججن کي اڄ ئي ان جو فيصلو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته "اسان پنهنجي تحريڪ هلائينداسين، ڇو ته اسان کي عمران خان جي حڪمن تي عمل ڪرائڻو آهي"، جڏهن ته فيصلي تي عمل نه ڪرائڻ تي توهين عدالت جي درخواست پڻ داخل ڪئي ويندي. هن چيو ته اسپتال جي چوڌاري پي ٽي آءِ ڪارڪن نه هئا ۽ اسان واضح ڪري ڇڏيو هو ته جيڪڏهن ڪارڪن گڏ ٿيا ته انهن جو پي ٽي آءِ سان ڪو واسطو نه هوندو. سهيل آفريدي دعويٰ ڪئي ته جيل جي چوڌاري به ميڊيا ڪانسواءِ ڪو به موجود نه هو ان موقعي تي عمران خان جي ذاتي ڊاڪٽر فيصل چيو ته رات جي اونداهي ۾ پهرين خبر نه پئي، پر اڌ ڪلاڪ کانپوءِ ڪلاڪ اندر اڊيالا کان شفا اسپتال پهتاسين، جتي سيڪيورٽي موجود هئي، پوءِ اسان کي انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ڊاڪٽر فيصل موجب، هو اڍائي کان ٽن ڪلاڪن تائين انتظار ڪندا رهيا ۽ هر پيري پڇڻ تي ٻڌايو ويندو رهيو ته "هاڻي پهچي رهيا آهن." رات اٽڪل ساڍي ڇهين وڳي کين ٻڌايو ويو ته شايد هو نه پهچي سگهندا، جنهن کانپوءِ هو واپس اڊيالا جيل پهتا. هن چيو ته اتي ڏٺو ته ڊاڪٽر عظميٰ جي گاڏي ذريعي واپس اڊيالا پهتي، جنهن ٻڌايو ته هوءَ پمز کان اچي رهي آهي. پريس ڪانفرنس دوران عمران خان جي ڀيڻ عظميٰ خان دعويٰ ڪئي ته عمران خان جو رڳو بلڊ پريشر چيڪ ڪيو ويو ۽ اکين جو معائنو ڪيو ويو. عظميٰ خان چيو ته بار بار پڇڻ کانپوءِ کيس ٻڌايو ويو ته عمران خان جي اکين جو فالو اپ ٺيڪ آهي، تنهنڪري هو پمز آيا آهن. جتي سندس اکين جي سرجري ٿي هئي. هن دعويٰ ڪئي ته پمز ۾ هو اونداهين ڪمري ۾ ويٺا رهيا ۽ فون جي روشني ذريعي کين رستو ڏيکاريو ويو عظميٰ خان موجب، کين مٿي هڪ هنڌ وٺي ويا، جتي عمران خان ويٺو هو جيڪو کيس ڏسي حيران ٿي ويو ۽ چيو ته "مون پنهنجي ڀيڻ کي ڏهن مهينن کانپوءِ ڏٺو آهي". هن چيو ته رات ٻين يا ٽين وڳي عمران خان جي اک ۾ انجيڪشن لڳايو ويو. عظميٰ خان دعويٰ ڪئي ته عمران خان بار بار چوندو رهيو ته مون تي ٽارچر ٿيو آهي. هن چيو ته عمران خان کي نه ٽي وي ڏني وئي ۽ نه پڙهڻ جو مواد، جڏهن ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي هڪ اک تي پٽي ٻڌل هئي.

بقايا 26 روزاني عبرت

معاملن جي وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري دهشتگردي جو شڪار سمورن بي گناهه انسانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته وحشت جو نشانو بڻجندڙ سمورن ماڻهن جي خاندانن جو ڏک برداشت ڪرڻ جوڳو نه آهي. شهيدن جون قربانيون هميشه اسان جي دلين ۾ زنده رهنديون. جمعي ڏينهن دهشتگردي جي متاثرن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سماجي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته پنهنجي پيارن کي وڃائيندڙ خاندانن جو ڏک برداشت ڪرڻ جوڳو نه آهي. شهيدن جون قربانيون هميشه اسان جي دلين ۾ زنده رهنديون. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي، جنهن دوران بي شمار قيمتي انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. اسان جي هٿيار بند فوج، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ عام شهرين جون قربانيون ان عزم جو ثبوت آهن ته پاڪستاني قوم دهشتگردي سامهون ڪڏهن ڪنڌ ناهي جهڪايو. هن جو چوڻ هو ته دهشتگردي ڪنهن به مذهب، قوم يا خطي جي نمائندگي ناهي ڪندي، عالمي برادري سان گڏجي انتها پسندي، دهشتگردي ۽ ان جي معاون نيٽ ورڪ خلاف مؤثر ۽ ڪارروائي ڪرڻي پوندي. وفاقي وزير چيو ته متاثرن ۽ شهيدن جي ڪٽنبن سان انهن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. پرامن، محفوظ ۽ دهشتگردي کان پاڪ دنيا اسان جو گڏيل مقصد هجڻ گهرجي.

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪارروائي ڪندي دڪانن کي سيل ڪرڻ دوران مڇريل مظاهرين طرفان هيوي مشينري ۽ عملي مٿان پٿراءُ ڪري ڀڃ ڊاهه ڪرڻ واري واقعي جو ڪيس انڪرائچ وهيڪل آفيسر شفقت علي چنو جي فرياد تي 5 سڃاتل ۽ 15 انڄاتل جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ فريادي موقف اختيار ڪيو آهي ته بالا آفيسرن جي حڪم تي نيو بس ٽرمينل ۾ ڪارروائي ڪئي جنهن دوران جوابدارن سرڪاري گاڏين ڀڃ ڊاهه ڪئي آهي. ان حوالي سان وليد ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته نيو بس ٽرمينل ۾ دڪانن کي سيل ڪرڻ دوران سرڪاري گاڏين کي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ واري واقعي جو ڪيس 5 سڃاتل ۽ 15 انڄاتل جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو آهي، جلد ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 28 روزاني عبرت

اظهر رضوي وفاقي آئيني عدالت جي وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو. پڌرائيءَ موجب وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جي پرڏيهي دوري سبب جسٽس سيد حسن اظهر رضوي وقتي چيف جسٽس جون ذميداريون سنڀالي ورتيون. وفاقي آئيني عدالت ۾ ٿيل تقريب ۾ جسٽس عامر فاروق، جسٽس سيد حسن اظهر کان وقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف ورتو. تقريب ۾ وفاقي آئيني عدالت جي معزز ججن، رجسٽرار عدالت جي آفيسرن، قانون واري وزارت، سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ پاڪستان بار ڪائونسل جي نمائندن ۽ عهديدارن شرڪت ڪئي. حلف کڻڻ کانپوءِ جسٽس سيد حسن اظهر رضوي وقتي چيف جسٽس جون ذميداريون سنڀالي ورتيون. ان مقرريءَ جو مقصد عدالتي ۽ انتظامي معاملن ۾ تسلسل برقرار رکڻ ۽ آئيني انصاف جي بنا رنڊڪ، مؤثر ۽ وقت سر فراهميءَ کي يقيني بڻائڻ آهي. وفاقي آئيني عدالت موجب اهو انتظام اداره جاتي تسلسل، آئيني حڪمراني، عدالتي ذميدارين کي بنا روڪ عمل ڪرڻ ۽ قانون جي حڪمراني جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو عدالت آئين جي بالادستي ۽ آئيني انصاف جي مؤثر فراهمي لاءِ پنهنجون آئيني ۽ قانوني ذميداريون بدستور انجام ڏيندي رهندي.

بقايا 29 روزاني عبرت

سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته ٻاهرئين پنهرائي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصر ملڪ جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا. جمعي ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون ڀرپور انداز ۾ جاري رهنديون. صدر آصف علي زرداري چيو ته اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه جي عوام دهشتگردي کان مڪمل ڇوٽڪارو حاصل ڪري امن، قومي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪندي.

بقايا 30 روزاني عبرت

حڪومت عيد ميلاد نبي صلي الله عليه وسلم جي پر مسرت موقعي تي 26 آگسٽ اربع ڏينهن سڄي ملڪ ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو آهي. ڪابينا ڊويزن پاران جاري نوٽيفڪيشن موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف 26 آگسٽ تي عيد ميلاد نبي صلي الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ عام موڪل جي منظوري ڏني آهي. نوٽيفڪيشن جي ڪاپي سمورن لاڳاپيل وفاقي وزارتن، ڊويزن، صوبائي ۽ آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي حڪومتن، فوج جي هيڊ ڪوارٽرز ۽ اعليٰ عدالتي ۽ سرڪاري ادارن کي موڪلي وئي آهي. ان ڏينهن وفاقي ۽ صوبائي سطح تي سمورا سرڪاري ۽ خانگي ادارا، تعليمي ادارا ۽ بئنڪون بند رهندا.

بقايا 31 روزاني عبرت

کي هٿي ڏيڻ لاءِ پارليامينٽ، انتظاميه ۽ عدليه جو پنهنجي پنهنجي آئيني ڪردار موجب ڪم ڪرڻ ضروري آهي. عوامي رابطن واري شعبي مان جاري پڌرائي موجب اها ڳالهه هن سول سروس اڪيڊمي لاهور ۾ 54 هين ڪامن ٽريننگ پروگرام (سي ٽي پي) جي تربيت هيٺ آفيسرن جي وفد سان سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات دوران چئي. وفد جي قيادت سول سروسز اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جنرل فرحان عزيز خواجه ڪئي جڏهن ته فيڪلٽي ميمبر به وفد سان گڏ هئا. ملاقات دوران چيف جسٽس پارلياماني جمهوريت ۽ رياستي ادارن وچ ۾ اختيارن جي ورڇ جي بنيادي خاصيت تي روشني وڌي ۽ آئيني حڪمراني ۽ قانون جي حڪمراني جي قيام ۾ پارليامينٽ، انتظاميه ۽ عدليه جي گڏيل تڪميلي ڪردار جي وضاحت ڪئي. چيف جسٽس آفيسرن کي عدالتي نظام جي مختلف درجن ۽ مختلف عدالتن جي اختيار جي دائري کان به آگاهه ڪيو. هن اداره جاتي تعاون ۽ انصاف واري شعبي ۾ سڌارن جي حوالي سان قومي جوڊيشل (پاليسي ساز) ڪميٽي (اين جي پي ايم سي) جي ڪردار تي به روشني وڌي ۽ ان کي اعليٰ ترين عدالتي پاليسي فورم قرار ڏنو وفد کي عدالتن جي بنيادي ڍانچي ۽ عوامي سهولتن ۾ بهتري لاءِ کنيل قدمن کان به آگاهه ڪيو ويو.

بقايا 32 روزاني عبرت

موجب پي ٽي آءِ جو باني صحتمند نظر آيو. سمورو عمل مڪمل ٿيڻ کانپوءِ کيس واپس اڊيالا جيل منتقل ڪيو ويو. جمعي ڏينهن سماجي رابطن جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي پوسٽ ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ قيدي کي 20 ۽ 21 آگسٽ 2026ع جي وچ واري رات مناسب سيڪيورٽي انتظامن ۾ اسپتال آندو ويو اکين جي ماهر دل جي ماهر ۽ فزيشن سميت قابل ڊاڪٽرن جي ٽيم سندس تفصيلي معائنو ڪيو ۽ کيس طبي طور تي صحتمند قرار ڏنو. سندس ڀيڻ عظميٰ خان طبي معائني ۽ علاج جي سمورن مرحلن دوران موجود هئي. اهو سمورو عمل مڪمل ٿيڻ کانپوءِ کيس 21 آگسٽ 2026ع جي صبح جو 5 وڳي واپس اڊيالا جيل منتقل ڪيو ويو. اطلاعات واري وفاقي وزير وڌيڪ تفصيلن کان آگاهي ڏيندي چيو ته طبي معائنو پمز اسپتال ۾ ڪرايو ويو جنهن ۾ شفا انٽرنيشنل اسپتال جا ڊاڪٽر پڻ موجود هئا. پي ٽي آءِ جا ڪارڪن پاران سيڪيورٽي جي صورتحال شفا انٽرنيشنل اسپتال جي رستي تي ۽ ٻاهر پيدا ڪئي وئي، جنهن جي ڪري کيس پمز اسپتال آندو ويو ۽ طبي معائني موجب هو صحتمند ڏٺو ويو. کيس اڳ ۾ به طبي سهولتون فراهم ڪيون وينديون رهيون آهن ۽ هاڻي به جڏهن کيس ضرورت پوندي ته طبي سهولتون فراهم ڪيون وينديون.

بقايا 33 روزاني عبرت

مليل زهريلو شراب پيئڻ سبب 24 ڪلاڪن دوران 8 ڄڻا فوت ۽ اٽڪل 40 بيمار ٿي پيا آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق هڪ مقامي عهديدار جمعي تي تصديق ڪندي ٻڌايو آهي ته اهي فوتگيون گجرات جي علائقي ڀاونگر ۾ رپورٽ ٿيون. بيمار ٿيل ماڻهن کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته گجرات ڀارت جي انهن رياستن ۾ شامل آهي جتي شراب پيئڻ تي مڪمل پابندي لاڳو آهي.

بقايا 34 روزاني عبرت

دهشتگردن جي خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ گڏيل آپريشن ۾ مجموعي طور تي فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي 49 دهشتگردن کي ماريو هن چيو ته اهو آپريشن اسان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس جي پيشيوارانه مهارت جو مظهر آهي، حڪومت ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 35 روزاني عبرت

ڪيون ويون آهن. صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته بغير ڊجيٽلائزڊ روٽ پرمٽ، صحيح فٽنيس سرٽيفڪيٽ ۽ لازمي فائر ايڪسٽنگوشر جي هلندڙ پبلڪ سروس گاڏين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته ڪيترين ئي پبلڪ سروس گاڏين جو اجا تائين ڊجيٽلائزڊ روٽ پرمٽ ۽ صحيح فٽنيس سرٽيفڪيٽ موجود ناهي، جڏهن ته ڪجهه گاڏين ۾ فائر ايڪسٽنگوشر پڻ موجود ناهن. اهڙيون ڀڃڪڙيون مسافرن جي حفاظت لاءِ سنگين خطرو آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سمورين پبلڪ سروس گاڏين جي ڊجيٽلائزڊ روٽ پرمٽ جي تصديق ڪئي ويندي، جڏهن ته دستي روٽ پرمٽ غير مؤثر تصور ڪندي منسوخ ڪيا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته ڀڃڪڙي ڪندڙن جي جامع فهرست تيار ڪئي ويندي ۽ هر ٻن هفتن کانپوءِ ڪيل ڪارروائي، سامهون ايندڙ مسئلن ۽ وڌيڪ بهتري لاءِ تجويزن تي ٻڌل تفصيلي رپورٽ ٽرانسپورٽ کاتي کي جمع ڪرائي ويندي. صوبائي وزير بغير صحيح فٽنيس سرٽيفڪيٽ جي هلندڙ گاڏين کي فوري طور تحويل ۾ وٺڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن. بار بار ڀڃڪڙي ڪندڙ آپريٽرز جا نالا بليڪ لسٽ ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيا ويندا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سمورين پبلڪ سروس گاڏين ۾ مقرر ڪيل حفاظتي معيارن مطابق فعال فائر ايڪسٽنگوشر لازمي هوندو. موٽر وهيڪل انسپيڪٽرز کي اوچتا معائنا ڪرڻ ۽ ڀڃڪڙي جي صورت ۾ فوري ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن. هن چيو ته ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڏنڊ، روٽ پرمٽ جي معطلي ۽ ضرورت پوڻ تي لائسنس جي منسوخي سميت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. صوبائي وزير واضح ڪيو ته ڪنهن به پبلڪ سروس گاڏي کي لازمي حفاظتي گهرجون پوريون ڪرڻ ڪانسواءِ روڊن تي هلڻ جي اجازت نه ڏني سگهجي، ڇاڪاڻ ته مسافرن جي حفاظت حڪومت جي اولين ترجيح آهي.

بقايا 36 روزاني عبرت

گلشن حديد لنڪ روڊ ٽول پلازا ويجهو بلوچ ڪمپني وٽ مسافر ڪوچ ۽ ٽرڪ وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو اختيارين موجب حادثي کانپوءِ امدادي ٽيمن واقعي واري هنڌ پهچي فوتين ۽ زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو جتي فوتين جا لاش قانوني ڪارروائي لاءِ منتقل ڪيا ويا. حادثي جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن طرفان جاچ جاري آهي.

بقايا 37 روزاني عبرت

تعزيي جي جلوسن جي موقعي تي فول پروف سيڪيورٽي پلان تيار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب سڀاڻي صبح نشتر پارڪ مان نڪرندڙ جلوس جي سيڪيورٽي لاءِ 3 هزار 745 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، جڏهن ته ڏينهن جي وقت قصر مصب مان نڪرندڙ جلوس لاءِ 2 هزار 320 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي جون ذميواريون انجام ڏيندا. ٻنهي جلوسن جي سيڪيورٽي لاءِ مجموعي طور 6 هزار 65 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. سيڪيورٽي پلان تحت سرچ پارٽين، سي سي ٽي وي ڪنٽرول رومز، جلوس جي روٽ تي نفري جي مقرري، ڇتين تي پوليس اهلڪارن جي ڊيوٽي، داخلا ۽ روانگي وارن رستن، واپسي جي روٽن ۽ اهم هنڌن تي اضافي نفري مقرر ڪئي ويندي. پوليس موجب اهم اسپتالن تي پڻ اهلڪار مقرر رهندا، جڏهن ته جلوسن ۾ شرڪت ڪندڙن جي حفاظت، مؤثر چيڪنگ، ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا ضروري انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. ڪراچي پوليس شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته سيڪيورٽي اهلڪارن سان سهڪار ڪن ۽ ڪنهن به مشڪوڪ سرگرمي يا شئي بابت فوري طور پوليس کي اطلاع ڏين.

بقايا 38 روزاني عبرت

مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي جي سمورين 260 يونين ڪائونسلن (يو سيز) کي اسٽريٽ لائيٽس فراهم ڪيون ويون آهن، جڏهن ته شهر جي گهٽين ۽ پاڙن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ به قدم کنيا پيا وڃن. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته بجيٽ ۾ شهر جي هر يو سي لاءِ اسٽريٽ لائيٽس جي منظوري ڏني وئي هئي. ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جا تفصيل پڻ آن لائن فراهم ڪيا ويندا ته جيئن شهرين کي منصوبن بابت مڪمل معلومات ملي سگهي. ميئر ڪراچي ٻڌايو ته شهر ۾ خراب پيل فائر ٽينڊرز کي پڻ جلد فعال ڪيو ويندو. مرتضيٰ وهاب موجب چيني قونصل خانو ڪراچي ۾ فيوميگيشن جي عمل لاءِ سهڪار ڪري رهيو آهي، جڏهن ته شهر جي 25 ٽائونز ۾ فيوميگيشن مشينون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن. هن چيو ته هو ڪراچي جي گهٽين ۽ پاڙن جا مسئلا حل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ڪيترائي ماڻهو شهر جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا، پر جڏهن ڪم شروع ڪيو وڃي ٿو ته مختلف نوعيت جو دٻاءُ اچڻ شروع ٿي وڃي ٿو جنهن جي نشاندهي ٿيڻ ضروري آهي. جماعت اسلامي جي ڌرڻي بابت ميئر ڪراچي چيو ته هن وقت تائين هن جماعت اسلامي جي ڌرڻي تي ڪو اعتراض ناهي ڪيو پر احتجاج سبب ڪراچي جا شهري پريشان ٿي رهيا آهن. مرتضيٰ وهاب چيو ته احتجاج لاءِ هڪ مخصوص هنڌ هجڻ گهرجي ته جيئن شهرين کي تڪليف جو منهن نه ڏسڻو پوي. هن چيو ته جماعت اسلامي پولو گرائونڊ ۾ احتجاج ڪري سگهي ٿي، پر احتجاج دوران شهرين لاءِ مسئلا پيدا نه ٿيڻ گهرجن. ميئر ڪراچي چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي جي اڪائونٽ ۾ موجود رقم عوام جي امانت آهي، تنهنڪري شهر جي بهتري لاءِ سياسي اختلافن کي هڪ پاسي رکي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 39 روزاني عبرت

ٿيل ڄڻن پوريهيتن مان ٻيو پوريهيت به زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. جنهن بعد واقعي ۾ فوت ٿيلن جو انگ وڌي 2 ٿي ويو آهي هڪ هفتو اڳ ٽائون شپ واري علائقي ۾ قائم ايل پي جي دڪان ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب اوچتو زوردار ڌماڪو ٿيو هو جنهن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا هئا، جن مان ڇهن ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي هئي ڌماڪي ۾ سخت زخمي ٿيل سڪندر ٻرڙي به گمبٽ جي گمس اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو. ان کان اڳ ساڳئي واقعي ۾ سليم ٻرڙي فوت ٿي چڪو هو. جڏهن ته ٻن ڄڻن جي حالت اڃا تائين ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ٻڌايو پيو وڃي ته فوت ٿيل سڪندر ٻرڙي ۽ سليم ٻرڙي پاڻ ۾ ڀائر هئا. واقعي کانپوءِ علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي آهي، جڏهن ته ايل پي جي دڪانن ۾ حفاظتي انتظامن بابت پڻ سوال اٿاريا پيا وڃن.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
بلاول ڀٽي پاران قومپرستن بابت ڏنل بيان جي وضاحت!
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
غمن کي مات ۽ خوشين کي جيارڻ جو هنر سکو!
صفحو 4

ايران، آمريڪا تڪرار ۽ مسلم امت!
خورشيد نديم
صفحو 4

مختيار انڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن ــــ 22 آگسٽ

ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ مير خدابخش ٽالپر ۾ قائم گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت زبون

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول عبدالرحيم ميٺو ايٽ مير خدابخش ٽالپر جي عمارت انتهائي بدترين حالت اختيار ڪري وئي

اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري پوڻ سبب ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خدشو، فرنيچر جي کوٽ سبب مشڪلاتون

نوٽيس وٺي اسڪول جي نئين عمارت، فرنيچر ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جيئن معصوم ٻارن جو مستقبل محفوظ ٿئي: رهواسي

ڏگهڙي تعلقي جي ديهه 178 ۾ قائم روشن تارا پرائمري اسڪول 20 سالن کان عمارت کان محروم ، اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد ڪکائين ڇپري ۽ وڻن جي ڇانوَ هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ ميرس لڳ پرائمري اسڪول جي حالت زار ٻار کليل آسمان هيٺ تعليم وٺڻ تي مجبور ڪوٽ غلام محمد تعلقي جي ڳوٺ مير خدابخش ٽالپر ۾ قائم گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول عبدالرحيم ميٺو ايٽ مير خدابخش ٽالپر جي عمارت انتهائي بدترين حالت اختيار ڪري وئي آهي جنهن سبب معصوم شاگردن جي زندگين کي خطرو ۽ تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري پوڻ سبب ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خدشو آهي جڏهن ته فرنيچر جي کوٽ سبب ننڍڙا شاگرد سخت گرميءَ ۾ کليل آسمان هيٺ ۽ فرش تي ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن ڳوٺاڻن ۽ استادن موجب اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي گرمي، مٽي ۽ غير محفوظ عمارت ٻارن لاءِ صحت ۽ سلامتي جي حوالي سان پڻ ڳڻتي جو سبب بڻيل آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته تعليم جي بهتري ۽ اسڪولن جي ترقيءَ بابت ڪيل اعلان تڏهن ئي عملي شڪل اختيار ڪندا، جڏهن ٻهراڙي وارن ڳوٺن جي اسڪولن ۾ به بنيادي سهولتون يقيني بڻايون وڃن ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي اسڪول جي نئين عمارت، فرنيچر ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن معصوم ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻجي سگهي

ڪنر شاخ نو جي ايس ڊي او جا آبادگارن تي ڪلور، هترادو وارابندي، واٽر ڪورسن تي رشوت مقرر

ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي، هترادو وارابندي ڪري رشوت اوڳاڙي جو سلسلو شروع

وارابندي دوران في ڪلاڪ پاڻي لاءِ ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي پاران 20 هزار روپيا رشوت مقرر، اوڳاڙي لاءِ خانگي ايجنٽ مقرر

ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي ڪنر شاخ نو کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي هلائي رهيو آهي، خانگي ماڻهن ذريعي هراسان ڪري ٿو: آبادگار

سلطان ناراڻي پاڻ کي وزيراعليٰ سنڌ جو ماڻهو سڏائي ٿو، هڪ ايس ڊي او آهي پر وٽس ڪروڙين روپين جي ملڪيت آهي، جاچ ٿيڻ گهرجي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڪنر شاخ نو جي ايس ڊي او جا آبادگارن تي ڪلور هترادو وارابندي، واٽر ڪورسن تي رشوت مقرر اوڳاڙي لاءِ خانگي ايجنٽ مقرر، وارابندي دوران في ڪلاڪ پاڻي لاءِ 20 هزار رشوت طلب، آبادگارن پاران انصاف جي گهر خبر موجب ڪنر شاخ نو تي مقرر ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي رشوت جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي، ايس ڊي او پاران هترادو وارابندي ڪري رشوت اوڳاڙي جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ معلوم ٿيو آهي ته ڪنر شاخ نو تي 9 ڏينهن جي وارابندي ڪئي وڃي ٿي پر وارابندي دوران في ڪلاڪ پاڻي لاءِ ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي پاران 20 هزار روپيا رشوت مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن ته رشوت جي اوڳاڙي لاءِ خانگي ايجنٽ پڻ مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي آبادگارن کي بليڪ ميل ڪري رشوت ڏيڻ لاءِ هيسائين ٿا، ان حوالي سان آبادگارن جو چوڻ آهي ته ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي ڪنر شاخ نو کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي هلائي رهيو آهي، خانگي ماڻهن ذريعي رشوت گهري ٿو جيڪڏهن انڪار ڪريون ٿا ته مختلف طريقن سان ڌمڪايو وڃي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي پاڻ کي وزيراعليٰ سنڌ جو ماڻهو سڏائي ٿو سلطان ناراڻي هڪ ايس ڊي او آهي پر وٽس ڪروڙين روپين جي ملڪيت آهي، جنهن جي پڻ جاچ ٿيڻ گهرجي اسان وزيراعليٰ سنڌ ۽ آبپاشي کاتي جي وزير کان مطالبو ڪريون ٿا ته ڪرپٽ ايس ڊي او آبپاشي سلطان ناراڻي کي فوري طور تي هٽائي ڪنر شاخ نو جي آبادگارن کي ظلم کان نجات ڏياري وڃي

گڏاپ ۾ عيد ميلادالنبي جي انتظامن جي حوالي سان گڏجاڻي

چيئرمين طارق عزيز بلوچ پاران انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ هدايتون جاري

ٽائون گڏاپ جي حدن ۾ صفائي سٿرائي جا خصوصي انتظام ڪيا ويا آهن: طارق عزيز بلوچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز جي خاص هدايتن تي ربيع الاول جي مقدس مهيني جي حوالي سان خصوصي بلدياتي انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ، ڊپٽي ڊائريڪٽر سينيٽيشن محمد افضل لغاري، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر ايم اينڊ اي، نور علي جمالي ۽ AEE وسيم آرائين جي نگراني ۾ ربيع الاول دوران صفائي سٿرائي، اسٽريٽ لائٽس، مسجدن، جلوسن جي رستن ۽ ٻين اهم هنڌن تي ضروري بلدياتي انتظام ڪيا پيا وڃن ربيع الاول دوران ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي حدن ۾ صفائي سٿرائي جا خصوصي انتظام ڪيا ويا آهن مسجدن ۽ جلوسن جي رستن تي صفائي، ڪچري جي بروقت منتقلي ۽ ٻين ضروري قدمن کي يقيني بڻايو ويندو جڏهن ته خراب اسٽريٽ لائٽس جي مرمت سان گڏ مسجدن ۽ ٻين اهم هنڌن تي روشني جا مناسب انتظام پڻ ڪيا ويا آهن ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته ربيع الاول اسان لاءِ انتهائي مقدس ۽ بابرڪت مهينو آهي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي ذميواري آهي ته هن مقدس مهيني دوران شهرين کي هر ممڪن بلدياتي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ مسجدن توڙي جلوسن جي رستن تي صفائي سٿرائي سميت سمورا انتظام يقيني بڻايا وڃن هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ربيع الاول دوران صفائي سٿرائي جي خصوصي انتظامن ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت نه ڪئي وڃي ۽ سمورا آفيسر توڙي عملي جا اهلڪار پنهنجا فرض ذميواري ۽ جانفشاني سان سرانجام ڏين عوامي خدمت کي عبادت سمجهي انجام ڏنو وڃي ۽ شهرين کي صاف سٿرو ۽ بهتر ماحول فراهم ڪرڻ کي اولين ترجيح ڏني وڃي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز پڻ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ربيع الاول جي حوالي سان سمورن انتظامن جي مسلسل نگراني ڪئي وڃي ۽ جتي به صفائي، روشني يا ٻين بلدياتي سهولتن جي ضرورت هجي اتي فوري طور تي قدم کنيا وڃن هن چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ ربيع الاول دوران شهرين کي بهترين بلدياتي سهولتن جي فراهمي لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آڻيندي ۽ مقدس مهيني دوران صفائي، روشني ۽ ٻين انتظامن کي يقيني بڻائڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

ڪراچي ڪي ايم سي گڏاپ چيئرمين طارق عزيز بلوچ اجلاس جي صدارت ڪندي

فريدآباد ۾ ڪنڀي گم ڪيل رياض خاصخيلي جي آزادي لاءِ احتجاج

رياض خاصخيلي جي آزادي لاءِ وارثن چوٿين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو جاري رکيو

نوجوان رياض خاصخيلي کي آزاد ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي: وارث

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ۾ چار ڏينهن اڳ ڪنڀي گم ڪيل رياض خاصخيلي جي آزادي لاءِ وارثن سندس پٽ بلاول خاصخيلي، عارف خاصخيلي، احسان خاصخيلي، عبدالڪريم خاصخيلي، تنوير خاصخيلي ۽ ٻين جو 4 ڏينهن به احتجاجي مظاهرو جاري رکيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سندس جي پٽ بلاول خاصخيلي چيو ته اسان پرامن شهري آهيون اسان جو والد هوٽل هلائي گهر جو گذر سفر ڪري پيٽ پاليندو هيو جڏهن ته منهنجو والد رياض خاصخيلي شگر جو مريض آهي ۽ اکين کان معذور آهي اسان جي والد جو ڪنهن به پابندي پيل تنظيم سان ڪو به واسطو ناهي هنن اعليٰ اختيارين ۽ هيومن رائيٽس ۽ عالمي ادارن کان مطالبو ڪيو ته رياض خاصخيلي ڪنڀي گم ٿيڻ جو نوٽيس وٺي نوجوان رياض خاصخيلي کي آزاد ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ پرامن احتجاج جاري رهندو

فريدآباد ڪنڀي گم ڪيل رياض خاصخيلي جي آزادي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دولتپورصفن ۾ فصل جي پيداوار وڌائڻ جي حوالي سان سيمينار

زراعت پاڪستان جي ريڙهه جي هڏي آهي، هتي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي: ماهر

هاري پنهنجي فصلن مان بهتر آمدني چاهين ٿا ته انهن کي نوان فارمولا آزمائڻ گهرجن

دولتپورصفن(ن ع) زراعت پاڪستان جي ريڙهه جي هڏي آهي زراعت تي مڪمل ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي جيڪڏهن هاري پنهنجي فصلن مان بهتر آمدني چاهين ٿا ته انهن کي نوان فارمولا آزمائڻ گهرجن ۽ روايتي طريقن جي بدران جديد مشينري استعمال ڪرڻ گهرجي رسول بخش جوڻيجو النور شوگر ملز ڪمند جي آبادگارن کي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي ۽ مقامي آبادگارن کي فصل جي پيداوار وڌائڻ لاءِ رهنمائي ڪري رهي آهي محسن رفيق پٽي جنرل مينيجر النور شوگر ملز شاهپور جهانيان پاران دولت پور جي ويجهو هڪ ڳوٺ ديهه ٿليلي ۾ فصل جي پيداوار وڌائڻ جي حوالي سان هڪ ڏينهن جو سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار جو خاص مهمان ڊائريڪٽر جنرل زراعت سنڌ رسول بخش جوڻيجو هو جنرل مئنيجر ڪين محسن رفيق پٽي اي جي ايم ڪين سليم چنا اي جي ايم ڪين قمرالدين ڏاهري پاڪستان پيپلز پارٽي تحصيل دولت پور ايٽ قاضي احمد صدر چوڌري حاجي خالد حسين آرائين چيئرمين يونين ڪائونسل ٿهليل شاهد اقبال آرائين نور محمد آرائين اڳوڻو ڪائونسلر راشد علي آرائين صحافي فيض فريد ڪوڪر اختر آزاد ڏاهري رياض ملاح هن موقعي تي عرفان چنا سميت وڏي انگ ۾ آبادگار موجود هئا ديهه ٿليل ڳوٺ جي معززين مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا

مسوورڳڙي جي رهواسين جو پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج

هن جديد دور ۾ به اسان جو شهر بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهي: رهواسي

پيئڻ جي لاءِ پاڻي جي سهولت ميسر ڪري ڏني وڃي: چونڊيل نمائندن کي اپيل

مسوورڳڙي (ن ع)مسوورڳڙي جي رهواسين جو پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف پاڻي جا ٿانو کڻي الله والا چوڪ تي احتجاج اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان موقعي تي مظاهرين دانهيندي چيو ته هن جديد دور ۾ به اسان جو شهر بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهي هنن ٽڪ جي چونڊيل نمائندن ۽ وس وارن اختيارين کان گهر ڪئي ته پيئڻ جي لاءِ پاڻي جي سهولت ميسر ڪري ڏني وڃي هنن چيو ته پري ڪاڻ پاڻي ڀري اچون ٿا هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته اسان کي پاڻي ڏئي پيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

مٺي ۾ دهشتگردي جي شهيدن ۽ متاثرين کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ريلي

مٺي (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي دهشتگردي جي شهيدن ۽ متاثرين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪالهه گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مٺي کان ڪشمير چوڪ مٺي تائين ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٿرپارڪر هاشم مسعود، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي، سماجي ڀلائي کاتي ٿرپارڪر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيلاش پنڙ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي عمير اشرف جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سرڪاري کاتن جي عملدارن، استادن، شاگردن، سول سوسائٽي، ميڊيا، غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن ۽ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ريلي جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن ملڪ ۾ دهشتگردي جي سخت مذمت ڪندي دهشتگردي خلاف جنگ ۾ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ پاڪ فوج سميت قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ معصوم شهرين جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو شرڪت ڪندڙن ملڪ جي دفاع، سلامتي ۽ امن لاءِ پاڪ فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي قربانين ۽ خدمتن کي ساراهيندي "پاڪستان زنده باد" ۽ "پاڪ فوج زنده باد" جا نعرا هنيا ۽ ملڪ ۾ امن سلامتي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته ملڪي سلامتي لاءِ اسان سمورا پاڪستاني پنهنجي فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهنداسين

فيضان مدينه سڪرنڊ ۾ دعوت اسلامي جو هفتيوار اجتماع

سڪرنڊ (ن ع) دعوت اسلامي جو هفتيوار اجتماع مدني مرڪز فيضان مدينه سڪرنڊ ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شهرين سميت مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي اجتماع ۾ دعوت اسلامي جي سٽي نگران علامه طلحه مدني بيان ڪندي چيو ته دعوت اسلامي جتي اسلامي ڀائرن کي شريعت موجب زندگي گذارڻ جو درس ڏئي ٿي اتي سماجي ڪمن ۾ پڻ دعوت اسلامي مختلف شعبن ۾ ڪيترائي ڀلائي جا ڪم ڪيا آهن جن ۾ صرف هڪ FGRF شعبي تحت 87 هزار 452 رت جون بوتلون ٿيليسيميا جي ٻارڙن کي ڏنيون ويون آهن هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهن جي مالي مدد ڪئي وئي آهي هيلٿ ڪيئر سينٽر مان هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي فائدو مليو آهي جڏهن ته 35 لک وڻڪاري مهم دوران ٻوٽا لڳايا ويا آهن هن اهو پڻ چيو ته ان کان وڌيڪ شعبا پڻ آهن جن جو ڪم ساراهه جوڳو آهي آخر ۾ علامه طلحه مدني اهو پڻ اعلان ڪيو ته حضور سرور ڪائنات صه جن جي ولادت جو ڏينهن 12 ربيع الاول پڻ دعوت اسلامي ڀرپور نموني ملهائڻ جو شيڊول جاري ڪيو آهي جنهن موجب ولادت واري رات مدني مرڪز فيضان مدينه ۾ اجتماع جو اهتمام ڪيو ويندو ۽ 12 ربيع الاول واري ڏينهن فيضان مدينه مان جشن آمد رسول صه جو مدني جلوس ڪڍيو ويندو جيڪو مختلف رستن تان ٿيندو فيضان مدينه ۾ اختتام پذير ٿيندو تمام اسلامي ڀائرن کي دعوت آهي ته هو ٻنهين پروگرامن ۾ ڀرپور شرڪت ڪن اجتماع جي پڄاڻي تي علامه شاهزيب مدني اجتماعي ذڪر ڪرايو

سڪرنڊ لڳ سائين امير حيدر شاهه جي پنجين ورسي ملهائي وئي

سڪرنڊ (ن ع) اڳوڻي ايم اين اي ۽ ايم پي اي رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي ڀڳدار فرزند سائين امير حيدر شاهه جي پنجين ورسي سنائي سيدن جي خانداني ۽ مذهبي روايت موجب سندس ڀڳدار فرزند سيد بدر زمان شاهه پاران سندس رهائشگاهه تي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي بدرالزمان شاهه هائوس تي قرآن خواني ڪرڻ بعد مرحوم جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪرڻ بعد دعا گهري وئي ان موقعي تي سيد منير حيدر شاهه جونيئر جي ايم سيد ، سيد فيض حيدر شاهه سيد سارنگ مرتضيٰ شاهه پڻ موجود هئا جڏهن ته سن شهر جون قدآور شخصيتون پڻ ورسيءَ ۾ شريڪ هيون جن ۾ قاضي صلاح الدين ميمڻ زوار خادم حسين شاهه غلام قادر گرائي سيد آصف شاهه اورنگ زيب شاهاڻي ۽ شهمير خاصخيلي سميت ڪئي شخصيتون شامل هيون جن سيد امير حيدر شاهه جي زندگيءَ تي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سائين امير حيدر شاهه هڪ ڪردار جو نالو آهي اسين سن واسي سندس وڇوڙي کي وڏو خال سمجهون ٿا مرحوم جي فرزند سيد بدرالزمان شاهه چيو ته بابا سائين امير حيدر شاهه پوري حياتي انسانيت جي خدمت ۾ گذاري پاڻ جڏهن قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر ٿيا تڏهن ترقياتي ڪمن ڪانسواءِ علائقي جي ماڻهن کي وڏ ۾ وڏ روزگار ڏياريو اسين سمجهون ٿا ته سائين امير حيدر شاهه هڪ ڪردار جو نالو هو ۽ ڪردار ڪڏهن به مرندا ناهن دعا آهي ته الله سائين سندس درجات بلند فرمائي

ٺٽو ريجنل ڊائريڪٽر محتسب سنڌ الطاف حسين لغاري بنيادي صحت مرڪز گجو جو دورو ڪري رهيو آهي

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ ٺٽو جو بنيادي صحت مرڪز گجو جو دورو

مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن، صفائي سٿرائي ۽ ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو

ميڊيڪل اسٽور جو دورو ڪري موجود دوائن ۽ دوائن جي رڪارڊ جي چڪاس ڪئي

ٺٽو(ڊ ر) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ ٺٽو جو بنيادي صحت مرڪز گجو جو دورو طبي سهولتن ۽ دوائن جي رڪارڊ جو جائزو ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ ٺٽو الطاف حسين لغاري بنيادي صحت مرڪز گجو جو دورو ڪري مرڪز ۾ مريضن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن، صفائي سٿرائي ۽ ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو هن بنيادي صحت مرڪز جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو خاص طور تي ميڊيڪل اسٽور جو دورو ڪري موجود دوائن ۽ دوائن جي رڪارڊ جي چڪاس ڪئي هن مرڪز ۾ صفائي سٿرائي جي صورتحال جو پڻ جائزو ورتو ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کي هدايت ڪئي ته مرڪز تي ايندڙ مريضن کي بهتر ۽ بروقت طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ دوائن جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته صفائي سٿرائي جي انتظامن تي پڻ خاص ڌيان ڏنو وڃي هن چيو ته بنيادي صحت مرڪز عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، تنهن ڪري طبي عملو پنهنجون ذميواريون بهتر نموني سرانجام ڏيندي مريضن سان بهتر رويو اختيار ڪري ان موقعي تي سب رجسٽرار محتسب اعليٰ ٺٽو غلام مرتضيٰ ميمڻ پڻ ساڻس گڏ هو

ڏگهڙي جي رام ڪالوني واسين جو ميرپورخاص ۾ احتجاج

ڪيول ڪولهي ريڙهي دڪان هلائي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندو آهي: گهر وارا

ڪوڙي قتل ڪيس جي فريادي اصغر علي پاران ڪيول ڪولهي کي نامزد ڪيو آهي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ڏگهڙي جي رام ڪالوني واسي ڪيول ڪولهي مٿان ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ڪيول جي گهروارن رامون ڪولهڻ ۽ سندس امڙ انو ڪولهڻ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته ڪيول ڪولهي جيڪو ريڙهي دڪان هلائي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندو آهي جڏهن ته ڪجهه ڏينهن پهريان اسان جي گهرن کان اڌ ڪلو ميٽر فاصلي تي نامعلوم ماڻهن پاران فيصل ڪنير کي قتل ڪيو ويو جنهن قتل ڪيس ۾ ڪيس جي فريادي اصغر علي پاران ڪيول ڪولهي کي نامزد ڪيو آهي جنهن بعد ڪيول ڪولهي کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي هنن چيو ڪيول ڪولهي هڪ غريب مسڪين ماڻهو آهي جنهن کي ڪوڙي قتل ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي جيڪا سراسر زيادتي آهي ڪيول ڪولهي جيل ۾ هجڻ سبب گهر ۾ ڪير ڪمائڻ وارو ڪونهي گهر ۾ فاقا ڪشي واري صورتحال ڇانيل آهي هنن واسطيدار اختيارين کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ڪيول ڪولهي مٿان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص ڏگهڙي جي رام ڪالوني جي رهواسي عورتون ميرپورخاص ۾ احتجاج ڪندي

سڄاول: مظفر جت کي قتل ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا

عدالت ريڏني جت قتل ڪيس جي مک جوابدار مظفر جت کي سزا ٻڌائي

عدالت جوابدار خلاف قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا جو فيصلو ٻڌايو

سڄاول (ڊ ر) مظفر جت کي قتل ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ريڏني جت قتل ڪيس جو فيصلو باقي خبر موجب سڄاول جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج اعجاز شاهه جي عدالت پ پ ڪلچرل ونگ جي اڳواڻ شهيد ريڏني جت قتل ڪيس جي مک جوابدار مظفر جت کي هڪ ٻئي قتل ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي ٻلوري ٿاڻي تي 16 آگسٽ 2020ع تي مقتول الله بچايو جت جي پاءُ محمد حنيف جت جي فرياد تي جوابدار مظفر جت ۽ ٻين خلاف سندس پاءُ کي قتل ڪرڻ ۽ غلام نبي جت کي زخمي ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو مقدمي جي ٻڌائي دوران فريادي ڌر جي نامياري سينيئر وڪيل ايڊووڪيٽ اعجاز احمد جمالي جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ عدالت جوابدار خلاف قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس عمر قيد جي سزا ٻڌائڻ جو فيصلو ٻڌايو هوڏانهن جوابدار مظفر جت هن وقت سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد آهي ۽ ٻئي ڏالير وٽ پ پ اڳواڻ شهيد ريڏني جت جي ٻي رحمائي قتل ڪيس ۾ پڻ مک جوابدار

ميهڙ ۾ ٻارڙي سان جنسي ڏاڍائيءَ جي ڪوشش

پوليس جي ترت ڪاروائي، جوابدار گرفتار، ڪيس داخل

پوليس نامزد جوابدار عرفان پٽ نياز پليپوٽو کي به گرفتار ڪري ورتو

ميهڙ جنسي ڏاڍائي جي ڪوشش ڪندڙ گرفتار جوابدار

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ ٻارڙي سان جنسي ڏاڍائيءَ جي ڪوشش، پوليس جي ترت ڪاروائي جوابدار گرفتار ڪيس داخل ميهڙ جي منصور ڪالوني ۾ پاڙيسري جوابدار پاران 11 سالن جي نياڻي "م" سان مبينه جنسي زيادتي جي ڪوشش ڪئي وئي اطلاع تي ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن مظهر علي نائچ جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس في الفور واقعي واري هنڌ پهچي ڪاروائي ڪئي متاثره ٻارڙي جي والد جي فرياد تي ڏوهه نمبر 321/2026 ڏوهه قلم 376/511 ت پ ميهڙ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو پوليس نامزد جوابدار عرفان پٽ نياز پليپوٽو کي به گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

ٺري ميرواهه جي جوڳي محله جي رهواسي جو احتجاج

بااثر گهر تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن: ظفر جوڳي

مون معذور جي گهر تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

ٺري ميرواهه جوڳي محله جو رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٺري ميرواهه(ن ع) ٺري ميرواهه جي جوڳي محله جي رهواسي معذور ظفر جوڳي جو گهر تي قبضي خلاف احتجاج ڪندي معذور ظفر جوڳي دانهيندي چيو ته بااثر رانجهن، سعيد، بنگل جوڳي منهنجي گهر تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ مونکي قتل ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي آهي ۽ منهنجي گهر جو دروازو بند ڪري ڇڏيو اٿن مان برادري جي معززين ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين کان مطالبو ڪندي چيو ته مون معذور جي گهر تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري منهنجي جان بچائي وڃي ٻي صورت ۾ مان پاڻ کي باهه ڏئي ساڙيندس

سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن صورت ۾ قبول ناهي: دلبر سائين

سنڌ جي اصل ۽ تاريخي جيڪا جاگرفيائي حد آهي ان کي بحال ڪيو وڃي

جيڪي هن جي ورهاڱي يا انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪن ٿا اهي ملڪ جا به سڄڻ ناهن

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ جو ورهاڱو ته ڪنهن صورت ۾ قبول ناهي بلڪ اسان جو مطالبو آهي سنڌ جي اصل ۽ تاريخي جيڪا جاگرفيائي حد آهي ان کي بحال ڪيو وڃي اها ڳالهه ملڪ جي معروف عظيم روحاني شخصيت ۽ "سنڌوءَ تي ڌاڙو نامنظور" ڪتاب جي ليکڪ پير محمد ڪرم الله الاهي المعروف دلبر سائين ميڊيا سان ڳالهائيندي چئي هن چيو ته سنڌ هڪ تاريخي ۽ صدين پراڻو وطن آهي جيڪي هن جي ورهاڱي يا انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪن ٿا اهي ملڪ جا به سڄڻ ناهن اسين ان ناپاڪ منصوبي جي نه صرف مذمت ڪيون ٿا بلڪ ضرورت پوڻ تي مزاحمت به ڪنداسين هن چيو ته سنڌوءَ جو پاڻي چورائڻ وارو منصوبو هجي يا سنڌ جو ورهاڱو انهن ٻنهي منصوبن سميت جيڪي به سنڌ دشمن منصوبا حڪمرانن جوڙيا آهن ان کي قبول نه ڪنداسين دلبر سائين اهو پڻ چيو ته اسان جو مطالبو آهي ته سنڌ جي جيڪا شروعاتي صدين پراڻي تاريخ آهي ان موجب سنڌ بمبئي کان ملتان تائين ٻڌائي وئي آهي هٿ ته اينءَ گهرجي ته سنڌ جي اها جاگرافيائي ۽ تاريخي حد بحال ڪئي وڃي دلبر سائين ان ڳالهه جي پڻ تائيد ڪئي ته سنڌ هڪ وطن آهي جڏهن ته پاڪستان هڪ معاهدو آهي ان ڪري وطن جي اهميت وڌيڪ هوندي آهي ان موقعي تي حافظ مختيار علي ڪريمي، اصغر علي پرهياڙ ذوالفقار علي ڪوسو ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

سوراهه ٿاڻي جي حد ۾ ڇوڪري سان ڏاڍائي جي الزام ۾ 2 جوابدار گرفتار

زيادتي جي الزام هيٺ ٻن جوابدارن زوهيب ملاح ۽ ثناءالله ملاح کي گرفتار ڪيو ويو

وزير داخلا سنڌ ضياءالحسن لنجار واقعي جو نوٽس ورتو رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي سوراهه ٿاڻي جي حد ۾ ڇوڪري سان ڏاڍائي جي الزام ۾ 2 جوابدار گرفتار وزير داخلا سنڌ معاملي جو نوٽس ورتو تفصيل موجب ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي ٿاڻي سوراهه جي حد ۾ وائرل ٿيل وڊيو جو سختي سان نوٽيس وٺندي ڇوڪري سان مبينا زيادتي ڪندڙ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي .ايس ايس پي خيرپور جي حڪمن تي ايس ايڇ او ٿاڻي سوراهه بروقت ڪاروائي ڪندي عبدالصمد گوپانگ سان مبينا زيادتي جي الزام هيٺ ٻن جوابدارن زوهيب ملاح ۽ ثناءالله ملاح کي گرفتار ڪري جوابدارن خلاف ڪيس پڻ داخل ڪيو آهي.ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي چيو آهي ته ڇوڪري سان مبينا زيادتي ڪندڙ جوابدارن کي قانون موجب سخت کان سخت سزا ڏيارڻ لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي، ٻي طرف وزير داخلا سنڌ ضياءالحسن لنجار واقعي جو نوٽس ورتو ۽ ايس ايس پي خيرپور کي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي

ڪراچي سنڌ آهي، سنڌ ڪراچي آهي: پير بچل شاهه

خيرپور(ڊ ر) درگاهه شريف درب ميهر شاهه جي سجاده نشين پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير پير محمد بچل شاهه جيلاني چيو آهي ته ڪراچي سنڌ آهي سنڌ ڪراچي آهي سنڌ اندر نئون صوبو بڻجڻ نه ڏينداسين هو مقامي هوٽل ۾ پيپلزپارٽي جي اڳواڻن ايڊووڪيٽ لياقت علي شر ايڊووڪيٽ شفقت حسين مهيسر سيد ابوبڪر شاهه راشدي ۽ ايڊووڪيٽ مبين ناريجو سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو پير محمد بچل شاهه چيو ته قديم سنڌ جي تاريخ پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته پنجاب ۽ بلوچستان کان وٺي ڪشمير تائين جا علائقا سنڌ جو حصو رهيا آهن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪجهه دوست مهاجر بڻجي سنڌ ۾ آيا، جيڪي هاڻي سنڌ جي ورهاڱي جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن جنهن تي افسوس ٿئي ٿو هن چيو ته مصطفيٰ ڪمال، خالد مقبول صديقي ۽ انهن سان گڏ پاڻ کي مهاجر سڏرائيندڙ ماڻهو سنڌ جي وحدت تي حملا ڪري رهيا آهن سنڌين اهڙين ڳالهين تي افسوس آهي هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جون ڳالهيون ڪرڻ سان نفرتون پکڙجي رهيون آهن تنهنڪري سنڌ جي ورهاڱي جون ڳالهيون نه ڪيون وڃن پير محمد بچل شاهه جيلاني چيو ته اسان سيد آهيون اسان جا وڏا بغداد مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا هئا اسان سنڌ ۾ پيدا ٿيا آهيون ۽ اسان جو مرڻ ۽ جيئڻ سنڌ سان گڏ آهي هن چيو ته ملڪ ۾ 50 صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن هزارا ۽ سرائيڪي علائقن جا ماڻهو پڻ الڳ صوبن جو مطالبو ڪري رهيا آهن جيڪڏهن انهن علائقن ۾ الڳ صوبا ڏنا وڃن ته اسان کي ڪو اعتراض ناهي پر سنڌ اندر نئون صوبو بڻجڻ نه ڏينداسين هن چيو ته اسان سڄي سنڌ کي متحد ۽ منظم ڏسڻ چاهيون ٿا سنڌ هڪ آهي ۽ قيامت تائين هڪ رهندي اسان جي دوستن کي نفرتون پکيڙڻ کان پاسو ڪرڻو پوندو هن چيو ته ڪجهه ماڻهو حالتون خراب ڪرڻ چاهين ٿا اهڙي صورتحال ۾ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير کي جنرل ناصر ۽ ڪرنل قذافي وانگر پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ چيو ته مصطفيٰ ڪمال ۽ خالد مقبول صديقي نفرتون پکيڙڻ واريون ڳالهيون ڪري رهيا آهن جنهن جي نتيجي ۾ نقصان جو خطرو آهي ان ڪري فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ قوم کي ورهائڻ جون ڳالهيون ڪندڙن تي ضابطو آڻين

مرڪزي امام بارگاهه باب العلم ڏگهڙي جي پرمٽ هولڊر جي وضاحت

ڏگهڙي(ن ع)مرڪزي امام بارگاهه باب العلم ڏگهڙي جي پرمٽ هولڊر جي وضاحت، سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن جي ترديد. مرڪزي امام بارگاهه باب العلم ڏگهڙي جي پرمٽ هولڊر زوار سيد بشير احمد شاهه نقوي سوشل ميڊيا تي سندس حوالي سان گردش ڪندڙ خبرن کي بي بنياد ۽ من گهڙت قرار ڏيندي سختي سان ترديد ڪئي آهي. پنهنجي هڪ وضاحتي بيان ۾ زوار سيد بشير احمد شاهه نقوي چيو آهي ته هو مرڪزي امام بارگاهه باب العلم ڏگهڙي جو قانوني ۽ باضابطا پرمٽ هولڊر آهي ۽ پنهنجون ذميواريون بدستور سرانجام ڏئي رهيو آهي هن واضح ڪيو ته سوشل ميڊيا تي ڪيس عهدي ۽ ذميوارين تان هٽائڻ بابت جيڪي خبرون يا اعلان گردش ڪري رهيا آهن انهن ۾ ڪا به صداقت ناهي ۽ اهڙيون خبرون حقيقتن جي ابتڙ آهن.هن چيو ته سندس عهدي يا ذميوارين ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي ناهي آئي ۽ هو قانوني ۽ شرعي طور پنهنجون ذميواريون ادا ڪري رهيو آهي سندس چوڻ هو ته ڪجهه عنصر ذاتي مخالفت جي بنياد تي بي بنياد پروپيگنڊا ڪري مرڪزي امام بارگاهه جو ماحول خراب ڪرڻ ۽ مومنن ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.زوار سيد بشير احمد شاهه نقوي سڀني مومنن کي اپيل ڪئي ته سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ غير تصديق ٿيل خبرن ۽ افواهن تي ڌيان نه ڏين ۽ ڪنهن به اطلاع کي اڳتي شيئر ڪرڻ کان اڳ ان جي تصديق ضرور ڪن هن مومنن کي اتحاد، نظم ۽ ضبط ۽ گڏيل ڀائيچارو برقرار رکڻ جي پڻ اپيل ڪئي.هن وڌيڪ چيو ته ڪوڙيون خبرون ۽ بي بنياد پروپيگنڊا پکيڙيندڙ عنصرن خلاف قانوني ۽ تنظيمي ڪارروائي جو حق محفوظ رکي ٿو

ڏگهڙي لڳ ويهن سالن کان قائم سرڪاري روشن تارا پرائمري اسڪول عمارت کان محروم

روشن تارا پرائمري اسڪول ۾ داخل 90 شاگرد ڇپري ۽ وڻن هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور

پرائمري اسڪول جي عمارت ۽ چوديواري نه هجڻ سبب شاگردن ۽ استادن کي سخت مشڪلاتون درپيش

اسڪول جي ايس ايم سي چيئرمين صدام حسين پاران ريجنل محتسب اعليٰ ميرپورخاص وٽ درخواست داخل ڪرائي وئي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي تعلقي جي ڳوٺ ۾ ويهن سالن کان قائم سرڪاري روشن تارا پرائمري اسڪول عمارت کان محروم 90 شاگرد ڇپري ۽ وڻن هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور ڏگهڙي تعلقي جي ٻهراڙي واري علائقي ديهه 178 ۾ قائم روشن تارا پرائمري اسڪول گذريل ويهن سالن کان سرڪاري اسڪول هجڻ باوجود اڃا تائين پنهنجي عمارت کان محروم آهي، جنهن سبب اسڪول ۾ پڙهندڙ لڳ ڀڳ 90 شاگرد هڪ ڪکائين ڇپري ۽ وڻن جي ڇانوَ هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن.تفصيل موجب روشن تارا پرائمري اسڪول سال 2007ع ۾ قائم ڪيو ويو هو جتي هن وقت لڳ ڀڳ 90 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ صرف 2 استاد تدريسي ذميواريون سرانجام ڏئي رهيا آهن اسڪول جي عمارت ۽ چوديواري نه هجڻ سبب شاگردن ۽ استادن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته چوديواري نه هجڻ ڪري شاگرد پاڻ کي غير محفوظ پڻ محسوس ڪن ٿا.افسوسناڪ صورتحال اها آهي ته اسڪول ۾ واش روم جي سهولت به موجود ناهي، جنهن سبب استاد ۽ شاگرد بنيادي سهولتن کان محروم هجڻ باوجود مجبوريءَ تحت پنهنجو تدريسي عمل جاري رکڻ تي مجبور آهن.ان سلسلي ۾ اسڪول جي ايس ايم سي چيئرمين صدام حسين پاران ريجنل محتسب اعليٰ ميرپورخاص وٽ درخواست داخل ڪرائي وئي آهي درخواست ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته اسڪول ايجوڪيشن ميرپورخاص ۽ ايجوڪيشن ورڪس ميرپورخاص جي لاڳاپيل آفيسرن کي پابند ڪيو وڃي ته روشن تارا پرائمري اسڪول کي ترجيحي بنيادن تي اسڪول جي عمارت، چوديواري، واش روم سميت ٻيون ضروري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن صدام حسين درخواست ۾ وڌيڪ چيو آهي ته ٻهراڙي جي هن اسڪول ۾ غريب ۽ مسڪين ماروئڙن جا ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، تنهنڪري ڪين محفوظ ۽ پرسڪون تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي اسڪول کي ترجيحي بنيادن تي عمارت، چوديواري، واش روم سميت ٻيون ضروري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ مير خدابخش ٽالپر ۾ قائم گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال نظر اچي ٿي، ٻئي طرف ٻار پٽ تي ويهي تعليم پرائي رهيا آهن

انڊس يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس پاران اوپن هائوس ڪيريئر ڪائونسلنگ جي عنوان سان تقريبون

تقريب دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين کي بهتر مستقبل ۽ ڪيريئر جي صحيح چونڊ بابت آگاهي ڏني وئي

اهڙي قسم جا آگاهي ۽ ڪيريئر ڪائونسلنگ پروگرام وڌيڪ ٿيڻ گهرجن، جيئن شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڄاڻ حاصل ڪن: ڊاڪٽر اقبال ميمڻ

صحيح ڪيريئر جي چونڊ نئين نسل جي مستقبل کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي: سلال شاهه شاهنواز شاهه ۽ ٻين جو خطاب

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ انڊس يونيورسٽي آف ماڊرن سائنس پاران اوپن هائوس ڪيريئر ڪائونسلنگ جي عنوان سان تقريبون ٿيون جنهن ۾ شاگردن ۾ حوصلا افزائي لاءِ سرٽيفڪيٽس ورهايا ويا ۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾ حيدرآباد ريجن جي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ تقريب دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مختلف تعليمي ۽ ڪيريئر شعبن بابت آگاهي پڻ ڏني وئي ۽ نئين نسل جي بهتر مستقبل ۽ ڪيريئر جي صحيح چونڊ بابت پڻ رهنمائي فراهم ڪئي وئي تقريب جي مهمان خاص ڊاڪٽر محمد اقبال ميمڻ سيد سلال شاهه سيد شاهنواز شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اهڙي قسم جا آگاهي ۽ ڪيريئر ڪائونسلنگ پروگرام وڌيڪ منعقد ٿيڻ گهرجن جيئن شاگرد ۽ شاگردياڻيون پنهنجي قابليت ۽ دلچسپي مطابق پنهنجي ڪيريئر جو شعبو چونڊي سگهن هن چيو ته شاگردن کي پنهنجي مستقبل بابت صحيح وقت تي مناسب رهنمائي ملڻ انتهائي ضروري آهي ڇاڪاڻ ته صحيح ڪيريئر جي چونڊ نئين نسل جي مستقبل کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين اهڙي قسم جي ڪيريئر ڪائونسلنگ کي ساراهيندي چيو ته اهڙن پروگرامن سان نئين نسل کي پنهنجي مستقبل بابت بهتر رهنمائي ملي ٿي ۽ عالمي سطح تي پنهنجو نالو پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن ٿا

سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار قبول نه ڪيو ويندو: هالار وسڻ

ايم ڪيو ايم آخر ڪنهن جي چوڻ تي بار بار نون صوبن جي ڳالهه ڪري رهي آهي

سنڌ کي ورهائڻ يا نون صوبن جي قيام بابت ڪنهن به تجويز کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو

راڻيپور(ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي بئريسٽر هالار منظور وسڻ چيو آهي ته سنڌ جو عوام نون صوبن جي ڪنهن به صورت ۾ حمايت نه ڪندو سنڌ جي وحدت تي ڪو به وار قبول نه ڪيو ويندو ايم ڪيو ايم پاران نون صوبن جو راڳ ڳائڻ تي سوال اٿاريندي هن چيو ته ايم ڪيو ايم آخر ڪنهن جي چوڻ تي بار بار نون صوبن جي ڳالهه ڪري رهي آهي اهو سوال عوام جي ذهنن ۾ به موجود آهي راڻيپور ۾ اسرا فائونڊيشن اسڪول سسٽم راڻيپور جي اونر معشوق اعظم وسڻ پاران منعقد ڪيل تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر هالار منظور وسڻ چيو ته سنڌ جي عوام جو پنهنجي ڌرتي ۽ صوبي سان گهرو جذباتي لاڳاپو آهي تنهن ڪري سنڌ کي ورهائڻ يا نون صوبن جي قيام بابت ڪنهن به تجويز کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو هن چيو ته نون صوبن بابت بحث سنڌ ۾ اڳ به رد ٿيندو رهيو آهي ۽ تازو به سنڌ حڪومت ۽ پيپلزپارٽي جي اڳواڻن پاران اهڙين تجويزن جي مخالفت سامهون آئي آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم پاران نون صوبن بابت بار بار بيان ڏيڻ سان سنڌ جي عوام ۾ ڪيترائي سوال پيدا ٿيندا ٿا جيڪڏهن نون صوبن جي ڳالهه ٿي رهي آهي ته ان جو مقصد ۽ پسمنظر واضح ٿيڻ گهرجي سنڌ جي حق، وحدت ۽ عوامي راءِ کي نظرانداز ڪري ڪو به فيصلو نه ٿو ڪري سگهجي بئريسٽر هالار منظور وسڻ چيو ته عمران خان جو مستقبل هن وقت روشن نظر نه پيو اچي سندس چوڻ هو ته سياست ۾ هر اڳواڻ جو مستقبل سندس سياسي حڪمت عملي، حالتن ۽ عوامي ردعمل سان جڙيل هوندو آهي پر موجوده صورتحال ۾ عمران خان لاءِ سياسي رستو آسان نظر نٿو اچي آزاد ڪشمير ۾ چونڊن دوران نواز ليگ پاران پيپلزپارٽي جون سيٽون چورايون ويون هن چيو ته چونڊ عمل دوران جيڪا صورتحال سامهون آئي ان تي پيپلزپارٽي کي سخت تحفظات آهن ۽ پارٽي پنهنجي سياسي جدوجهد جاري رکندي هالار منظور وسڻ چيو ته سنڌ ۾ ڪجهه سرڪاري اسڪول زبون حال آهن جنهن جو حڪومت کي به احساس آهي ۽ سنڌ حڪومت اهڙن اسڪولن جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي هن چيو ته تعليم جي شعبي ۾ وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته معياري تعليم کانسواءِ سنڌ جي نوجوان کي بهتر مستقبل فراهم نٿو ڪري سگهجي هن وڌيڪ چيو ته سرڪاري اسڪولن جي عمارتن، بنيادي سهولتن، فرنيچر، استادن ۽ شاگردن کي درپيش مسئلن تي مسلسل ڪم ڪرڻ ضروري آهي جيئن سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ رهندڙ ٻارن کي به بهتر تعليمي ماحول ملي سگهي اسرا فائونڊيشن اسڪول سسٽم راڻيپور جي واکاڻ ڪندي بئريسٽر هالار منظور وسڻ چيو ته راڻيپور ۾ اسرا فائونڊيشن اسڪول سسٽم تمام بهترين ڪم ڪري رهيو آهي هن چيو ته ضلعي خيرپور ۾ اهڙن معياري تعليمي ادارن جي وڌيڪ ضرورت آهي جيڪي ٻارن کي جديد ۽ معياري تعليم سان گڏ بهتر تربيت پڻ فراهم ڪن هن چيو ته خانگي ۽ سماجي ادارا جيڪڏهن تعليم جي شعبي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته ان سان سرڪاري تعليمي نظام تي به مثبت اثر پئجي سگهي ٿو ضلعي خيرپور ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ وڌيڪ ادارن کي اڳتي اچڻ گهرجي بئريسٽر هالار منظور وسڻ چيو ته سنڌ جي ترقي لاءِ تعليم صحت ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته سنڌ حڪومت عوام جي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجون ڪوششون وڌيڪ تيز ڪندي ان موقعي سيف ضلع آفيسر منظور حسين سولنگي سينئر آفيسر فرحان راجپوت اياز احمد پيرزادو محمد اعظم وسڻ عبدالرزاق وسڻ حاجي ممتاز وسڻ ڪاشف وسڻ معشوق اعظم وسڻ پرويز ڀانڀڻ نصير احمد وسڻ عبدالشڪور وسڻ نور احمد آرائين ۽ ٻيا ساڻن گڏ هئا

راڻيپور اسرا فائونڊيشن اسڪول منعقد تقريب ۾ بئريسٽر هالار منظور وسڻ شاگردياڻين سان ڳالهائيندي

حيدرآباد ۾ ڪرسچن ڪالوني جي رهواسين جو احتجاج

فريال کي پاڙي ۾ رهندڙ شون ايلڪس مسيح هراسان پيو ڪري: والدين

اسان جي منع ڪرڻ باوجود شون ايلڪس مسيح پنهنجي حرڪتن کان نه مڙيو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد 6نمبر ڪرسچن ڪالوني جي رهواسي نائين ڪلاس جي شاگردياڻي کي هراسان ڪرڻ ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف نينگري جي وارثن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي نينگري فريال لغاري جي امڙ ثمينه لغاري ۽ پي پروفيسر سجاد لغاري چيو ته سندس نياڻي 9ڪلاس جي شاگردياڻي فريال کي پاڙي ۾ رهندڙ شون ايلڪس مسيح گذريل ڪيترن ئي عرصي کان جنسي طور هراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي جڏهن ته اسان جي منع ڪرڻ باوجود شون ايلڪس مسيح پنهنجي حرڪتن کان نه مڙيو آهي ۽ ان ڪم ۾ سندس ڀيڻ فيصل بشير ۽ ٻيا گهرڀاتين به مدد ڪار آهن هنن چيو ته نازو شون ايلڪس منهنجي ڌي جي وڊيو ناهي رهيو هو ته منع ڪرڻ تي اسان جي گهر تي حملو ڪري ڏنو جنهن واقعي جي ايف آءِ آر بي سيڪشن لطيف آباد ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر ٿاڻي جو ايڊيشنل ايس ايڇ او انجم ابرار جوابدار شون ايلڪس سان دوستي نڀائيندي ان کي گرفتار نه ڪيو آهي هنن چيو ته شون ايلڪس مسيح آٽو پان روڊ سوڊو بين جائين تي گيسٽ هائوس سنڀاليندو جنهن سبب پوليس سان ويجها واسطا اٿس هنن چيو ته اسان کي شڪ آهي ته شون ايلڪس گيسٽ هائوس جي آڙ ۾ عورتن جو ڪاروبار ڪندو آهي ۽ اعتراض جوڳي ويب سائٽ به نائيندو آهي هنن چيو ته اسان جي فيملي پڙهيل لکيل فيملي آهي جنهن ڪري شون ايلڪس ۽ ان جا گهر ڀاتي اسان جي نياڻي کي هراسان ڪن پيا.هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي سندن نياڻي کي هراسان ڪندڙ ۽ ان جي سهولتڪارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور ۾ ڪرمنل گينگ خلاف پوليس جي ڪامياب ڪارروائي

پوليس پاران 4 روپوش ۽ اشتهاري جوابدار گرفتار، هٿيار ۽ منشيات هٿ

ڪارروايون جاري رکي خيرپور کي امن جو ضلعو بڻايو ويندو: ايس ايس پي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس ڪرمنل گينگ خلاف ڪامياب ڪارروائيون ڪندي 4 روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته جوابدارن جي قبضي مان هٿيار ۽ منشيات پڻ هٿ ڪئي وئي. ايس ايس پي امير سعود مگسي پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب گرفتار جوابدارن ۾ اعجاز علي ملاح نعيم عرف نعمت سوڍڙو، محمد الياس سهتو ۽ محمد يوسف ڪٽوهر شامل آهن.پريس بيان مطابق هي ڪارروايون خيرپور شهر،ٻوزدار وڏا ۽ سيٺارجا جي علائقن ۾ ڪيون ويون جوابدارن جي قبضي مان 670 گرام چرس نشي آور سوپاريون هڪ پسٽول ۽ هڪ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن جوابدار مختلف ڪيسن ۾ روپوش ۽ اشتهاري هئا.پوليس پاران گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي ايس ايس پي امير سعود مگسي چيو آهي ته روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن خلاف ڪارروايون جاري رکي خيرپور کي امن جو ضلعو بڻايو ويندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلرز پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 22 آگسٽ 2026ع

بلاول ڀُٽي پاران قومپرستن بابت ڏنل بيان جي وضاحت!

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀُٽي قومپرستن بابت ڏنل بيان جي وضاحت ڪندي چيو آهي ته سندس مراد سمورن قومپرستن يا سياسي قومپرست ڌرين سان نه پر انهن عليحدگي پسند گروهن سان هئي جيڪي دهشتگردي ۽ تشدد ۾ ملوث آهن. هن اعتراف ڪيو ته ڪانئس لفظن جي چونڊ ۾ غلطي ٿي وئي، سندس چوڻ هو ته هو انهن دهشتگرد ڌرين بابت ڳالهائي رهيو هو جيڪي ملڪ اندر تشدد جون ڪارروايون ڪن ٿيون ۽ جن بابت رياستي ادارا اهو موقف رکندا رهيا آهن ته انهن جا مرڪزيا ٺاڪ افغانستان ۾ آهن ۽ کين ٻاهريون سهڪار حاصل آهي.

ملڪ جي حساس سياسي ۽ قومي معاملن تي ڳالهائيندي لفظن جي چونڊ اهميت رکي ٿي، سياستدانن جا بيان رڳو ذاتي راءِ ناهن هوندا، پر اهي لکين ماڻهن تائين پهچندا آهن ۽ خاص طور سنڌ جي ماڻهن ۾ انهن جا اثر گهرا ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري اهڙن معاملن تي هڪ لفظ به سوچ سمجهي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. قومپرستي ۽ دهشتگرديءَ کي هڪ ئي تارازو ۾ تورڻ هڪ سنجيده سياسي غلطي آهي. قومپرستي هڪ سياسي، تاريخي ۽ سماجي سوچ آهي جڏهن ته دهشتگردي هڪ پُرتشدد عمل ۽ حڪمت عملي آهي. ٻنهي وچ ۾ فرق واضح آهي. ٻيو ته سنڌ ۾ قومپرستي هڪ ڊگهي سياسي ۽ تاريخي پسمنظر رکي ٿي. سنڌ جي ٻولي، ثقافت، پاڻي، وسيلن، زمين ۽ صوبائي خودمختياريءَ بابت آواز اٿاريندڙ سمورن ماڻهن کي دهشتگردن سان گڏ بيهارڻ نه رڳو ناانصافي ٿيندي پر ان سان سياسي فاصلا به وڌي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ بلاول ڀُٽي پنهنجي بيان جي وضاحت ڪري ڇڏي آهي، نه ته جيڪر اِهو بيان پنهنجن ئي ماڻهن کي ٻڏي مارائڻ جي مترادف هو. سندس وضاحت ان لحاظ کان اهم آهي ته هن پنهنجن لفظن کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسين سمجهون ٿا سياسي اڳواڻ جيڪڏهن پنهنجي ڳالهه ۾ ڪا اڻٽاڻل يا غلط فهمي پيدا ڪندڙ ڳالهه محسوس ڪن ته ان جي وضاحت ڪرڻ ڪي ڪمزوري نه پر سياسي ذميواري سمجهڻ گهرجي. عوامي زندگيءَ ۾ لفظ واپس وٺڻ يا وضاحت ڪرڻ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته اڳتي اهڙي ٻولي استعمال نه ڪئي وڃي، جيڪا ڪنهن پوري قوم يا سياسي سوچ کي شڪ جي نگاهه سان ڏسڻ جو تاثر پيدا ڪري. اڄ ملڪ کي اهڙي سياسي گفتگو جي ضرورت آهي، جيڪا ماڻهن کي ورهائڻ بدران گڏ ڪري. قومپرست، وفاق پرست، مذهبي يا ترقي پسند- جيڪو به سياسي نظريو آئيني ۽ پُرامن طريقي سان اڳتي وڌي ٿو ان کي دهشتگرديءَ کان الڳ رکڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪو هٿياربند گروهه تشدد ۾ ملوث آهي ته ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، پر ان جي نالي يا عمل کي بنياد بڻائي سموري قومپرست سوچ کي بدنام ڪرڻ مسئلي جو حل ناهي.

بلاول ڀٽو زرداري جي وضاحت سان اميد پيدا ٿي آهي ته بحث کي درست رخ ڏنو ويندو. سياسي اڳواڻن لاءِ اصل امتحان اهو آهي ته هو حساس معاملن تي ڳالهائيندي لفظن جي اهڙي چونڊ ڪن، جيڪا ملڪ جي اتحاد، جمهوريت ۽ صوبن جي وچ ۾ اعتماد کي مضبوط ڪري. پاڪستان کي هن وقت الزام تراشي کان وڌيڪ سياسي دانائي، ڳالهه ٻولهه ۽ قومي اتفاق راءِ جي ضرورت آهي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ضرور وڙهڻ گهرجي، پر قومپرستي ۽ دهشتگردي جي وچ ۾ فرق به اوترو ئي واضح رکڻ گهرجي، ڇو ته غلط لفظ ڪڏهن ڪڏهن صحيح نيت کي به غلط مطلب ڏئي ڇڏيندا آهن.

لطيفي لاٽ ــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪـنـيـاٽـڙي! ٽـڙ وري، آهـي ٽـڙ واجـهـاءِ،
مَـان تـه ڏيـنـهـون ڳـا، سَـوادائِـي سَـجَـڻـيـن.

هي سر ڪنياٽ جي داستان ٻهرين جو آخري بيت آهي جنهن منجهه لطيف سائينءَ پويان چيل هن داستان جي بيتن جو تجزيو پيش ڪندي ان پيار جي سڪايل ڪنياٽڙيءَ عورت کي ڏس ڏئي ٿو. هدايت ٿو ڪري ته ان پتڻ وٽ ويهي انتظار ڪر، ڇو ته اهو ٽڙ يعني دريائي رستو آهي جتان ماڻهن جي اچ وڃ آهي اتي به ويهي نه رهجان، ويسري نه ٿجان، بلڪ ويٺي واجهائيندي رهجان. ايندڙ ويندڙ ماڻهن ۾ پنهنجي سڄڻ کي ڳوليندي رهه. ان جو اوسيئڙو ڪندي رهه. ٿڪجي بيزار ٿي ٿان نه ٿجان، ڇو ته محنت، تپسيا ڪنهن جي به رائگان ناهي ويندي ۽ ڪيڏي مهل به ڪا، پرينءَ ملڻ جي خوشخبري ملي پوندي. تنهنجا ڏک ڏولاوا لهي پوندا. انتظار، اوسيئڙا ساڀ پوندو ۽ سڄڻ تنهنجي سامهون اچي بيهندا. چاڪاڻ جو تو سڄيون راتيون آسمان جا تارا نهاريندي پنهنجي پرينءَ ڳولڻ لاءِ تپسيائون ڪيون آهن. هاڻ اهوئي ڳس جهلي ويهه ته سڄڻ ملندئي ۽ تون پنهنجون مرادون ماڻين.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

جمهوري تسلسل، مفاهمتي عمل ۽ پارليامينٽ جي مضبوطي

رحمت الله پرڙو

پاڪستان هن وقت جنهن سياسي معاشي ۽ انتظامي مرحلي مان گذري رهيو آهي ان ۾ ملڪ کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت جمهوري تسلسل سياسي مفاهمت ۽ مضبوط پارلياماني نظام جي آهي ماضيءَ جي سياسي تاريخ تي نظر وجهبي ته ملڪ ۾ جمهوري حڪومتن جو تسلسل ڪيترن ئي سببن جي ڪري بار بار متاثر ٿيندي نظر ايندو. سياسي ڇڪتاڻ، ادارن وچ ۾ اختلاف، حڪومتن جي تبديلي ۽ پارلياماني عمل ۾ رڪاوٽن ملڪ جي جمهوري سفر کي نقصان پهچايو آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن سياسي پارٽيون اختلافن باوجود پارلياماني نظام کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گڏجي هلن ٿيون ته اهو عمل يقيني طور تي جمهوريت لاءِ مثبت اڳڀرائي سمجهڻ گهرجي موجوده سياسي منظرنامي ۾ مسلم ليگ (ن) ۽ پ پ وچ ۾ سياسي ۽ پارلياماني سهڪار کي ان ئي تناظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي ٻنهي پارٽين جي سياسي سوچ، منشور ۽ تاريخي پسمنظر هڪجهڙا نه آهن پر ان جي باوجود قومي مفاد، پارلياماني تسلسل ۽ حڪومت جي استحڪام لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جو فيصلو سياسي بلوغت جي علامت قرار ڏئي سگهجي ٿو جمهوريت جو حُسن اهوئي آهي ته سياسي پارٽيون اختلاف رکڻ هڪٻئي تي تنقيد ڪن پر جڏهن قومي ادارن ۽ جمهوري نظام جي استحڪام جو سوال هجي ته گڏيل رستو اختيار ڪن قومي اسيمبلي سينيٽ ۽ صوبائي اسيمبليون جمهوري نظام جا بنيادي ادارا آهن انهن ادارن جو تسلسل رڳو چونڊن سان قائم نٿو رهي پر ان لاءِ پارلياماني روايتن قانون سازي، احتساب، بحث مباحثي ۽ سياسي برداشت جي به ضرورت هوندي آهي جيڪڏهن پارليامينٽ پنهنجو آئيني ڪردار مسلسل ادا ڪندي رهي ته عوام جو جمهوري ادارن تي اعتماد به مضبوط ٿيندو ان ڪري موجوده پارلياماني نظام جو هلندو رهڻ پاڻ ۾ هڪ اهم جمهوري عمل آهي هن سلسلي ۾ صدر پاڪستان جو مفاهمتي سياسي ڪردار پڻ خاص اهميت رکي ٿو پاڪستان جي سياست ۾ مفاهمت جي ضرورت هميشه محسوس ڪئي وئي آهي پر عملي سياست ۾ ان کي اڳتي وڌائڻ آسان ڪم ناهي زرداري صاحب جي سياسي طرز عمل ۾ ڳالهين اختلافن کي برداشت ڪرڻ ۽ مختلف سياسي ڌرين کي هڪ نقطي تي گڏ آڻڻ واري سوچ نمايان رهي آهي صدر جو آئيني عهدو پارٽي سياست کان مٿانهون ٿي قومي اتحاد، وفاقي هم آهنگي ۽ ادارن جي استحڪام لاءِ ڪم ڪرڻ جي گهر ڪري ٿو جيڪڏهن مفاهمتي سياست پارليامينٽ کي پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ سازگار ماحول فراهم ڪري ٿي ته ان کي يقيني طور تي جمهوريت جي حق ۾ هڪ مثبت قدم قرار ڏئي سگهجي ٿو مفاهمتي عمل جي سڀ کان وڏي اهميت اها آهي ته اهو سياسي اختلافن کي ادارن جي ڪمزوريءَ جو سبب بڻجڻ کان روڪي ٿو سياسي پارٽين وچ ۾ اختلاف جمهوريت جو حصو آهن پر جيڪڏهن اهي اختلاف ذاتي دشمني، ادارن جي ٽڪراءَ يا پارلياماني نظام کي مفلوج ڪرڻ تائين پهچي وڃن ته نقصان سڄي ملڪ کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو ان جي ابتڙ سياسي مفاهمت اختلافن کي برقرار رکندي به گڏيل قومي معاملن تي اڳتي وڌڻ جو رستو پيدا ڪري ٿي صوبن جي سياسي صورتحال پڻ پاڪستان جي وفاقي ۽ جمهوري ڍانچي جي هڪ اهم تصوير پيش ڪري ٿي سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت، پنجاب ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت ۽ خيبرپختونخوا ۾ تحريڪ انصاف جي حامي حڪومت جو موجود هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته وفاقي جمهوري نظام ۾ مختلف سياسي جماعتون پنهنجي عوامي مينڊيٽ سان حڪومتون هلائي سگهن ٿيون بلوچستان جي سياسي صورتحال پڻ وفاقي نظام جو هڪ اهم حصو آهي اهڙي سياسي گهڻ رخي کي جمهوريت جي ڪمزوري نه پر جمهوريت جي فطري خصوصيت سمجهڻ گهرجي جمهوريت جو اصل امتحان اهو ناهي ته اقتدار ۾ ڪهڙي پارٽي آهي پر اهو آهي ته اقتدار جي تبديلي آئيني، قانوني ۽ پُرامن طريقي سان ٿئي ٿي يا نه جيڪڏهن سنڌ ۾ هڪ جماعت، پنجاب ۾ ٻي جماعت ۽ خيبرپختونخوا ۾ ٻي سياسي قوت عوامي مينڊيٽ تحت حڪومت هلائي ٿي ۽ ساڳئي وقت قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ پنهنجو پارلياماني ڪردار جاري رکن ٿا ته اهو وفاقي جمهوري ڍانچي جي تسلسل جي نشاندهي ڪري ٿو يقيناً موجوده نظام ۾ خاميون به آهن مهانگائي، بيروزگاري، معاشي دٻاءُ، ادارن جي ڪارڪردگي حڪمراني جا مسئلا ۽ عوامي خدمتن بابت شڪايتون اڃا به موجود آهن جمهوريت جو مطلب صرف چونڊون ڪرائڻ نه پر عوام کي بهتر حڪمراني انصاف، روزگار، تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ پڻ آهي تنهن ڪري سياسي استحڪام کي عوامي ڀلائي سان ڳنڍڻ ضروري آهي اڄ پاڪستان کي سياسي انتقام کان وڌيڪ سياسي برداشت، الزام تراشي کان وڌيڪ پارلياماني بحث ۽ ٽڪراءَ کان وڌيڪ مفاهمت جي ضرورت آهي سياسي جماعتن کي اهو سمجهڻو پوندو ته حڪومتون اچن ٿيون ۽ وڃن ٿيون پر رياستي ۽ جمهوري ادارا مستقل رهڻ گهرجن پارليامينٽ جي بالادستي آئين جي احترام ۽ سياسي عمل جي تسلسل سان ئي ملڪ ۾ مضبوط جمهوري روايتون جنم وٺي سگهن ٿيون آخرڪار اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته پاڪستان جي موجوده دور ۾ جمهوري تسلسل پاڻ ۾ هڪ اهم قومي اثاثو آهي مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي جو سياسي ۽ پارلياماني سهڪار، صدر جو مفاهمتي انداز ۽ مختلف صوبن ۾ مختلف سياسي جماعتن جون حڪومتون ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪن ٿيون ته سياسي اختلافن باوجود جمهوري نظام کي اڳتي وڌائڻ جي گنجائش موجود آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سموريون سياسي قوتون پنهنجي اختلافن کي آئيني دائري اندر رکندي پارليامينٽ کي مضبوط ڪن عوامي مسئلن کي اوليت ڏين ۽ اقتدار جي مقابلي کي جمهوري اصولن جي مقابلي ۾ تبديل نه ٿيڻ ڏين

غمن کي مات ۽ خوشين کي جيارڻ جو هنر سکو!

مير قاسم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون عربيءَ جي انهي مشهور چوڻي کان شروع ڪريان ٿو ته ’جيڪو شخص ناپسنديده ڳالهه ڪندو، انهيءَ کي ناپسنديده ڳالهه ٻڌڻي پوندي.‘ انهيءَ کان علاوه انگريز مصنف ٿامس فلر چوي ٿو ته ’پکي پنهنجي پيرن جي ڪري ڄار ۾ ڦاسن ٿا ۽ انسان پنهنجي زبان جي ڪري.‘ جيڪڏهن انهن چوڻين تي غور ڪريون ته ڳالهه ڪرڻ ۽ لفظن جي استعمال ڪرڻ ۾ فرق آهي. يعني آسان لفظن ۾ آئون ائين چوان ته اوهان جو چيل هڪڙو هڪڙو لفظ ڪنهن ٻئي جي لاءِ مرهم به ٿي سگهي ٿو ته ٻئي کي زخم به ڏئي سگهي ٿو. انهيءَ جو اختيار اوهان جي هٿ ۾ آهي ته اوهان لفظن جي چونڊ ڪيئن ٿا ڪريو. اهوئي سبب آهي جو مهاتما گوتم ٻڌ پاڻ چوي ٿو ته مون هڪڙو رستو ڏسي ورتو آهي، جيڪو ڏکن کي ختم ڪري نجات تائين رهنمائي ڪري ٿو پوءِ هُو آتائين سارانات ويو ۽ اُتي پهچي هن پنهنجو پهريون خطاب پنهنجي مجيندڙن سان ڪندي چيو ته هن دنيا ۾ ٻن انتهائن کان ضرور بچڻ جي ڪوشش ڪريو. هڪڙو خواهشن جي پويان پڃڻ کان ۽ ٻيو نفساتي لذتن ۾ پوڻ کان. هاڻي غور ڪريو ته جن ٻن ڳالهين کان مهاتما گوتم ٻڌ روڪيو آهي، اڄ اسان جي معاشري ۾ اِهي ٻئي ڳالهيون عام آهن. هڪ ته اڄ اسان خواهشن جي پويان پڇندا وتون پيا ۽ ٻيو ته اسان نفساتي لذتن جي پويان ايترا ته ڪِري پيا آهيون جو مدرسن کان وٺي اسڪولن، ڪاليجن يا اهڙا گهر جيڪي اڳي تربيت گاهه سمجها وڃبا هئا، انهن سڀني ڪا به جڳهه انهن عيبن کان پاڪ ناهي رهي.

ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، اسان جي معاشري ۾ گهڻو تڻو اسان جي لاءِ مصيبتن جي سبب مهاتما گوتم ٻڌ جون ٻڌايل اِهي ٻئي ڳالهيون آهن. جن جي ڪري زبان جي بي احتياطي گهر کان وٺي گهر کان ٻاهر تائين اسان جي لاءِ گهڻا ئي مسئلا پيدا ڪري ٿي. جيڪڏهن اسان پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکي يا گهٽ ۾ گهٽ ائين ڪجي ته جتي حالتون ڳالهين جي ڪري بگڙڻ جو انديشو هجي ته اُتي خاموش رهون ته پوءِ يقين ڪريو اسان ڪافي ناخوشگوار ڳالهين کان بچي سگهون ٿا. اهوئي سبب آهي جو تمام مفڪرن، دانشورن ۽ ڏاهن زبان جي محتاط استعمال تي زور ڏنو آهي. هميشه نادان ماڻهن جي سوچ اِها هوندي آهي ته جيڪڏهن هُو مٺو ڳالهائيندو ته ماڻهو هن کي ڪمزور سمجهندا، پر حقيقت انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي. انهيءَ ڪري جو جڏهن ڪو شخص ڪنهن جي وات مان ناشائسته گفتگو ٻڌي انهيءَ جي جواب ۾ مٺو ڳالهائي سٺن لفظن ۾ جواب ڏئي ته اِها هن شخص جي گفتگو تمام گهڻو اثر رکي ٿي. هو پنهنجي انهيءَ گفتگو جي ذريعي دشمن کي به پنهنجو بڻائي سگهي ٿو ۽ پوءِ دشمن پنهنجو پاڻ کي هن شخص جي اڳيان ننڍڙو محسوس ڪندو. آئون عرض ڪريان ته مهاتما گوتم ٻڌ سخت رياضتن ۽ خود اذيتن ۾ پنهنجي ڍاهپ جي عمارت جي بنياد انساني ڏکن ۽ مصيبتن جي حقيقت تي رکي آهي. اوهان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته ڏک ۽ مصيبتون آهن ڇا ۽ ڪٿان اچن ٿيون؟ حقيقت ۾ ڏئو وڃي ته مصيبتون ۽ ڏک ناسمجهي جو اَڳ جاءُ اولاد آهن. اِهوئي سبب آهي جو سقراط چوندو هو ته آئون هڪ ڳالهه ڄاڻان ٿو ته آئون ڪجهه به نٿو ڄاڻان. زندگي جي شروعات ۾ جڏهن انسان ڪجهه به نٿو ڄاڻي، تڏهن هُو هرشيءِ کان ڏڄندو آهي ۽ هر شيءِ بار بار هن کي خوفزده ڪندي نظر ايندي آهي. جڏهن توهان محسوس ڪيو ته توهان کي ڪا به خبر ناهي پوءِ توهان پاڻ ڄاڻڻ جي تڪودو ڪندا. جيئن ڪو ٻار ننڍپڻ ۾ جِنن ۽ ڀوتن کان ڏڄندو آهي پر جڏهن وڏو ٿيندو آهي ته اُرخود هن کي انهن جِنن ۽ ڀوتن جو ڊپ ختم ٿيندو ويندو آهي. بلڪل ٺيڪ ائين ئي اسان ڏکن ۽ مصيبتن کان ڏڄون ٿا پر جڏهن اسان کي خبر پئجي وڃي ٿي ته ڏک ۽ مصيبتون ڇا آهن ته پوءِ يقين ڪريو ته اسان انهن ٻارن جيان جيڪي ننڍي هوندي جِنن ۽ ڀوتن جي قصن کان خوفزده ٿيندا هئا، وڏا ٿيا ۽ وڏو ٿي هنن جِنن ۽ ڀوتن کان ڏڄڻ ڇڏي ڏنو. ٺيڪ اسان تي به ڏکن ۽ مصيبتن جي حقيقت جڏهن ظاهر ٿئي ٿي ته پوءِ اسان به ڏکن مصيبتن کان اُرخود ڏڄڻ ڇڏي ڏينداسين.

ياد رکو خوفزده انسان خواهشن جي پٺيان ڊوڙندو آهي، ڇاڪاڻ ته هُو پاڻ کي غير محفوظ سمجهي ٿو جڏهن ته ڄاڻندڙ پنهنجو پاڻ کي محفوظ سمجهي ٿو. جنهن جو صاف مطلب اِهو آهي ته ڏک ۽ مصيبتون اڻ سڏيل مهمانن جيان هوندا آهن. جن کي توهان ڪڏهن به پنهنجو مهمان ڏسڻ ئي نٿا چاهيو ڇاڪاڻ ته اڻڄاڻائيءَ جي ڪري توهان گهمي ڦري رهيا آهيو ۽ هن اڻڄاڻائي ۾ توهان اتي وڃي پهتا آهيو، جتي توهان وڃڻ نٿا چاهيو. اصل ۾ سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ ڳالهه اِها آهي ته انسانن جي اڪثريت پنهنجو پاڻ کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نٿي ڪري، سڄي زندگي انهن کي اِها خبر ئي نٿي پوي ته هُو اصل ۾ ڇا آهن ۽ ڇاهين ڇا ٿا ۽ هُو پيدا ڇو ڪيا ويا آهن. هو زنده ڇو آهن. بس سڄي عمر اونداهيءَ کان ڇرڪندا رهندا آهن. هي سڀ انسان اهي آهن جيڪي جهالت ۾ مبتلا آهن جيڪي خوف جي بيماري ۾ ورتل آهن.

حقيقت ۾ اِهي سڀ ڏکايا انسان آهن، جن کي پيار ۽ محبت جي تمام گهڻي ضرورت آهي پر اسان جي معاشري ۾ انسان پنهنجي خواهشن جي تڪميل ۽ تلخ زبان کي ئي خوف کان نڪرڻ جو ذريعو سمجهي ٿو. اهڙي قسم جي جدوجهد ۽ ڪوشش بيڪار ۽ لاحاصل آهي ڇو ته سڀ شيون هڪجهڙيون ۽ غير اهم آهن. حقيقت ۾ اسان جي معاشري جو اصل مسئلو ئي اڻڄاڻائي آهي پر افسوس اِهو آهي جو انهيءَ جي باوجود اسان پنهنجي اصل مسئلي کان بي خبر آهيون.

ياد رکو جيڪڏهن اوهان پنهنجي مخالفن تي زبان مان طنز جا تير هلائيندا ته پوءِ اوهان کي دشمنن جي ضرورت ئي ناهي، انهيءَ ڪري جو سمجهو ته پوءِ اوهان پاڻ ئي پنهنجا دشمن آهيو. مٺو لهجو ۽ سٺا لفظ دشمن جي اڳيان قيمتي هٿيار آهن. اهڙو هٿيار جيڪو انسان وٽ هر وقت موجود آهي پر افسوس اِهو آهي ته تمام گهٽ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي انهيءَ هٿيار جي اهميت ڄاڻين ٿا. اِهوئي سبب آهي جو مهاتما گوتم ٻڌ کي اِهو چوڻو پيو ته، ناشائسته گفتگو تي اوهان سٺي گفتگو جي ذريعي فتح حاصل ڪري سگهو ٿا. ياد رکو جيڪو شخص مخالف جي ناشائسته گفتگو جو اثر نٿو وٺي، اهو مزاج هن جي وجود جو وڏو اثاثو آهي ته هُو مخالف جي ڳالهه کي به ٿڌي دماغ سان ٻڌي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن مخالف جي انهن ڪڙن لفظن ۾ ڪا صداقت آهي ته هُو انهيءَ کي قبول ڪري. آئون عرض ڪريان ته تاريخ جون اڪثر بيوقوفيون صرف انهن ڳالهين جو نتيجو هيون جو انسان پنهنجي مخالف جي ڳالهين کي کُلي ذهن سان نه ٻڌو. جنهن جي ڪري انسان جو ماضي ۽ معاشرو خون خرابي، قتل و غارتگري سان ڀريل ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ياد رکو ته ناشائسته گفتگو جو اثر نه وٺڻ خود حڪمت جو خزانو آهي ۽ انسان جي اِها عقلمندي آهي ته هُو پنهنجو پاڻ کي انهيءَ مفت جي خزاني کان محروم نه ڪري. آئون عرض ڪريان ته دنيا تي نظر رکندڙن جي گفتگو هميشه اهڙي هوندي آهي جو جڻ ته هُو دنيا ۾ منفرد آهن. اهڙا ماڻهو جن مختلف علائقن، رنگ نسل، مختلف قومن ۽ قبيلن کي ڏٺو هجي ۽ زماني جي سردي ۽ گرمي ڏٺي هجي، اهي سڀ تجربا انهن جي اندر ۾ اهڙي بصيرت پيدا ڪريو ڇڏين جو پوءِ انهن جي گفتگو اهڙي ته مٺي بڻجو وڃي جو انهن جا لفظ لفظ حڪمت جا موتي نظر ايندا آهن. اوهان غور ڪريو ته اوهان جي معاشري ۾ ڪهڙو اهڙو انسان آهي جيڪو زندگي جي بهارن مان لطف اندوز ٿيڻ نٿو چاهي پر اِهو ياد رکو ته ٻين جي خامين تي نظر رکڻ مال و دولت جمع ڪرڻ ۽ ڪاميابي جي شوق ۾ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي پيارن کان الڳ ڪرڻ سان زندگي مزيدار نٿي رهي. انهيءَ جو مزو تڏهن ئي ماڻي سگهجي ٿو، جڏهن رشتن جي مٺاڻ کي محسوس ڪري سگهجي ۽ بي لوث محبت ۽ مٺي گفتگو ڪرڻ وارن وٽ ڪجهه وقت ويهي گذاريو وڃي ۽ انهن کان ڪجهه سکيو وڃي، اسان وٽ گهڻو ڪري اِها سوچ عام آهي ته ٻين کان اڳيان نڪري وڃجي، اسان انهيءَ لاءِ ڄاڻ مقابلي ۾ نڪري ته ويندا سين پر انهيءَ ڪانپوءِ نتيجو اِهو نڪرندو ته اسان تنها رهجي وينداسين.

اِهو به ياد رکو ته اڪيلو انسان خوش نٿو رهي سگهي. هن کي پنهنجي خوشي به غم محسوس ٿيندي آهي. خوش رهڻ جي لاءِ انسانن جو ساٿ تمام ضروري آهي. انسان سڄي زندگي محنت ڪري، ترقي ڪري دنيا جو مالدار شخص بڻجي وڃي ۽ پنهنجون سڀ خواهشون پوريون پڻ ڪري پر جيڪڏهن هُو تنها آهي ته پوءِ اهڙي دولت ۽ خواهشن جو فائدو؟ اهڙي علم، ڊگري ۽ قابليت جو ڪهڙو فائدو جيڪا هن جي پنهنجي ڪم نه اچي سگهي ۽ هن کي خوشي نه ڏئي سگهي. جڏهن اوهان پنهنجي زندگي کي سمجهي ويا ۽ پنهنجي لاءِ هڪڙو مقصد مقرر ڪري ڇڏيو ته پوءِ اوهان کي زندگي جو هڪ هڪ لمحو قيمتي لڳندو ۽ پوءِ اوهان زندگي کي زبردست گذاري سگهندا ۽ اوهان جو معاشرو جنت جيان محسوس ٿيندو. انهيءَ ڪانپوءِ اوهان محسوس ڪندا ته ڪائنات پنهنجي رنگن مان اوهان جي زندگيءَ کي ڪيئن رنگين بڻائي ڇڏي ٿي. انهيءَ جي لاءِ اوهان کي زندگي ۾ مهاتما گوتم ٻڌ جي ڏنل اصولن ۽ ٻي ٿي بارنم جيان همت ڪرڻي پوندي ۽ پوءِ ياد رکو همت دولت ۽ خواهشن جي تڪميل جي محتاج ناهي هوندي. جيئن ئي انسان پنهنجي حقيقت ڄاڻڻ شروع ڪري ٿو ته سندس خوف ڪانئس ڀڄڻ شروع ٿيو وڃي ٿو ۽ جڏهن انسان جو خوف جيڪو اصل ۾ ڪوڙ تي ۽ وهم تي ٻڌل هوندو آهي اهو خود انسان کان ڀڄڻ شروع ٿيو وڃي ٿو ۽ پوءِ جڏهن اوهان اهو مقام حاصل ڪري وٺندا ته پوءِ يقين ڪريو ته اوهان جي معاشري جو هر فرد غمن کي موت ۽ خوشين کي جيئرو ڪرڻ جو هنر ڄاڻي سگهي ٿو!

ايران، آمريڪا تڪرار ۽ مسلم امت!

خورشيد نديم

ايران ۽ آمريڪا جي تڪرار ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان مسلمان امت کي پهتو آهي ان سان مسلمان امت جي اتحاد جو تصور به متاثر ٿيو آهي ۽ مسلمان ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ به واڌارو ٿيو آهي ايران ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ ڇڪتاڻ به انهيءَ صورتحال جو هڪ اظهار آهي پاڪستان پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪئي ته غزه ۽ پوءِ ايران تي آمريڪا جي جارحاڻي حملن سبب جيڪا گڏيل سوچ پيدا ٿي آهي ان کي ڪنهن عملي شڪل ڏني وڃي سعودي عرب، ترڪي ۽ پاڪستان وچ ۾ دفاعي معاهدو ان سلسلي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي هئي پر پاڪستان جون اهي ڪوششون ان وٿيءَ کي گهٽ نه ڪري سگهيون، جيڪا وقت سان پيدا ٿي ۽ پوءِ مسلسل وڌندي رهي ايران ۽ عربن وچ ۾ اختلاف گهٽ ٿيڻ بدران وڌيا آهن سوال اهو آهي ته ڇا انهن اختلافن جو خاتمو ممڪن ٿيندو؟ جڏهن سياسي اختلاف مذهبي رنگ اختيار ڪري وٺندو آهي ته ان جي سنگيني وڌي ويندي آهي جيڪڏهن اختلاف رڳو سياسي ۽ دنياوي نوعيت جو هجي ته ان جو حل ڳولڻ ممڪن هوندو آهي پر جيئن ئي ان ۾ ماڻي دنيا کان ماٿاهين حقيقتن جي علم جو رنگ شامل ٿي وڃي ٿو، ان کي دنياوي اصولن تحت حل ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو ماڻهو ان سلسلي ۾ يورپي ملڪن جو مثال ڏيندا آهن ٻي عالمي جنگ کان پوءِ انهن پنهنجا اختلاف ختم ڪيا ۽ پُرامن گڏيل بقا جي اصول کي دل ۽ جان سان قبول ڪندي مختلف هجڻ باوجود اتحاد جو رستو ڳولي ورتو مثال ڏيندڙ چون ٿا ته مسلمان ملڪ ائين ڇو نٿا ڪري سگهن؟ پر وقت گذرڻ سان اهو واضح ٿيو آهي ته ائين ٿيڻ ايترو آسان ناهي جڏهن سياسي اختلافن جي پاڙ مذهب جي زمين ۾ وڃي کُپن ٿيون ته معاملا هڪ ٻيو رُخ اختيار ڪري وٺن ٿا هڪ سيڪيولر ذهن ئي سياست کي سياسي سوچ جي بنياد تي ڏسي سگهي ٿو ايران ۽ عربن جا اختلاف به مذهبي نوعيت جا آهن ۽ انهن جي تاريخ صدين تي پکڙيل آهي اڄ وچ اوڀر ۾ اصل تڪرار بالادستي جو آهي اهلِ تشيع کي تاريخ ۾ پهريون اهو موقعو مليو آهي ته هو اسلامي دنيا تي پنهنجي سياسي بالادستي قائم ڪري سگهن فاطمي سلطنت مسلم تاريخ جو اهڙو باب آهي جنهن اهلِ سنت جي ان بالادستيءَ واري سلسلي کي ٽوڙيو، جيڪو رسول الله ﷺ جي دنيا مان پردو ڪرڻ کان پوءِ شروع ٿيو ۽ جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته ان جي شروعات سقيفه بني ساعده کان ٿي ايران ۾ صفوين کان وٺي رضا شاهه پهلوي تائين ايراني قومپرستي ته موجود هئي پر ان ۾ مذهبي رنگ شامل نه هو 1979ع کان پوءِ جيڪو انقلاب آيو ان ۾ مذهبي رنگ نمايان هو صفوين جي دور ۾ اسان کي اسلامي دنيا جا شيعا ان طريقي سان ايران سان ڳنڍيل نظر نٿا اچن جيئن اڄ ايران جي موجوده قيادت سان لاڳاپيل نظر اچن ٿا ان سان گڏ ايران جو انقلاب ٻين ملڪن تائين منتقل ڪرڻ تي زور، جنهن جو ثبوت ان جون مختلف پراڪسي تنظيمون آهن، صورتحال کي وڌيڪ ڇڪتاڻ واري بڻائي ٿو عربن 1979ع کان پوءِ مذهبي بنيادن تي ان جو مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ايران خلاف اسلامي دنيا ۾ هڪ فڪري تحريڪ اڀري، ڪيترين ئي تنظيمن وجود ۾ آيون ۽ وڏي مقدار ۾ لٽريچر تيار ٿيو پر سعودي عرب جي موجوده قيادت انهن بحثن کان لاتعلق نظر اچي ٿي اها مذهبي بنيادن تي سياسي بالادستي جي ڪنهن تصور کي اڳتي وڌائيندي نظر نٿي اچي شهزاده محمد بن سلمان جنهن ترقيءَ جي ماڊل تي يقين رکي ٿو، ان ۾ مذهب شامل ناهي هو ڪليل نموني چئي چڪو آهي ته سعودي عرب هڪ خاص مذهبي تشريح کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو پر هاڻي اهو ماضيءَ جو قصو آهي هاڻوڪي دور ۾ اهڙا ثبوت موجود ناهن ته سعودي عرب دنيا ۾ ڪنهن خاص مذهبي سوچ کي هٿي ڏيڻ چاهي ٿو ڇا اها ڳالهه ان ڳالهه جي نشاني ٿي سگهي ٿي ته مسلم دنيا ۾ مذهبي اختلاف گهٽجي رهيا آهن؟ ان جو جواب تڏهن ئي ها ۾ ڏئي سگهجي ٿو، جڏهن ايران طرفان به ان جو مثبت جواب اچي تاريخ ۾ عثمانين ۽ عربن وچ ۾ به اختلاف رهيا آهن پر پاڪستان سان ٿيل دفاعي معاهدي ۾ سعودي عرب ۽ ترڪي ٻئي شامل آهن مان اڃا تائين ان ڳالهه کي مڪمل طور قبول ڪرڻ ۾ هيڪ محسوس ڪريان ٿو ته مستقبل ۾ عربن ۽ ترڪن وچ ۾ ڪا محاذ آرائي نه ٿيندي پر محمد بن سلمان ۽ طيب اردگان ٻنهي هيل تائين دانائي ۽ بصيرت جو مظاهرو ڪيو آهي هن وقت اهي گڏ هلندي نظر اچن ٿا اصل مسئلو ايران جو آهي ته ڇا اهو پنهنجي مسلڪي سڃاڻپ کي پٺتي رکڻ لاءِ تيار آهي؟ ان لاءِ ضروري هوندو ته هو انهن پراڪسي تنظيمن کي ختم ڪري، جيڪي مسلڪي بنيادن تي قائم ڪيون ويون آهن مون کي في الحال اهڙيون نشانيون نظر نٿيون اچن ان جو امڪان تڏهن ئي پيدا ٿيندو، جڏهن ايران ۾ اهڙي قيادت اقتدار ۾ اچي جيڪا غير مذهبي هجي في الحال ان جو به ڪو امڪان نظر نٿو اچي جيڪڏهن ڪو امڪان هو به ته آمريڪي جارحيت ان کي هن وقت بلڪل غير اهم بڻائي ڇڏيو آهي حڪمراني ۽ معيشت جا مسئلا موجوده حڪومت لاءِ چئلينج ضرور بڻجي سگهن ٿا پر اهو امڪان گهٽ آهي ته نظرياتي سطح تي هن نظام کي ڪو وڏو چئلينج درپيش اچي يعني ايران پنهنجي مذهبي بنيادن ۽ سڃاڻپ سان پنهنجو الڳ تشخص برقرار رکندو اهڙي صورتحال ۾ مسلمانن اندر ان اتحاد جي پيدا ٿيڻ جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا، جنهن جو اسان خواب ڏسون ٿا مسلم سياسي فڪر جي هڪ شاگرد جي حيثيت سان منهنجو تاثر آهي ته جماعت اسلامي ۽ ايراني فڪري قيادت جي ويجهڙائي ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿي ته اسلام جي جنهن تشريح کي اسان ”سياسي اسلام“ چئون ٿا، اها سني-شيعا سياسي اتحاد جو سبب بڻجي سگهي ٿي پر مسئلو اهو آهي ته محمد بن سلمان هاڻي ان جا به حامي ناهن رهيا اخوان المسلمين بابت سعودي سياسي قيادت جو موقف هاڻي اهو ناهي رهيو، جيڪو ماضيءَ ۾ هوندو هو طيب اردگان لاءِ به اهو تصور قابل قبول ٿي سگهي ٿو، جيتوڻيڪ ترڪن ۾ ترڪي قومپرستي ايتري ئي مضبوط آهي جيتري ايرانين ۾ ايراني قومپرستي تنهن هوندي به اهو ممڪن آهي ته ”اسلامي رياست“ جي تصور جي سطح تي هو ايرانين جي ويجهو اچي وڃن هن وقت مذهب ۽ سياست کي گڏ هلائڻ بابت ٻنهي جي سوچ هڪجهڙي آهي آمريڪا ايران تي حملو ڪري حقيقت ۾ مسلمانن جا پراڻا اختلاف ٻيهر زنده ڪري ڇڏيا آهن انهيءَ تڪرار ۾ سڀ کان وڏو نقصان اسان جو ٿيو آهي آمريڪا ٻاهر ٻاري هتان هليو ويندو، جيئن افغانستان مان نڪري ويو هو افغانستان ۾ ان جو نتيجو اهو نڪتو ته پاڪستان ۽ افغانستان هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ويا ۽ وچ اوڀر ۾ به لڳي ٿو ته ايران ۽ عرب ساڳيءَ جاءِ تي بيٺل آهن ڇا مسلمانن جي فڪري ۽ سياسي قيادت اهو نٿي سمجهي سگهي ته انهن حلتن کي ڪيئن منهن ڏيڻو آهي؟ منهنجي نظر ۾ هن سوال جو هڪ ئي جواب آهي ته طاقت جي جبلت هر هنڌ هڪ ئي انداز ۾ ظاهر ٿيندي آهي

اڄوڪو ڏينهن ---- 22 آگسٽ

غلام علي الانا

اڄ مشهور اديب، دانشور ۽ سياستدان غلام علي الانا جي جنم جو ڏينهن آهي غلام علي الانا، جيڪو جي الانا جي نالي سان مشهور آهي 22 آگسٽ 1906ع ۾ ڪراچيءَ جي اسماعيلي خواجه خاندان ۾ پيدا ٿيو هن سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪئي هن ننڍي هوندي کان ئي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 25 مئي 1948ع کان 8 جولاءِ 1948ع تائين ڪراچيءَ جي ميئر طور ڪم ڪيو. هو فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرس آف ڪامرس ۽ انڊسٽري جو باني صدر ۽ اولهه پاڪستان ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. 1975ع ۾ اقوام متحده جي انساني حقن واري ڪميشن جو چيئرمين چونڊيو ويو. 1977ع ۾ هن جو نالو امن جي نوبيل انعام لاءِ نامزد ٿيو هو قائد اعظم محمد علي جناح ۽ محترمه فاطمه جناح جو ويجهو ساٿي هو. غلام علي الانا انگريزيءَ جو هڪ سٺو شاعر ۽ اديب پڻ هو. هن انگريزيءَ ۾ ڇهه ڪتاب لکيا. 8 مارچ 1986ع تي هن وفات ڪيائين

مسڪين سمون



مسڪين سمون نثين ٽهيءَ جو مشهور شاعر، ڪالم نگار ۽ نثر نويس آهي هو 22 آگسٽ 1975ع تي ضلعي ٺٽي تعلقي ٽنڊي الهيار جي ڳوٺ محمد صالح سمي ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو احمد خان ۽ والد جو نالو محمد رمضان سمون آهي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول خيرمحمد جروار مان پاس ڪيو ٻارهين ڪلاس جو امتحان ايم ايم سائنس ڪاليج ٽنڊي الهيار مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين هن جونيئر اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ اڄ ڪلهه اقصيٰ پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊي الهيار جي وائيس پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ادبي دنيا ۾ هو هڪ ليکڪ، شاعر، ڪالم نگار ۽ ڪمپيئر طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو ڪاليج واري دور ۾ هٿ سان لکيل فوٽو اسٽيٽ ماهوار رسالو ٿئين لاٽ جاري ڪيائين هن جون لکڻيون سنڌ جي ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن هن جو ڪتاب ”ڏاهپ جو ڏاتار وتايو فقير“ ڇپجي چڪو آهي جڏهن ته سندس ڏهاڪو کن ڪتاب ڇپجڻ جا منتظر آهن هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو آهي انهن ۾ سنڌي ادبي سنگت تعلقي ٽنڊي الهيار جو جنرل سيڪريٽري، سڄاڳ ٻار تحريڪ ٽنڊي الهيار جو سيڪريٽري، مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڪاروان ادب سنڌ ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن

رويلو ڪولهي



رويلو ڪولهي سنڌ ڌرتيءَ جو هڪ بهادر جوڌو جوان هو، جنهن انگريز سرڪار خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ پنهنجي سر جو نذرانو ڏئي سُرخروئي حاصل ڪئي هو 1818ع ڌاري ڪارونجهر ويجهو ڪنڀاري ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو سندس والد جو نالو سامتورام ڪولهي هو هن جيئن ئي هوش سنڀاليو ته پنهنجي برادريءَ جي ماڻهن کي غربت ۽ بيوسيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙهجندو ڏٺائين هن پنهنجي هم خيال دوستن جي ٽولي ناهي پنهنجي علائقي جي ڏتڙيل عوام جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو انهن ڏينهن ۾ لڌو سنگهه سوڍو پارڪر جو وڏو جاگيردار هو لڌو سنگهه ۽ سندس پٽن سنڌن جاگير ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ رهندڙ غريب ڪولهين ۽ ٻين غريب ماڻهن کي حڪم ڏنو ته هو پنهنجي جانورن جو اڌ ڍير سنڌن حويليءَ ۾ پهچائين انهيءَ اعلان غريب عوام ۾ گهڻي بيچيني ڦهلائي

ڇڻي، رويلي ۽ سنڌس ساٿين انهيءَ عمل خلاف جدوجهد شروع ڪئي ۽ سوڍن سان جنگ جو اعلان ڪيو. آخرڪار لڌو سنگهه کي اهو اعلان واپس وٺڻو پيو. رويلو اڃا 25 سالن جي ڀرپور جوانيءَ کي پهتو ته انگريزن 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪري ورتو اڳتي هلي 1857ع ۾ جنگ آزاديءَ جو هل هليو پر سال ڪن ۾ اها جنگ به پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي وئي ۽ انگريز بي تاج بادشاهه بڻجي هندستان تي پنهنجا قدم مضبوط ڪري ورتا. ان زماني ۾ انگريز سرڪار خلاف مهاڏو اٽڪائڻ خودڪشيءَ جي برابر هو اهڙي ڏکئي دور ۾ پارڪر جي سوڍن، ڪولهين ڪوسن ۽ ٻين انگريز سرڪار کي ٽيڪس ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي گوريلا جنگ جي شروعات ڪئي انهيءَ جدوجهد کي ڪچلڻ لاءِ انگريز سرڪار ڪرنل ٽروٽ جي اڳواڻيءَ ۾ راڻپور ۾ هڪ فوجي ڪئمپ قائم ڪئي انگريزن ڇانوڻيءَ جي چوڌاري مٿهن تار لوڙهو ڏياري ڇڏيو هو ته جيئن ڪير به اندر نه اچي سگهي رويلي ڪولهيءَ نوجوانن جو هڪ لشڪر تيار ڪيو. هو انگريزن جي فوجي ڪئمپ جي چوڌاري ڏنل لوڙهي تي رليون رکي اندر داخل ٿيا ۽ انگريزي فوج جا سوين سپاهي قتل ڪري ڇڏيائون ڪرنل ٽروٽ ڪئمپ مان جان بچائي ڀڄي وڃي هڪ مينگهواڙ جي گهر ۾ چمڙي جي بدبودار کلن ۾ لڪي جان بچائي ۽ ٻئي ڏينهن حيدرآباد پهچي ويو. رويلي ۽ سنڌس ساٿين ڪئمپ کي مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ انگريز سرڪار حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان هڪ وڏو لشڪر وٺي پارڪر واري علائقي ۾ ڦهري ڪارروايون شروع ڪيون پارڪر جي بهادر نوجوانن جون انگريز فوج سان ڇڪريون هلنديون رهيون. آخرڪار ڪجهه پنهنجن جي غداريءَ سبب رويلو گرفتار ٿي ويو. رويلي کي لالچ ڏني وئي ته هو حڪومت جي آڻ مڃي ته هن کي آزاد ڪري انعام ڏنو ويندو پر هن اها پيشڪش ٺڪرائي ڇڏي. رويلي تي شديد تشدد ڪيو ويو پر سنڌ جي هن بهادر سپاهيءَ جي عزم کي ڪو لوڏو نه آيو آخرڪار 22 آگسٽ 1859ع تي سنڌ جي هن سورهيه سورمي کي هڪ وڻ ۾ ٽنگي ڦاسي ڏني وئي قومون پنهنجي سورمن کي فخر سان ياد ڪنديون آهن پر اسان ته غفلت جي گهري ننڊ ۾ ستل آهيون شايد اسان مان گهڻن کي رويلي جو نالو به ياد نه هجي

نورمحمد وڪيل



سنڌ جي هن عظيم تعليم دوست انسان ۽ قانوندان جو جنم 16 سيپٽمبر 1845ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ چڪري ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيو اڳتي هلي علي ڳڙهه ڪاليج مان بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد دکن ۾ وڪالت شروع ڪيائين پر ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌ موٽي آيو ڪجهه عرصي تائين خيرپور ۾ جج طور ڪم ڪيائين پر پوءِ استعيفا ڏئي حيدرآباد ۾ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين 1923ع ۾ هو بمبئيءَ جي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. 1920ع واري ڏهاڪي ۾ هن مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو هو حسن علي آفنديءَ جي قائم ڪيل سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن هو خلافت تحريڪ ۾ به ڀرپور ورتائين 1858ع ۾ انگريز سرڪار حيدرآباد هاءِ اسڪول قائم ڪيو نورمحمد انهيءَ اسڪول جي قيام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. 1924ع ۾ انهيءَ اسڪول جو انتظام نور محمد لاڪير جي مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو نورمحمد جي ڪوششن سان اهو اسڪول سنڌ جي مسلمانن جو هڪ اهم تعليمي ادارو بڻجي ويو. 1930ع ۾ انهيءَ اسڪول کي ’نورمحمد هاءِ اسڪول‘ جو نالو ڏنو ويو. انهيءَ اسڪول جي عمارت 1933ع ۾ جڙي راس ٿي هن سنڌ جي ڏورانهن علائقن مان ايندڙ شاگردن کي رهائش جون سهولتون ڏيڻ لاءِ 57 ڪمرن تي مشتمل هاسٽل پڻ ٺهرائي هن جي خواهش هئي ته حيدرآباد ۾ هڪ مسلم يونيورسٽي قائم ٿئي افسوس جو زندگيءَ سندس ساٿ نه ڏنو ۽ هو 22 آگسٽ 1937ع تي وڃي پنهنجي خلق حقيقيءَ سان مليو

مختيار اٿڙ

مولانا عبيدالله سنڌي

اڄ امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي مولانا صاحب ننڍي کنڊ جو جيد عالم، آزاديءَ واري تحريڪ جو هڪ اهم اڳواڻ ۽ عظيم مفڪر هو هن پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو انگريزن جي غلاميءَ مان آزاديءَ واري جدوجهد لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو جنم 10 مارچ 1872ع تي پنجاب جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ چيانوالي ضلعي سيالڪوٽ جي هڪ سک گهراڻي ۾ ٿيو جنم وقت سندس نالو بوٽا سنگهه رکيو ويو. اسڪول ۾ اسلامي ڪتاب پڙهڻ سان کيس اسلام سان محبت پيدا ٿي پئي ۽ هو پنهنجو اهل ۽ عيال ڇڏي سنڌ ۾ مولانا حافظ محمد صديق ڀرچونڊيءَ واري جي هٿ تي بيعت ڪري مسلمان ٿيو هن ديوبند ۾ وڌيڪ اسلامي تعليم حاصل ڪئي فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مولانا تاج محمد امروٽيءَ وٽ رهائش اختيار ڪيائين هن امروٽ مان ”هدايت الاخوان“ نالي رسالو پڻ جاري ڪيو. سنڌ ۾ هن جا پير جهنڊي وارن بزرگن، مولانا محمد صادق کڏي واري ۽ ٻين عالمن سان گهرا واسطا رهيا. اڳتي هلي ديوبند ۾ جميعت انصار جو بنياد وجهي هن انگريز سامراج خلاف جدوجهد جو آغاز ڪيو هن ريشمي رومال تحريڪ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو انهيءَ تحريڪ جو مقصد هي هو ته افغانستان، ترڪي ۽ روس وغيره جي مدد سان انگريزن جون هندستان مان پاڙون پٽيون وڃن انهيءَ سلسلي ۾ هن افغانستان، روس، ترڪي ۽ سعودي عرب جي سياسي اڳواڻن ۽ مختلف عالمن سان ملاقاتون ڪيون. مولانا صاحب 25 سالن کان به وڌيڪ وقت پنهنجي ملڪ کان پري رهيو ۽ 1939ع ۾ واپس وطن موٽيو وطن واپسيءَ کان پوءِ لاهور ۾ ”بيت الحڪمت“ ۽ ”شاهه ولي الله سوسائٽي“ قائم ڪري شاهه ولي الله جي فلسفي جي تشريح ۽ پرچار ڪندو رهيو هن شاهه ولي الله جي فلسفي ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا هڪ وڏو سياسي مدبر هجڻ سان گڏ هو هڪ جيد عالم ۽ اديب پڻ هو هن ڪيترائي قيمتي ڪتاب لکيا خاص طور تي سندس ڪتاب ”شاهه ولي الله اور ان کي سياسي تحريڪ“ ۽ ”اسلام اور سياسي نظريات“ گهڻو مشهور آهن هن انقلابي شخصيت 21 آگسٽ 1944ع تي راهه رباني ورتي ڪجهه حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 22 آگسٽ بجاءِ 21 آگسٽ پڻ ڄاڻائي وئي آهي

استاد گلزار علي خان

سنڌ جو هي مشهور راڳي ۽ موسيقار 1934ع ڌاري نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ ديهات ۾ پيدا ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 4 جولاءِ 1938ع ٻڌائي وئي آهي هن جو اصل نالو گلاب ۽ والد جو نالو محمد مراد دايو هو هن جي ڳائڻ جي سکيا ڀيرڪيائين پنهنجي والد کان حاصل ڪئي ان کان پوءِ استاد مهر علي لاڙڪاڻي واري ۽ استاد منظور علي خان کان موسيقي ۽ سنگيت جا گر سکيائين هن 1950ع واري ڏهاڪي کان ريڊيو پاڪستان تي ڳائڻ شروع ڪيو سندس ڳايل ڪجهه ڪلام اڄ به ريڊيو پاڪستان جي لائبريءَ ۾ موجود آهن 1983ع ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور قائم ٿيڻ کان پوءِ هن انهيءَ ريڊيو اسٽيشن تي هڪ موسيقار طور خدمتون سرانجام ڏنيون پاڪستان ٽيليويزن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايائين هن لاڙڪاڻي ۾ نون فنڪارن کي راڳ سيکارڻ لاءِ هڪ اسڪول کوليو جتان گهڻن شاگردن لاڀ پرايو. هن 22 سيپٽمبر 1992ع تي وفات ڪئي

طالب لغاري

طالب لغاري سرائڪي ٻوليءَ جو مشهور شاعر هو هن جو جنم 12 نومبر 1928ع تي تعلقي جوهي ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ حاجي خان ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو محمد علي ولد امام علي لغاري هو ۽ طالب سندس تخلص هو هن سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي زندگيءَ جو گذر گهلڻ لاءِ هن ڀريائين درزڪو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ بعد ۾ آبپاشي کاتي ۾ بيلدار مقرر ٿيو. ڪجهه وقت کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي 1951ع ۾ اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ 1988ع ۾ رٽائر ٿيو هن 1965ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس شاعريءَ ۾ رومانوي رنگ نمايان نظر اچن ٿا. سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ ”مرڪ تساڻي لڙڪ اسان ڊي“، ”ڏاتهون درد فراق جون“ ۽ ”ديوان طالب“ شامل آهن هن 22 آگسٽ 2015ع تي دم ڏئي حوالي ڪيو

ڊاڪٽر خير محمد جوڻو

اڄ مشهور صحافي، ڊاڪٽر خير محمد جوڻي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 1954ع ڌاري قاضي احمد ويجهو ڳوٺ مير محمد جوڻي ۾ پيدا ٿيو هن لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪامريڊ جام ساقي ۽ شهيد نظير عباسيءَ جو ويجهو ساٿي رهيو هو سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو وطن واپس وري کان پوءِ پنهنجي دوست ڊاڪٽر جبار خٽڪ سان گڏ ’روزاني عوامي آواز‘ سان لاڳاپجي ويو ۽ وفات تائين انهيءَ اخبار سان سندس ساٿ رهيو هن 22 آگسٽ 2017ع ۾ وفات ڪئي

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

شمس الدين عرساڻي سنڌ جو نامور اديب ۽ تعليمي ماهر هو هن جو جنم 2 اپريل 1937ع تي هالا نوان ۾ ٿيو هن پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪئي ان بعد ايم اي (سنڌي) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون هن عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ ملازمت سان ڪئي 1961ع ۾ اسڪول ۾ نائب استاد مقرر ٿيو 1966ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڪاليج جو سنڌي مضمون ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ مختلف ڪاليجن ۾ قوم جي نونهالن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪري 1999ع ۾ پروفيسر طور رٽائر ٿيو هن ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ گرانقدر خدمتون سرانجام ڏنيون هن جي لکيل ڪتابن جو تعداد پندرهن کان وڌيڪ آهي هن 22 آگسٽ 2017ع تي وفات ڪئي

مينا گوپ رويچندائي

سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور ليکڪ جو جنم 6 آڪٽوبر 1940ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو 1947ع ۾ سندس خاندان هندستان هليو ويو. جتي هن سنڌي ادب ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون هن تعليم کاتي ۾ ڪاليج ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ پروفيسر طور رٽائر ڪيائين هن کي سنڌي، انگريزي، هندي ۽ مرهٽي ٻولين تي عبور حاصل هو ڊاڪٽر مينا 1985ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو ۽ مختلف ادبي موضوعن تي ڏهه ڪتاب لکيا. مينا گوپ رويچندائي، 22 آگسٽ 2024ع تي پنهنجو سنساري سفر پورو ڪيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 08 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 94 سال 2026

مسمات ناديه چانڊيو .. پليٽنف بخلاف پنهل ولد چتن چانڊيو رهندڙ ڳوٺ ڦاٽن خان چانڊيو تعلقو ميرپوربٺورو ضلعو سجاول سيل نمبر 03008971158 ..ڊفينڊنٽس

معزز ڊفينڊنٽس کي

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي ديوي ڌيءَ پوپٽ زال رميش هندو بالغ رهندڙ جت ڪالوني خواجه منڊي تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار .. پليٽنف بخلاف .. رميش ولد Hangoo هندو بالغ رهندڙ شيو ڪالوني نزد خواجه منڊي ٽنڊو الهيار ... ڊفينڊنٽس

معزز ڊفينڊنٽس کي

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن، رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي / گارڊين جج قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 49 سال 2026

مسمات زاهدان ڌيءَ غلام حسين رهندڙ ڳوٺ مبارڪ ڪوسو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظيرآباد .. پليٽنف بخلاف علي ڪوسو ولد سيڻل ڪوسو رهندڙ ڳوٺ مبارڪ ڪوسو قاضي احمد ... ڊفينڊنٽس

معزز ڊفينڊنٽس کي

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ اينڊ مينٽيننس اينڊ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول / فيملي / گارڊين جج قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 137 سال 2026

مسمات شمسا ڌيءَ محمد رمضان سيال رهندڙ فقير جو ڳوٺ نوابشاهه .. پليٽنف بخلاف ظفر علي ولد مور حسن سيال رهندڙ گلزار ڪالوني ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ سيل نمبر 03163240447 ... ڊفينڊنٽس

معزز ڊفينڊنٽس کي

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ڪلاس
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
گارڊين سوٽ نمبر 22 سال 2026

وزير حسين ولد ذوالفقار علي پٺاڻي رهندڙ ڳوٺ حاجي غلام حيدر پٺاڻي ديهه 04 نصرت تعلقو دوڙ .. ايپليڪينٽ بخلاف مسمات غلام خاتون زال وزير حسين پٺاڻي رهندڙ ڳوٺ حاجي غلام حيدر پٺاڻي تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد..اپوزنٽس

معزز اپوزنٽس کي

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.25.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ڪلاس دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 77 سال 2026

مسمات جميلا ڌيءَ محمد صالح بلو رهندڙ غريب آباد نوابشاهه .. پليٽنف بخلاف (1) محمد صمير ولد نبي بخش (2) ميونسپل ڪارپوريشن شهيد بينظير آباد (3) ميونسپل ڪمشنر شهيد بينظير آباد (4) ٽيڪسيشن آفيسر ميونسپل ڪارپوريشن شهيد بينظير آباد (5) ايس ايڇ او اي سيڪشن نوابشاهه (6) ايس ايڇ او بي سيڪشن نوابشاهه..ڊفينڊنٽس

معزز ڊفينڊنٽس کي

جيئن ته مٿئين پليٽنف سوٽ فار پزيشن، ميسني پرافٽ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد

عام اطلاع

آئون نالي حسن علي چانڊيو ولد لطف علي چانڊيو سرنهن ساک سان چوان ٿو ته ڪالهه ڏينهن کان منهنجو ٽڪ ٽاڪ جو اڪائونٽ ڪجهه شر پسند ماڻهن منهنجي نالي سان فيڪ ٽڪ ٽوڪ آءِ ڊي ناهي ان تي ماڻهن کي غلط ڪمينٽ ڪيا پيا وڃن پيا جيئن ته ان آئي ڊي سان منهنجو ڪو به تعلق ناهي سو اهڙي رپورٽ پوليس اسٽيشن تي ڪئي ۽ اين سي بي داخل ڪرائي آهي جيئن ته آئون پوري ڪارمڪينڪ آهيان منهنجي نالي سان ٺهيل فيڪ آئيڊي سان منهنجو ڪوبه تعلق نه آهي اهڙو بيان قسم نامي سان لکت ۾ ڏيان ٿو

حسن علي چانڊيو ولد لطف علي وڻل گلشن فيض 2 ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

آئون نالي حسن علي چانڊيو ولد لطف علي چانڊيو سرنهن ساک سان چوان ٿو ته ڪالهه ڏينهن کان منهنجو ٽڪ ٽاڪ جو اڪائونٽ ڪجهه شر پسند ماڻهن منهنجي نالي سان فيڪ ٽڪ ٽوڪ آءِ ڊي ناهي ان تي ماڻهن کي غلط ڪمينٽ ڪيا پيا وڃن پيا جيئن ته ان آئي ڊي سان منهنجو ڪو به تعلق ناهي سو اهڙي رپورٽ پوليس اسٽيشن تي ڪئي ۽ اين سي بي داخل ڪرائي آهي جيئن ته آئون پوري ڪارمڪينڪ آهيان منهنجي نالي سان ٺهيل فيڪ آئيڊي سان منهنجو ڪوبه تعلق نه آهي اهڙو بيان قسم نامي سان لکت ۾ ڏيان ٿو

حسن علي چانڊيو ولد لطف علي وڻل گلشن فيض 2 ٽنڊو محمد خان

لاتعلقي جو اظهار

آئون مختيار احمد عباسي ولد خان محمد عباسي رهواسي ٻلاڙي شهر وارڊ نمبر 5، سڃاڻپ ڪارڊ نمبر 4540279870579: هن بيان ذريعي اعلان ڪريان ٿو ته منهنجو ٻيو نمبر پٽ صغير احمد عباسي ڪجهه غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي اهڙين سرگرمين ۾ ملوث ٿي ويو آهي. جن سان منهنجو ڪو به تعلق يا واسطو ناهي. تنهن ڪري، مان اڄ جي تاريخ کان پنهنجي پٽ صغير احمد عباسي سان هر قسم جي ڏيتي ليتي، واپار، قرض يا ڪنهن به مالي ۽ ڪاروباري معاملي کان لاتعلقي جو واضح اعلان ڪريان ٿو. اڄ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو به شخص، ادارو يا واپاري صغير احمد عباسي سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي، واپار، قرض يا مالي معاملو ڪندو، ته ان معاملي سان منهنجو ڪو به واسطو يا ذميواري نه هوندي. صغير احمد عباسي پنهنجي ذاتي عملن، معاملن، نقصان ۽ ذميوارين جو پاڻ ذميوار هوندو. سندس ڪنهن به عمل يا معاملي جي ذميواري مون تي عائد نه ٿيندي. هي بيان آئنده رڪارڊ ۽ ثبوت طور رکڻ لاءِ پنهنجي مرضي ۽ هوش حواس ۾ جاري ڪريان ٿو.

مختيار احمد عباسي ولد خان محمد عباسي رهواسي ٻلاڙي شهر وارڊ نمبر 5

لاتعلقي جو اظهار

آئون نالي راڻو عبدالحميد خان ولد محمد شفيع پنهنجي هوش ۽ حواس ۾ بنان ڪنهن دٻاءَ جي ٻن شاهدن جي روبرو ساک سان چوان ٿو ته منهنجو پٽ نالي راڻو فرقان حميد بري صحبت ۾ اچي نافرمان ٿي ويو آهي جنهن ڪري مون کيس پنهنجي گهر ۽ ملڪيت مان بي دخل ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي منهنجو يا منهنجي خاندان جو ساڻس ڪوبه واسطو ناهي ان کان پوءِ هو ڪنهن سان ڪا ڏيتي ليتي ڪندو يا کيس ڪير رهائيندو ته ان جو هو پاڻ ذميوار هوندو. منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيڪو ضرورت وقت ڪم اچي سگهي.

عبدالحميد خان ولد محمد شفيع

بقايا 1 روزاني عبرت

شريڪ ٿيا، ڌرڻي ۾ شريڪ عورتن جي هٿن ۾ پاڪ ڪتاب هئا، مڇريل ماڻهن ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿي وئي. ان موقعي تي شاهه بخش بليدي، محمد نواز بليدي، صدورو بليدي، امام الدين بليدي، بابل، يار محمد بليدي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته الهرکيو رند واري ڌر ڪارنهن جو ڪوڙو جواز ڄاڻائي اسان جي ٻن نوجوانن برڪت علي ۽ امام جان بگٽياڻي بليدي کي بيگناهه قتل ڪيو آهي جنهن مٿان ڪارنهن جو الزام هو اهو هن وقت به گهمي رهيو آهي، رند برادري اسان جا نوجوان بيگناهه قتل ڪيا آهن ۽ هن وقت به هو مورچابند ٿي ويٺل آهن، هنن چيو ته افسوس سان چوڻو پئي ٿو ته اسان جا ٻه نوجوان قتل ٿيا آهن 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس هن وقت تائين قاتل گرفتار ناهي ڪري سگهي. هنن آءِ جي سنڌ پوليس سميت وس وارن کان گهر ڪندي چيو آهي ته ٻن نوجوانن جي قتل جو نوٽيس وٺي جلد کان جلد قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 2 روزاني عبرت

مفادن جي تحفظ لاءِ پرامن ۽ جمهوري انداز ۾ آواز بلند ڪرڻ آهي. سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران حيدرآباد، ڄامشورو، ڪوٽڙي، قاسم آباد، لطيف آباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو الهيار، مٽياري ۽ ڀرپاسي جي ٻين علائقن جي باشعور شهرين، شاگردن، اديبن، وڪيلن، صحافين، استادن، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن کي مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي وئي آهي. تنظيم جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته سنڌ جي وحدت، وسيلن، ثقافت، ٻولي ۽ تاريخي سڃاڻپ جو تحفظ هر سنڌي جي گڏيل ذميواري آهي. هنن چيو ته سنڌ جي وحدت خلاف اٿندڙ هر سازش ۽ ورهاست واري سوچ کي رد ڪرڻ لاءِ عوامي اتحاد ۽ شعور جي ضرورت آهي. مارچ دوران شرڪت ڪندڙ سنڌ جي وحدت، امن، ڀائيچاري ۽ عوامي حقن جي حق ۾ نعرا هڻندا ۽ پنهنجي جمهوري راءِ جو اظهار ڪندا. اڳواڻن جو چوڻ آهي ته سنڌ جي وحدت جي تحفظ جو هر آواز دراصل پوري سنڌ جو گڏيل آواز آهي، جيڪو صوبي جي تاريخي حيثيت ۽ عوامي حقن جي پاسداري جي علامت آهي. سنڌ ايڪشن ڪميٽي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته هو پرامن، منظم ۽ ذميوارانه انداز ۾ مارچ ۾ شرڪت ڪري سنڌ سان پنهنجي محبت ۽ وابستگي جو اظهار ڪن. سنڌ جي وحدت جو تحفظ، سنڌ جي بقا جو تحفظ آهي، ۽ سنڌ جي بقا لاءِ گڏيل جدوجهد وقت جي اهم ضرورت آهي.“

بقايا 3 روزاني عبرت

الدين بنگلاڻي جي اڳواڻي ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪندي بلوچستان کان ڪراچي ويندڙ وين کي باءِ پاس جيڪب آباد تي روڪي 19 افغانين فيض الله، سميع الله، رحمان الله، ڪاتب الله، نواب خان، محمد الله، حميد الله، گل محمد، سيف الله، داؤد خان، لعل گل، محمد نبي، شهمير محمد احسان کي گرفتار ڪري ورتو آهي، گرفتار ٿيل افغانين کي جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي تي لاڪ اپ حوالي ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ تحويل ۾ ورتل افغانين ٻڌايو ته اسين بلوچستان کان جيڪب آباد رستي ڪراچي طرف وڃي رهيا هئاسين ته اسان کي ايڪسائيز پوليس روڪي ورتو ۽ اسان کان هڪ لک 40 هزار روپيا روڪ رقم ۽ 10 تولا چاندي رشوت طور وٺڻ بعد اسان کي اڳتي وڃڻ ڏنو جنهن بعد سي آءِ اي پوليس وري اسان کي گرفتار ڪري ورتو ۽ اسان کي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 4 روزاني عبرت

۾ زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ پيٽ شاهه،هالا، مٽياري منتقل ڪيو ويو جتي وڌيڪ سيريس حالت وارن زخمين کي حيدرآباد ۽ نواب شاهه جي اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو زخمين ۾ عبدالرحيم ميمڻ هالا، حبيب الله پٽ احمد ڪنڀار هالا، طيب ڏاهري، فهيم جمالي نوابشاهه عمر 30 سال، محمد عثمان سيال هالا عمر 42 سال، خادم حسين جعفري پٽ شاهه، ابوسفيان ميمڻ سعيدآباد عمر 28 سال، رام چند ڪولهي ، رحمت خاتون ڪنڀار ، سودي ڪنڀار ۽ ٻيا شامل آهن. پوليس موجب حيدرآباد کان نوابشاهه ويندڙ مسافر ڪوچ ڪيبراڻي ٿاڻي جي حد ڳوٺ موليڏنو سهتا وٽ تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪوچ ۾ سوار 25 کان وڌيڪ مسافر سخت زخمي ٿي پيا جن کي ايمبولنس ۽ ٻين پرائيويٽ گاڏين ذريعي مختلف مقامي پهچايو ويو جڏهن ته ڪيترن ئي زخمين کي نازڪ حالت ۾ نواب شاهه ۽ حيدرآباد سول اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا 5 روزاني عبرت

FIRيا اين سي داخل ڪونهي. اهڙي پريس ڪانفرنس محمد صالح ابڙو پنهنجي پٽن نعمان ۽ عدنان سان گڏ پريس ڪلب تلهار ۾ ڪئي. هن چيو ته اول ته محمد جمن ابڙو اسان جو سڳو ڀاءُ ڪونهي پوءِ به اسان مڃون ٿا هن چيو ته اسان پنج ڀاءُ محمد جمن، الهڏنو عرف الهانو، محمد صديق، ذوالفقار علي ۽ آئون سڀني کان ننڍو محمد صالح ابڙو ۽ اسان جون پنج ڀيڻون آهن. اسان جي مرحوم والد جي تقريبن 70 ايڪڙ زرعي زمين هئي جيڪا محمد جمن ابڙو پنهنجي فنڪاري. اداڪاري ۽ شاعري جي شوق ۽ پيءُ جي شادين جي بهاني مختلف وقتن تي وڪڻندو رهيو ٻين ڀائرن کي حصي عيوض رهاشي جڳهون ڏئي انهن کي الڳ ڪندو ويو آئون آخري هيس مونکي هن وقت جي تڪراري جڳهه ڏئي پاڻ خوشي سان ٽنڊو محمد خان شفٽ ٿي ويو سڄي شهر کي خبر آهي. هن چيو ته شهرين کان اها ڳالهه لڪيل ڪونهي جمن پنهنجا شوق پورا ڪرڻ لاءِ فنڪاره فوزيه سومرو کي سونو تاج پارايو هو ۽ مختلف وقتن ۾ تلهار ۾ وڏا ميوزيڪل شو ڪرائيندو

بقايا 6 روزاني عبرت

ٽرالر ۾ موجود ڪڻڪ جون سوين ڳوڻيون سڙي رک ٿي ويون اطلاع ملڻ تي ريسڪيو ٽيمن ۽ موٽر وي پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي باهه وسائڻ لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڏني. باهه سبب ڪروڙين روپين جي ماليت جي ڪڻڪ ۽ ٽرالر کي نقصان پهتو باهه لڳڻ جا ڪارڻ فوري طور معلوم نه ٿي سگهيا، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 7 روزاني عبرت

جنهن سبب شهرين ۾ عدم تحفظ جو احساس وڌي رهيو آهي. تازو واقعو ڏگهڙي ميرواهه روڊ تي قائم سيهڻو مارڪيٽ ۾ پيش آيو جتي رات دير سان نامعلوم چور سنڌ ٽيلر شاپ جا تالا ڪولي دڪان اندر داخل ٿيا ۽ 15 کان 20 جوڙا قيمتي ڪپڙا چوري ڪري فرار ٿي ويا. متاثر دڪاندار هرچند گوٺيل موجب چورن دڪان جا تالا کولڻ بعد اندر داخل ٿي قيمتي ڪپڙا چوري ڪيا ۽ واردات کان پوءِ انهن ئي تالين سان دڪان کي ٻيهر بند ڪري ڇڏيو دڪاندار جو چوڻ آهي ته دڪان جي صرف هڪ ئي چابي آهي، جيڪا هميشه سندس وٽ رهندي آهي، جنهن سبب واردات بابت مختلف سوال اڀري رهيا آهن ۽ معاملي جي شفاف جاچ ضروري بڻجي وئي آهي. هرچند گوٺيل ٻڌايو ته هن صبح 9 وڳي ڏگهڙي ٿاڻي تي چوري بابت اطلاع ڏني، پر شام تائين پوليس واقعي واري هنڌ تي نه پهتي، جنهن ڪري متاثر دڪاندار ۽ تاجر برادري ۾ ڳڻتي پيدا ٿي آهي. واپارين ۽ شهرين ڏگهڙي شهر ۾ وڌندڙ چورين جي وارداتن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي ميرپورخاص ۽ پوليس جي ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ شهر ۾ پوليس گشت وڌائي امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي.

بقايا 8 روزاني عبرت

عامر چلگري ۽ ٽاور چوڪي انچارج آفتاب ترين جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم مختلف هنڌن تي ڪارروائيون ڪندي ڦر ۽ چوري ڪندڙ گينگ جي مک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جنهن بعد انهن قبضي مان ڦر ۽ چوريون ٿيل 17 عدد موٽر سائيڪلون هٿ ڪري ورتيون. پوليس پاران هٿ ڪيل موٽر سائيڪل 15 مددگار سينٽر تان اصل مالڪ حوالي ڪيون ويون. موٽر سائيڪلون واپس ٿيڻ جي خوشي ۾ مالڪن پاران پوليس جي عملدارن کي نوٽن ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون. ان سلسلي ۾ شهرين چيو ته اسين ايس ايس پي فيضان علي ۽ ان جي ٽيم جا شڪر گذار آهيون جن جي محنت ۽ جدوجهد سان ڦورو ۽ چور گرفتار ٿيا ۽ اسان جون ڦر توڙي چوري ٿيل موٽر سائيڪلون واپس ٿيون آهن.

بقايا 9 روزاني عبرت

واسي ملاح برادري جي ماڻهن عرس ملاح جمن ملاح، نانو سانڌائي لطيف ملاح ،عظيم ملاح ۽ ٻين بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي ڄاڻايو آهي ته سال اڳ ۾ امتياز خواجه کان 7لک 89 هزارن عيوض پلاٽ خريد ڪيو هو جنهن جا ٽي لک ادا ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته بقايا رقم ڪاٽي تي ادا ڪرڻي هئي جيڪا اسين ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ليڪن بااثر پلاٽ جو ڪاتو ڏيڻ بجاءِ اسان سميت شهر جي معززين خلاف پلاٽ تي قبضي ڪرڻ جون بي بنياد خبرون هلائي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بااثر خلاف ڪارروائي ڪري پلاٽ جو ڪاتو ڏياري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 10 روزاني عبرت

شاعرن حامد ڪلوڙ ،سيد عارف شاهد، ماجد ميرائي، نويد منتظر ۽ نجم گڏاڻي سان رچايل رهاڻ جي موقعي تي خطاب ڪندي ڪيس صدارتي خطاب ۾ مشتاق احمد ڪلوڙ چيو ته سنڌي اديبن ۽ شاعرن ورهاڱي کان اڳ ئي پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ جي لاءِ شاندار جاکوڙ ڪئي آهي، جيڪا تاريخ جو حصو آهي. انهي موقعي تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل فقير پريل داٻو محمد بخش عاربائي، رئوف پارس داٻو سڪندر مگسي، قاضي محبوب، سڪندر اوڳاهي، اياز لطيف داٻو غضنفر بخاري، مير غلام شبير سندرائي، صفر ڪلهوڙو، سيد وقار شاهد، علي منصور ۽ ٻين چيو ته حامد ڪلوڙ عارف شاهد، ماجد ميرائي،نويد منتظر ۽ نجم گڏاڻي جي تخليقي پورهئي کي شاندار مڃتا ڏني وڃي آهي، هي شاعر اسان جي قديم ۽ جديد ڪلاسڪ جو گڏيل سنگم آهن. انهن وڏي محنت ڪري سنڌي ٻولي ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي، انهن پنهنجي قلم ذريعي داخلي ۽ خارجي جذبن سان عڪاسي ڪئي آهي.انهن جون تخليقون اڄ جي دور ۾ سخت مزاحمت ڪري رهيون آهن. تقريب ۾ تمام وڏي انگ ۾ شاگردن، وڪيلن، استادن ۽ ساڃاهه وندن شرڪت ڪئي، انهي موقعي تي شاندار مشاعري جي محفل منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ منٺون ڪوراڻي،ڊاڪٽر نثار شاهه، بيخود بلوچ، عبدالمجيد سنگهڙ سڪندر اوڳاهي، آزاد مهر سيد عبد□ شاهد لياقت بخاري، درگاهي گبول، اياز کهاوڙ غلام علي گل، دوست سومرو، عرفان لُنڊ، حارث لُنڊ،ڪرم بوزدار بشير احمد انقلابي، اصغر انجمر، حيدر سنڌي، سعود ساگر،جابر چاچڙ حسين ساجد مهر آسي عجيب، ڊاڪٽر آڪاش ميمڻ امر ساحل، الطاف اوڳاهي، اعجاز آزاد چني، راحب ميمڻ ۽ ٻين پنهنجي خوبصورت شاعري سان ڌرتي ۽ سرتي جا رنگ پيش ڪيا.

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪئي وئي تقريب جي صدارت ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي ڪئي، جڏهن ته ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ، اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عمار سولنگي، صحت کاتي جا سينيئر ڊاڪٽر، آفيس پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ملازم وڏي انگ ۾ موجود هئا. تقريب دوران صحت کاتي جي مختلف ڪيڊرن، جن ۾ اڪائونٽنٽ، ڊسپينسر، ليڊي هيلٿ وزيٽر، ليب ٽيڪنيشن، هيلٿ ٽيڪنيشن، او ٽي ٽيڪنيشن، ايڪسري ٽيڪنيشن، ڊينٽل، ويڪسينيٽر ۽ مڊوائيف سميت ٻين ڪيڊرن جا گريڊ 5 کان گريڊ 15 تائين جا ملازم شامل هئا، انهن ۾ آفر آرڊر ورهايا ويا.

بقايا 12 روزاني عبرت

جا چاپڙ پڻ ڪرڻ لڳا آهن، جنهن سبب شاگردن ۽ استادن جي حياتين کي خطرو پيدا ٿي ويو آهي. ڪنهن به اڻ وڻندڙ حادثي کان بچڻ لاءِ انتظاميه پاران ڪيترن ئي ڪلاسن جي شاگردن کي وڻن جي ڇانوَ هيٺ تعليم ڏني پئي وڃي. اسڪول انتظاميه توڙي علائقي واسين موجب عمارت جي خطرناڪ صورتحال بابت تعليم کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن ۽ هيندس انتظاميه کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪيو ويو آهي، پر ان باوجود اڃان تائين عمارت جي مرمت يا ٻيهر تعمير لاءِ ڪو عملي قدم ناهي کنيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ميڊيا کي ٻڌايو ته اسڪول جي عمارت جي زبون حالت بابت بار بار شڪايتون ڪرڻ باوجود مسئلو حل نه ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته معصوم شاگردن جي زندگين کي خطري ۾ وجهي ڪلاس رومز اندر تدريس جو عمل جاري رکڻ ممڪن ناهي، تنهن ڪري کين مجبورن وڻن جي ڇانوَ هيٺ ويهاري تعليم ڏني پئي وڃي. استادن ۽ شاگردن توڙي سندن والدين تعليم کاتي جي اعليٰ عملدارن ۽ سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار شاهه کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪارائي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي زبون عمارت جو فوري طور معائنو ڪرائي، ڇتين ۽ ڪلاس رومز جي مرمت يا نئين سر تعمير لاءِ هنگامي بنيادن تي فنڊ جاري ڪيا وڃن ته جيئن سوين معصوم شاگردن کي محفوظ ۽ بهتر تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي.

بقايا 13 روزاني عبرت

شهرين ۽ ڳوٺاڻن فقير عبدالنبي ساريو، ممتاز علي، برڪت علي جويو احسان مري، جبل سنڌي، نبي بخش، عبدالرزاق، نذير احمد ملاح ۽ ٻين ٻڌايو آهي ته ڪڪڙ شهر سميت ٻين ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن جنهن ۾ درمحمد ابڙو، ڪيڙو ابڙو، ٿرڙي جادو شهيد، خانپور جوڻيجو پاٽ شريف، پيارو اسٽيشن، رڪڻ ڳوٺ ٽڳا، ۽ ٻيا ڪيترا ڳوٺ شامل آهن جتي نشي آور Z21سوپارين جو وڪرو سرعام ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ڪيترا ڀيرا اسان احتجاج ڪيا آهن پر ضلع انتظاميه ۽ لوڪل انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري منشيات فروش بنا ڪنهن خوف جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ زهريلي سوپاريون وڪرو ڪري رهيا آهن جن کان ڪير به پڇڻ وارو ناهي جيڪي معصوم زندگيون برباد ڪري گهرن جا گهر اجاڙي رهيا آهن جڏهن ته انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪاب ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن سبب منشيات فروش زهريليون سوپارين جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ ڊي سي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاهه ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان گهر ڪئي آهي ته ڪڪڙ شهر ۽ ٻين ڳوٺن ۾ Z21نشي آور سوپارين جو ڪاروبار ڪندڙ منشيات فروشن کي گرفتار ڪري مٿن سخت قانوني ڪارروائي ڪري سزا ڏياري وڃي.

بقايا 14 روزاني عبرت

جمن سولنگي کي پوليس گرفتار ڪري ڪٺي وئي پوليس کي گهربل جوابدار جمن بدران ٻئي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري ٻئي جمن کي ڪٺي وئي آهي جڏهن ته وارثن پاران ٻنورو حيدرآباد روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن ڳوٺاڻن ٽٻو سولنگي , عرس سولنگي , رمضان سولنگي پاران احتجاج ڪندي چيو ته بيگناهه اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري اسان جي گهرن جو تقدس پامال ڪيو ويو آهي ۽ چڙهائي دوران اسان معصوم ٽينگري لتاڙجي تشدد سبب فوت ٿي آهي ۽ اسان جو ڳوٺ جو سريال جمن سولنگي کي پڻ گرفتار وٺي اسان فوري طور تي هن ظلم جو انصاف ڪيو وڃي ۽ گرفتار ڪيل جمن سولنگي کي آزاد ڪيو وڃي ۽ چڙهائي ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 15 روزاني عبرت

مبينا طور موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، مختلف طريقن سان حراسان ڪيو پيو وڃي ۽ مٿن چوري جا الزام پڻ لڳايا پيا وڃن. هنن جو وڌيڪ الزام آهي ته سندن ٽينگري پاٽيج فريال خانزاده کي پڻ مبينا طور اغوا ڪري پاڻ وٽ رکيو ويو هو ايس ايس پي ڄامشورو، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي، پيءُ جي ملڪيت ۾ قانون موجب حصو ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 16 روزاني عبرت

سهندي فوت ٿي ويو. ڊاڪٽرن پاران نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق، ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. شهباز نوناري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانئجي وئي. واقعي بابت پوليس پاران وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي.

بقايا 17 روزاني عبرت

ميڊيڪل هيلٿ يونٽن علاج ۽ ٽيسٽون ڪيون ٽوٽل پيشنٽ 100 ميل يونٽ 19 فيميل يونٽ 30 بلڊ ٽيسٽون 46 ڪيون ويون هار 51 الٽراسائونڊ 1 ايڪسري، اي سي جي، ريفٽر پيشنٽ، ڪاري سائي ملير يا، شگر ۽ ٻيون ٽيسٽون پڻ ڪيون ويون ڳوٺ يوسف برفت جي رهواسين وزيرعليٰ سنڌ جي صلاحڪار محترم گياڻچند ايسراڻي جو شڪريو ادا ڪيو هنن چيو ت اڄ اسان جي ڳوٺ يوسف برفت ۾ فري ميڊيڪل اسپتال موڪلي آهي جنهن ۾ مهانگيون ٽيسٽون ڪيون ويون فري ۾ دوائون ڏنيون ويون فري ۾ ايڪسري ٿيا الٽراسائونڊ ٿيا اي سي جي ٿي سنڌ جي وزير اعلي سيد مراد علي شاهه - وزير اعلي سنڌ جي صلاح ڪار محترم گياڻچند ايسراڻي جا تهه دل سان ٿورائتا آهيون جنهن اسان کي علاج جي سهولت مهيا ڪري ڏني آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

ميمبرن سيڪريٽري ناشاد ملاح، ساگر ميمڻ، محمد صديق ميمڻ، شڪيل پارس، مشتاق ميمڻ، اقبال شاهين، شاهه ڪوري، يوسف غفور ڪٽي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ جوهڙ جمالي پريس ڪلب کان ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاجي مظاهري ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جوهڙ جمالي جي شاعرن، اديبن، ليکڪن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ هن ملڪ ۾ معاهدي تحت شامل ٿي آهي، سنڌ هڪ الڳ وطن آهي تنهنڪري اسان نون صوبن ناهڻ ۽ سنڌ جي ورهاڱي جي سخت مخالفت ڪريون ٿا، اديبن چيو ته ملڪ جي سالميت ۽ مضبوط وفاق جي لاءِ اهڙيءَ طرح جا منصوبا سخت نقصانڪار ۽ هاڃيڪار ثابت ٿيندا، احتجاجي مظاهري ۾ شاعرن ۽ ليکڪن محمد بچل جت، اسحاق يوسف ڪٽي، ڊاڪٽر نياز حسيني، غلام مصطفي لوهار، محمد اسماعيل مگسي، علي نواز لاڪائي عمران بشير ۽ ٻين وڏيءَ انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 19 روزاني عبرت

۾ ڏڙا ڦاٽڪ وٽ باڊهه - لاڙڪاڻو روڊ بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي شاگرد جي والد سڪندر علي خاصخيلي ۽ ڀاءُ عارف خاصخيلي چيو ته طاهر خاصخيلي کي باڊهه شهر مان مبينه طور موٽرسائيڪل ۽ ڏيڍ لک روپين جي روڪ رقم سميت ڪنهي گم ڪيو ويو ۽ هاڻي ايئرپورٽ ٿاڻي تي مڻس سوپاريون وڪرو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. هنن الزام لڳايو ته طاهر بيگناهه آهي ۽ ڪوڙو ڪيس سندس مستقبل تباهه ڪري سگهي ٿو هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ڪيس ختم ڪيو وڃي ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 20 روزاني عبرت

سامي فائونڊيشن جي نمائندن ڪئي. ريلي ۾ سرڪاري عملدارن، سماجي ڪارڪنن، نوجوانن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي دهشتگردي خلاف ۽ امن جي حمايت ۾ نعريبازي ڪئي . ان موقعي تي خطاب ڪندي مقررين چيو ته دهشتگردي انسانيت جي گڏيل دشمن آهي، جنهن خلاف سمورن طبقن کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر مظاهر پرڙو چيو ته ملڪ ۾ امن امان جي قيام لاءِ پاڪ فوج، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون قربانيون ناقابل فراموش آهن. هنن چيو ته دهشتگردي جي متاثرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي - شرڪت ڪندڙن ملڪ ۾ دائمي امن، استحڪام ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ دعا پڻ گهري.

بقايا 21 روزاني عبرت

aجو آواز دٻائڻ لاءِ اڳواڻن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي کين ريسٽيڪيٽ ڪري رهي آهي. سندن چوڻ هو ته فيسن ۾ اضافي خلاف شاگردن پاران ڪيل احتجاج جو بدلو وٺندي شاگرد اڳواڻن جي داخلا معطل ڪري کين يونيورسٽي مان ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو آهي. شاگرد اڳواڻن الزام لڳايو ته انتظاميا جو قدم شاگردن جي جائز حقن لاءِ آواز اٿارڻ جي سزا آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. هنن مطالبو ڪيو ته پنجن شاگردن جون داخلا بحال ڪري کين يونيورسٽي ۾ پڙهائي جاري رکڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ شاگرد اڳواڻن خلاف داخل ڪرايل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن. هنن خبردار ڪيو ته مطالبا تسليم نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو. ٻئي طرف جساف پاران شاگردن کي جي داخلا معطلي خلاف رات جو هاسٽل گيٽ وٽ علامتي بک هڙتال پڻ ڪئي وئي.

بقايا 22 روزاني عبرت

جي ڏي وٽ ڪئي وئي. وفد ۾ مفتي بشير احمد نقشبندي، صدر جماعت اهل سنت سنڌ، علامه حبيب احمد قادري، نائب صدر پاڪستان سني تحريڪ سنڌ، علامه صاحبزاده مسعود احمد قادري، صدر جمعيت علماءِ پاڪستان ضلع شڪارپور، صاحبزاده حافظ فضل الله نوراڻي، ناظمِ اعليٰ مرڪزي جماعت اهل سنت ضلع شڪارپور، عبدالحفيظ مغل، صدر جماعت اهل سنت شڪارپور ۽ علامه راشد قادري شامل هئا. ان موقعي تي ايس ايس پي محمد ڪليم علماءِ اهل سنت کي يقين ڏياريو ته جشنِ عيد ميلاد النبي ﷺ جي موقعي تي عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ، امن امان جي قيام ۽ محفلن توڙي جلوسن جي پرامن انعقاد لاءِ شڪارپور پوليس پاران ڀرپور ۽ مؤثر سڪيورٽي انتظام ڪيا ويندا. ملاقات جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن امان جي قيام ۽ جشنِ عيد ميلاد النبي ﷺ کي پرامن ۽ باوقار انداز ۾ ملهائڻ لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي.

بقايا 23 روزاني عبرت

دڪاندار دريا خان پٺي جي ڪرياڻا دڪان جي ڇت ٽوڙي دڪان مان لکين روپين جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا دڪاندار پاران چوري جو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو اهڙي اطلاع تي پوليس پهچي دڪاندار کان ٿيل چوري بابت تفصيل معلوم ڪيا ٻي طرف دڪاندار ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺي ٿيل چوري واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو .

بقايا 24 روزاني عبرت

شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد جي بحالي، اداري کي فعال بڻائڻ ۽ فنڪارن کي درپيش مسئلن سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. ان موقعي تي صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه آرٽس ڪائونسل حيدرآباد کي جلد بحال ڪرڻ جو فيصلو ڪندي چيو ته آرٽس ڪائونسل کي فعال بڻائي جلد ثقافتي ۽ فني سرگرمين جو آغاز ڪيو ويندو. هن چيو ته نون چونڊن ذريعي ڪامياب ٿيندڙ اميدوار اداري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. جڏهن ته سمورن پينلن ۽ فنڪارن کي ميرٽ جي بنياد تي سهولتون ۽ موقعا فراهم ڪيا ويندا. سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ ثقافتي سرگرمين جي واڌ ويجهه ۽ فنڪار برادري جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي.

بقايا 25 روزاني عبرت

۽ انمول ڪتاب موجود آهن لائبريري انچارج زاهد عزيز مينڊرو جي ڪاوشن ۽ مختلف ادارن سان رابطن جي نتيجي ۾ لائبريري کي وڌيڪ هڪ هزار ناياب ۽ قيمتي ڪتاب تحفي طور مليا آهن. ڪراچي جي هڪ وفاقي اداري، سنڌي ادبي بورڊ ۽ قومي زبان پاڪستان سميت مختلف ادارن پاران ڪتابن جو عطيو ڏيڻ تي لائبريري انچارج زاهد عزيز مينڊرو انهن ادارن جا ٿورا مڃيا صحافين سان ڳالهائيندي زاهد عزيز مينڊرو چيو ته هو پنهنجي مرحوم والد جي نقش قدم تي هلندي پبلڪ لائبريري ۾ ڪتابن جو ذخيرو وڌائڻ لاءِ وڌيڪ ڪوششون جاري رکندو جيئن سجاول شهر ۽ ڀرپاسي جا نوجوان شاگرد ۽ شاگرديائيون مطالعي ذريعي پنهنجي علم ۾ اضافو ڪري مستقبل روشن بڻائي سگهن هوڏانهن سجاول جي نوجوانن، شاگردن، شاگرديائين، مذهبي ۽ سول سوسائٽي اڳواڻن لائبريري لاءِ هڪ هزار قيمتي ڪتابن جي تحفي کي خوش آئند قرار ڏيندي چيو آهي ته لائبريري ۾ موجود ڪتابن مان خاص طور غريب ۽ ضرورتمند شاگرد فائدو حاصل ڪري سگهندا هنن صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي ۽ ڊپٽي ڪمشنر سجاول کان مطالبو ڪيو ته پبلڪ لائبريري جي پراڻي عمارت جي نئين سر تعمير ڪرائي، چوڌاري مضبوط چوديواري تعمير ڪرائي وڃي ۽ ناياب تاريخي ڪتابن جي حفاظت لاءِ مناسب فرنيچر ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جيئن علم جو هي قديمي خزانو محفوظ رهي ۽ ايندڙ نسلن تائين منتقل ٿي سگهي.

بقايا 26 روزاني عبرت

برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ڪنهن معمولي ڳالهه تان منهن ماري ٿي، جيڪا وڌي جهيڙي ۾ تبديل ٿي وئي. جهيڙي دوران هڪ ڌر پاران فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ گلشير ڏيپر گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جڏهن ته ٻي ڌر جا گلاب ڏيپر ۽ مقصود ڏيپر ڏنڊا لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا. واقعي ڪانپوءِ زخمين کي وارثن ۽ علائقي واسين پاران فوري طور تعلقه اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي. حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ٽنهي زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ذريعن موجب هڪ زخمي جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي. واقعي جي اطلاع ملڻ بعد پوليس پڻ صورتحال کان واقف ٿي وئي، جڏهن ته آخري اطلاع تائين ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو. پوليس پاران واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. هوڏانهن ٻنهي ڌرين جا ماڻهو ويجها عزيز ٻڌايا وڃن ٿا، تنهن باوجود جهيڙي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي. علائقي واسين پاران خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته معاملو ٻيهر شدت اختيار ڪري سگهي ٿو تنهن ڪري پوليس کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ گشت وڌائي ۽ واقعو ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 27 روزاني عبرت

سليمان جي والد نظير احمد چانڊيو سميت سندس وارثن سان ملاقات ڪئي جتي رئيس منظور احمد مگسي ، رئيس بهار خان مري ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي شهيد جي وارثن کي حال احوال ڏنا ۽ هر قسم جو ونهوار ڏيڻ جو چيو ۽ کين اهو پڻ چيو ته امين به چانڊيو برادري مقرر ڪن ۽ تڏو ، ٽائيم ۽ جڳهه به چانڊيا مقرر ڪن اسين هر قسم جي فيصلي تي عمل ڪرائڻ جو پابند هونداسين جنهن تي شهيد سليمان چانڊيو جي والد نظير احمد چانڊيو آيل منٿ ميڙ قافلي مان کي ڏيندي هڪ هفتي جي مهلت گهري جنهن تي قافلي سندن شڪريو ادا ڪيو منٿ ميڙ قافلي ۾ جن شرڪت ڪئي انهن ۾ الهه ڏتو رند ، نور احمد رند ، سردار راهو ، حاجي منير مگسي ، عليشير ، شرف الدين مگسي ، گلڻ خان مگسي ، غلام نبي ملاح ، ولي محمد پٽي ، راجڪمار اوڊ سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون ؛

بقايا 28 روزاني عبرت

محمد حنيف جت جي فرياد تي جوابدار مظفر جت ۽ ٻين خلاف سندس ڀاءُ کي قتل ڪرڻ ۽ غلام نبي جت کي زخمي ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو. مقدمي جي ٻڌڻي دوران فريادي ڌر جي ناميارين سينيئر وڪيل ايڊووڪيٽ اعجاز احمد جمالي جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ عدالت جوابدار خلاف قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس عمر قيد جي سزا ٻڌائڻ جو فيصلو ٻڌايو. هوڏانهن جوابدار مظفر جت هن وقت سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد آهي ۽ ٻيڏي ٽالپر وٽ پ پ اڳواڻ شهيد ربڏني جت جي بي رحماڻي قتل ڪيس ۾ پڻ مک جوابدار طور نامزد آهي. مذڪوره قتل ڪيس جو فيصلو اڃا اچڻ باقي آهي.

بقايا 29 روزاني عبرت

جتي مسلسل سٺن ڏينهن کان سندس علاج هلندڙ آهي پر ان جي باوجود طبيعت ۾ سڌارو نه اچي سگهيو. شاعر محمد علي ميرجت جي صحت ۾ سڌارو نه اچڻ ڪري شاعرن ۽ اديبن پاران سنڌ جي ثقافت کاتي کان سرڪاري خرچ تي سندس علاج ڪراچي جي اسپتال مان ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. انهي موقعي تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري احساس ميرل سهتو، فقير محمد اٺڙ روحل ڪالرو، مسڪين سمون ۽ ٻين چيو ته محمد علي ميرجت جهڙا شاعر سنڌ جو اثاثو آهي سندس شاعري ۾ سنڌ جي سونهن ثقافت ۽ پيار شامل آهي هن وقت هو جگر جي بيماري سبب اسپتال ۾ داخل آهي هنن سنڌ جي ثقافت کاتي کان مطالبو ڪيو ته محمد علي ميرجت جو علاج سرڪاري خرچ تي ڪراچي جي اسپتال مان ڪرائي سندس حياتي بچائي وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

جنهن کي اسپتال نيئو پئي ويو ته هو رستي ۾ ئي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو نوجوان جو لاش جيئن ئي گهر پهتو ته سندس جي گهر ڀاتين ۽ امڙ کي بيهوشيءَ جا دورا پئجي رهيا هئا اهڙي غمزده حالت ۾ سڄي ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول ٿي ويو ياد رهي ته نوجوان راهب علي لاشاري راضيديرو شهر ۾ مزدوري ڪندو هيو باهه جي ٻنيءَ تي ٻڌايو پيو وڃي ته هو باهه ٻارڻ لاءِ ٿوڻا ڪٽي رهيو هو ته ڪو نانگ انهن ٿوڻن ۾ ڇپيل هيو پر نوجوان کي محسوس نه ٿيو جيئن ئي طبيعت بگڙندي رهي ته سندس کي ٻنيءَ مال ۽ وارثن اسپتال پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو رستي ۾ ئي پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو فوتي راهب علي لاشاريءَ جي جنازي اڄ رات ڏهه بجا (ڪالهه) ڳوٺ بنگالو لاشاري ادا ڪئي وئي مرحوم کي آبائي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي پونئرن سان غمخواريءَ جو سلسلو هلندڙ آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

دوران رانديگرن پاران شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو ويو جڏهن ته مقابلا ڏسڻ لاءِ وڏي انگ ۾ شوقين پڻ موجود هئا مختلف مرحلن مان ڪاميابي حاصل ڪندي علي وارث ٽيم فائنل ۾ پهچي مخالف ٽيم کي شڪست ڏئي ونجهه وٽي راند جو فائنل پنهنجي نالي ڪري ورتو فائنل دوران ٻنهي ٽيمن جي رانديگرن پاران بهترين راند پيش ڪئي وئي جنهن کي ڏسندڙن پاران ڀرپور موٽ ڏني وئي

بقايا 32 روزاني عبرت

تعلقا ٽنڊوباگو جي اڳواڻ جيون ڪمار ڪولهي پاران لاڙڪاڻي سميت سنڌ اندر صوبي ناهڻ جي مخالفت ۾ پمفليٽ ورهائيندڙ عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي پوليس هٿان گرفتارين خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي ۽ احتجاج ڪندي چيو آهي ت اسان جي اڳواڻن ۽ ورڪرن سميت عورت اڳواڻن کي پوليس پاران گرفتار ڪري پيپلزپارٽي جي حڪومت سنڌ جو آواز دٻائڻ ٿي جيڪو ڪڏهن ن ٿي سگهندو اسان اهڙي گرفتارين جي سخت مذمت ڪريون ٿا ,هنن موجب اسان جي لاڙڪاڻي مان اڳواڻن ايڊوڪيٽ سجاد حسين ميسهڙ، مرڪزي سينئنر نائب صدر نور احمد ڪاتيار ,لاڙڪاڻي جي صدر علي حسن وڪو ,سنڌي شاگرد تحريڪ جو اعزاز ڳاڻيچو محمد علي وڪو سنڌياڻي تحريڪ جي ماهه نور بلوچ سميت سيني گرفتار ٿيلن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتار ڪري جيل ڪيو ويو آهي جنهن جي سخت مزمت ڪريون ٿا ۽ گهر ٿا ڪريون ت فورن گرفتار ٿيل اڳواڻن ۽ ورڪرن کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا 33 روزاني عبرت

ٻچڙا شهباز ملاح پرويز ملاح سجل ملاح ڪراچي مزدوري تي ويا جتي مزدوري دوران کين فيروز آباد ٿاڻي جي پوليس گرفتار ڪري ٿاڻي تي کڻي وڃي آئيس منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي، هنن چيو ته مختلف شهرن کان ڪراچي ۾ وڃي مزدوري ڪندڙ سنڌين کي ڪراچي پوليس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪراچي اچڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، هنن ، وزيراعلي سنڌ صوبائي گهرو وزير ۽ آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪراچي مزدوري لاءِ ويندڙ معصوم ٻچڙن تي ڪراچي پوليس طرفان منشيات جو ڪوڙو داخل ڪيس فوري ختم ڪيو وڃي ۽ کين آزاد ڪري سندن پريشاني دور ڪئي وڃي

بقايا 34 روزاني عبرت

علي عباسي جي سربراهي ۾ 4 رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي، جنهن جي ميمبرن ۾ ڊائريڪٽر هائير سيڪنڊري ايجوڪيشن اقبال ڪنڀار، ڊائريڪٽر آءِ ٽي فرخ وارسي، ڊائريڪٽر هيومن ريسورس سيد عابد علي شاهه شامل آهن. صوبائي وزير پاران جاچ ڪميٽيءَ کي 10 ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. واضح رهي ته ۾ ڊي اي او هائير سيڪنڊري ايجوڪيشن، ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر کي ڏينهن هڪ ليٽر جاري ڪري جعلي استادن زاهد علي، ارشد علي، شاهه رُخ، اثيل ڪُماس، فهد علي ۽ عابدا پروين جي پگهار روڪڻ جو حڪم ڏنو هو جڏهن ته جانئل معاملي جي ڊائريڪٽر جنرل هيومن ريسورس وٽ هڪ الڳ انڪوائري پڻ هلندڙ آهي. جانئل معاملي جو ڦاٽ ڦاٽڻ کان پوءِ ميرپورخاص جي تعليم کاتي اندر جعلي ڀرتين، ڪوڙن بلن ۽ جعلي صحيحن مختلف ڪم ڪندڙ ٽولي ۾ ٿرٿلو مچل آهي.

بقايا 35 روزاني عبرت

aڪندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو چيو ته هن ڏينهن جو مقصد دهشتگردي جي واقعن ۾ پنهنجيون قيمتي جانيون وڃائيندڙ اڳوڻي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو شهيد، معصوم شهرين، سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ سمورن متاثرن کي ياد ڪرڻ ۽ سندن خاندانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آهي. هن چيو ته ”اسان ياد رکون ٿا، اسان خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا ۽ اسان گڏجي بيٺا آهيون.“ دهشتگردي انسانيت جي دشمن آهي، جنهن خلاف پوري قوم متحد آهي. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته امن، رواداري ۽ ڀائيچاري سان هڪ قوم بڻجي دهشتگردي خلاف جدوجهد جاري رکڻي آهي ۽ پاڪستان دشمن عنصرن کي سيڪيورٽي فورسز سان گڏجي شڪست ڏيڻي آهي.

بقايا 36 روزاني عبرت

فقير محمد لاکو ، سيڪريٽري بورڊ ميٽرڪ مشرف راجپوت، ڪنٽرولرتعليمي بورڊ انجنيئر شڪيل احمد لغاري، سيڪريٽري بورڊ فاطمه خان ، استادن، والدين ، بورڊ عملدارن، پوزيشن هولڊرز شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي _ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي پوزيشن هولڊرز سندن والدين ۽ استادن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته شاگردن جي ڪاميابي سندن محنت ، صلاحيت ۽ دلچسپي سان گڏوگڏ والدين ۽ استادن جي همٿ افزائي ۽ رهنمائي جو گڏيل نتيجو آهي _ هن چيو ته اڄ جا شاگرد ملڪ ۽ معاشري جي روشن مستقبل جا معمار آهن، سندن حوصلا افزائي ڪرڻ سميت سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل طور تي ذميواري آهي _ هن چيو ته پوزيشن هولڊرز پنهنجي محنت ۽ صلاحيتن جو عملي ثبوت ڏنو آهي جڏهن ته اهڙيون تقريبون شاگردن جي حوصلاافزائي ۽ کين وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن _ هن والدين ۽ استادن جي ڪاوشن کي پڻ ساراهيو_چيئرمين حيدرآباد تعليمي بورڊ فقير محمد لاکو پوزيشن هولڊرز ۽ سندن والدين کي مبارڪبادي ڏيندي چيو ته ٻارن جي ڪاميابي ۾ حوصلا افزائي بنيادي اهميت رکي ٿي _.

بقايا 37 روزاني عبرت

سائين محمد ياسين سيفي، ياسين ڪوسو آصف آگرو شير محمد آگرو ماجد مهيسر آفتاب سومرو، فراز چنا، نعيم آگرو امداد جوگرو عباس سوڍو، فياض انصاري سميت علماءِ ڪرام، عاشقانِ رسول ﷺ، مذهبي ۽ سماجي شخصيتن ۽ وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي.

بقايا 38 روزاني عبرت

عقيدت جو عالمي ڏينهن“ جي حوالي سان ڊي سي آفيس کان ريلي ڪڍي وئي. ريليءَ جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو ڪئي. ريليءَ سان خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته هن ڏينهن جو مقصد دهشتگردي جي واقعن ۾ پنهنجيون قيمتي جانيون وڃائيندڙ اڳوڻي وزير اعظم پاڪستان محترمه بينظير ڀٽو شهيد، معصوم شهري، سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ سمورن متاثرن کي ياد ڪرڻ ۽ انهن جي خاندانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آهي. هن چيو ته ”اسان ياد رکون ٿا..

بقايا 39 روزاني عبرت

اڳواڻي ۾ پبلڪ پارڪ مڪلي کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽو تائين احتجاجي ريلي ڪڍي سنڌ جي ساموئنڊي پٽي سان تعلق رکندڙ هندستاني جيلن ۾ قيد پاڪستاني ملاحن جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته گهوڙاٻاري تعلقي جي ساموئنڊي پٽي مان 11 ملاحن کي مڇي جي شڪار دوران هندستاني فورسز گرفتار ڪري پنهنجي قيد ۾ رکيو آهي جن ۾ سلطان جلباڻي سرور پارهيڙي سومار پارهيڙي غلام مصطفي سرفراز ۽ ٻيا شامل آهن هنن چيو ته گهوڙاٻاري ڪيٽي بندر ڪاروڇاڻ شاهبندر ۽ جاتي سميت سنڌ جي ساموئنڊي پٽي جا ڪيترائي ماهيگير هندستاني جيلن ۾ قيد آهن عالمي ادارا ۽ پاڪستاني هاءِ ڪميشن معاملي جو نوٽيس وٺي ۽ هندستان ۾ قيد پاڪستاني غريب ملاحن جي آزادي لاءِ ڪوششون وٺي کين آزادي ڏياري وڃي.

بقايا 40 روزاني عبرت

سليمت خاتون ۽ شبانا سولنگي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته ٻه ڏينهن اڳ دوڙ پوليس بلاجواز صدام سولنگي کي هالا مان هوٽل تان کڻي مٿس دوڙ ٿاڻي تي ڦر جي ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو جڏهن ته ڪيس ڇڏائڻ لاءِ ويل رشتيدار شاهد سولنگي مٿان پڻ بااثر ڏاهري برادري جي چرچ تي چرس جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ٿاڻي تي لاڪپ ڪري ڇڏيو ۽ اسان جي عورتن کي دوڙ پوليس ٿاڻي مان ڌوڙائي ڪڍيو. هنن وڌيڪ الزام هڻندي چيو آهي ته گذريل ڏينهن حيدرآباد ڪورٽ تان واپس ايندي سفيد پوش مسلح هٿياربند صدام سولنگي جي زال صنم گل کي اغوا ڪري کڻي ويا آهن ۽ اهي اغواڪار سندس عزيز غلام حسين . شان . ايڊووڪيٽ سڪندر. شمس ڏاهري ۽ ٻيا نامعلوم ماڻهون آهن هنن خدشو ظاهر ڪندي چيو ته صنم گل کي سندس عزيز ڪاروڪاري ڪري ماري ڇڏيندا . هنن اعلا اختيارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڪوڙا ڪيس ختم صدام ۽ شاهد سولنگي کي آزاد ڪيو وڃي ۽ صنم گل ڏاهري کي سندس رشتيدارن جي چنبي مان آزاد ڪرائي اسان حوالي ڪيو وڃي -

بقايا 41 روزاني عبرت

۾ ٽيم ٻنهي مسئلن جي حل لاءِ اڳتي سرگرم عمل هئي ۽ ان حوالي سان ضروري انتظام بروقت ڪيا ويا_]
pm] G H Mob: □8:05 ,21/08
حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)بينظير هاري ڪارڊ ورزن 2.0 جي رول آئوٽ ۽ آپريشنل ورڪشاپ بابت حيدرآباد ۾ اهم صلاح مشورا اجلاس حيدرآباد جمخانا ۾ بينظير هاري ڪارڊ ورزن 2.0 جي رول آئوٽ ۽ آپريشنل ورڪشاپ جي سلسلي ۾ اهم اسٽيڪ هولڊرز صلاح مشورا اجلاس منعقد ٿيو جنهن جو اهتمام ايڪس سي ايل ٽيڪنالاجيز (XCL Technologies)پاران ڪيو ويو.

بقايا 42 روزاني عبرت

ڪئي پئي وڃي جڏهن ته بدترين مهانگائيءَ ۾ هن سالن ۾ ٻارن جو اسڪول يونيفارم تبديل ڪرڻ به والدين تي اضافي بار آهي. هنن چيو ته هڪ طرف جتي والدين ٻارن جا ڪورس مخصوص وينڊر کان انتهائي مهانگي مله تي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن اتي ٻار جي اڳئين ڪلاس ۾ وڃڻ تي ننڍي ڀاءُ/ڀيڻ کي پوين ڪورس به استعمال ڪرڻ نه ڏنو ويندو آهي. صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت والدين جي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي ڊي جي پرائيويٽ اسڪولز کي اڳاري تائين رپورٽ پيش ڪرڻ ۽ قانون مخالف قدمن تي اسڪول انتظاميه خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 43 روزاني عبرت

اسپورٽس پاليسي سميت رانديون واري کاتي بابت مختلف معاملن تي صوبائي وزير کي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس دوران صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ٻڌايو ته هي سنڌ اي اسپورٽس چيمپئن شپ جو باقاعده افتتاح 24 آگسٽ تي لياقت لائبريريءَ ۾ ڪيو ويندو جڏهن ته چيمپئن شپ جا مقابلا آڪٽوبر جي پهرئين هفتي تائين جاري رهندا. هن ٻڌايو ته سنڌ اي اسپورٽس چيمپئن شپ جا آن لائن مقابلا مختلف مرحلن ۾ منعقد ٿيندا، جنهن ۾ پوري سنڌ مان نوجوان ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ ٽيمون حصو وٺنديون. چيمپئن شپ جي فائنل جي موقعي تي باقاعده پڄاڻي تقريب به منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ فاتح ٽيمن ۾ گڏيل طور تي 30 لک روپين جي انعامي رقم ورهائي ويندي. صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن کي راندين ۽ مثبت سرگرمين لاءِ وڌ کان وڌ موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. اي اسپورٽس به نوجوانن جي صلاحيتن جي اظهار ۽ کين جديد دور جي راندين سان جوڙڻ جو هڪ اثرائتو ذريعو آهي. سردار محمد بخش مهر چيو ته ”اسان چاهيون ٿا ته سنڌ جا نوجوان پنهنجي صلاحيتن کي مثبت سرگرمين ۾ استعمال ڪن ۽ اي اسپورٽس ذريعي دنيا ۾ سنڌ جو نالو روشن ڪن.“ هن چيو ته سنڌ جا نوجوان باصلاحيت آهن ۽ حڪومت کين پنهنجون صلاحيتون اجاگر ڪرڻ لاءِ هر ممڪن پليٽفارم فراهم ڪندي.

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CSR-60-4273-330697118-2026	SUPPLY OF UTILITY WATER TO LOTI GAS FIELD, BALOCHISTAN	07.09.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-ADMIN-60-4316-332195476-2026	HIRING OF CONSULTANT-FIRM FOR OBTAINING NOCs-APPROVALS FROM CAPITAL DEVELOPMENT AUTHORITY (CDA), ISLAMABAD	08.09.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-331072422-2026	GEOLOGICAL FIELD WORK SERVICES FOR KOHLU EXPLORATION LEASE (E.L)	14.09.2026 AT 1030 Hrs
4.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-331177108-2026	INTEGRATED STRUCTURAL GEOLOGICAL MODELING STUDY OF THE NOWSHERA BLOCK, KPK	15.09.2026 AT 1030 Hrs
5.	OGDCL-SCM-FD-CB-PROD-330576125 -2026	CENTRIFUGAL PUMPS FOR PRODUCTION FIELDS	22.09.2026 AT 1100 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **08.07.2026, 22.07.2026, 24.07.2026, 31.07.2026** and **08.08.2026**, it is notified that the bid submission/ opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FA-LOCAL-CB-328411293-2026	CEMENT CLASS G	01.09.2026 AT 1100 Hrs
2.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-326986842-2026	HIRING OF MULTI CYCLE (UNLIMITED) UNDER REAMER SERVICES	02.09.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-RMD-329417483-2026	AVO AVA GEOSTATISTICAL INVERSION STUDY OF TOOT OILFIELD FOR RESERVOIR CHARACTERIZATION	10.09.2026 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 102/07

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

ڳڙهي خيرو ۾ قتل ٿيل نوجوانن جي وارثن پاران لاش قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو روڊ بلاڪ

رند برادري جي حملي ۾ مارجي ويل برڪت ۽ امام جان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو پاڪ ڪتاب کڻي نعريبازي

ميڙيل ماڻهن ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿي وئي

برڪت علي ۽ امام جان ٻگهياڻي بليدي کي بيگناهه قتل ڪيو ويو، جنهن تي ڪارنهن الزام هوا هو ۽ وقت به گهمي رهيو آهي:مظاهرين

جيڪب آباد (ڊ ر) هڪ ڏينهن اڳ ڳڙهي خيرو جي ميرانپور ٿاڻي جي حد ۾ ڪارنهن جي پراڻي تڪرار تان رند برادري جي حملي ۾ مارجي ويل برڪت علي ۽ امام جان ٻگهياڻي بليدي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ بليدي برادري پاران لاش کڻي ڳڙهي خيرو کان جيڪب آباد پهچي درگاهه ميهر شاهه پرسان قومي شاهراهه تي لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ عورتن سميت ٻار به

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پوليس پاران هٿ ڪيل چوري جون موٽر سائيڪلون ڏيکاريون پيون وڃن

حيدرآباد ۾ اڄ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي ”وحدت سنڌ مارچ“ ڪيو ويندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) اڄ حيدرآباد ۾ وحدت سنڌ مارچ سنڌ جي وحدت ۽ سڄاڻپ لاءِ گڏيل آواز جو اعلان سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي اڄ ڇنڇر جي ڏينهن حيدرآباد ۾ ”وحدت سنڌ مارچ“ ٿيندو، جيڪو منجهند 3 وڳي پونم پمپ کان شروع ٿيندو مارچ جو مقصد سنڌ جي وحدت، سڄاڻپ، تاريخي حيثيت ۽ قومي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نوري آباد پرسان ڪپهه سان ڀريل ٽرالر ۾ باهه، سوين ڳنڍڙيون سڙي ويون، ڪروڙين رپين جو نقصان

ٽاٿو بولاخان انٽرچينج پرسان ايم-9 سپر هاءِ وي جي 32 ميل وٽ ٽرالر ۾ اوچتو باهه ڀڙڪي اٿي

اطلاع تي ريسڪيو ٽيمن ۽ موٽر وي پوليس پهچي باهه وسائڻ لاءِ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو

ڪپهه سان گڏ ٽرالر کي به سخت نقصان، باهه لڳڻ جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا واقعي جي جاچ شروع

نوري آباد (ن ع) لوٽي ڪوٽ پرسان ڪپهه سان ڀريل ٽرالر کي باهه لکين رپين جو نقصان لوٽي ڪوٽ ٿاڻي جي حد ۾ ٽاٿو بولاخان انٽرچينج پرسان ايم-9 سپر هاءِ وي جي 32 ميل وٽ ڪپهه سان ڀريل ٽرالر کي اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

نوري آباد: ڪپهه سان ڀريل ٽرالر کي باهه لڳل آهي

ڪڪڙ سميت مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ نشي آور سوپارين جي وڪري خلاف احتجاج

درمحمد ابڙو، ڪيهڙو ابڙو، ٺرڙي جادو شهيد سميت مختلف ڳوٺن ۾ منشيات وڪرو ٿئي ٿي

نوجوان نسل نشي جي ور چڙهي ۽ زندگيون تباهه ٿيا ڪن، پر انتظاميا ڪارروائي نٿي ڪري:مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ نشي آور Z21سوپارين جو وڪرو جاري، نوجوان نسل نشي جو عادي بڻجي برباديءَ طرف وڌڻ لڳو انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل، شهرين ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاج مظاهرو سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ سولنگي برادري جو دوڙ پوليس ۽ ڏاهري برادري خلاف احتجاجي مظاهرو

صدام سولنگي کي ڦر ۽ شاهد سولنگي تي چرس جو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي:مظاهرين

صدام سولنگي جي زال صنم کي مبينا اغوا ڪرايو ويو آهي، ڪارڪاري الزام ۾ قتل جو خدشو آهي

هالا (ت ر) هالا جي ريلوي اسٽيشن ڪالوني جي رهواسي سولنگي برادري جي مردن عورتن پاران دوڙ پوليس ۽ چانڊ صاحب جي ڏاهري برادري جي ناجائزن خلاف هالا پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي . مظاهرين عزيز الله ، ڏاڙهون ، محمد علي ، عبدالسلام ، مسمات

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

بلڙو ويجهو مبينا پوليس چڙهائي دوران معصوم نينگري لتاڙجي فوت، ڳوٺاڻن جو ڌرڻو روڊ بلاڪ

ڳوٺ عبدالڪريم شورو ۾ سولنگي برادري جي گهرن تي ڪراچي ۽ بلڙو پوليس جي مبينا چڙهائي

گهرن تي پوليس چڙهائي ڪرڻ دوران معصوم نينگري ساريا الله بچايو سولنگي لتاڙجي فوت ٿي وئي

پوليس ڳوٺاڻي جمن کي کڻي وئي، وارثن جو بلڙو-حيدرآباد روڊ تي ڌرڻو روڊ بلاڪ، پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ميرپور بلڙو (ن ع) ميرپوربلڙو ويجهو ڳوٺ عبدالڪريم شورو ۾ سولنگي برادري جي گهرن تي ڪراچي ۽ بلڙو پوليس جي مبينا چڙهائي سبب معصوم نينگري لتاڙجي فوت هڪ ڄڻو گرفتار ميرپور بلڙو لڳ ڳوٺ عبدالڪريم شورو ۾ سولنگي برادري جي گهرن تي پوليس چڙهائي ڪرڻ دوران معصوم نينگري ساريا الله بچايو سولنگي لتاڙجي فوت ٿي وئي معصوم نينگري جي فوت ٿيڻ تي جنازي تي گهر ۾ ڪهرام مچل هو جڏهن ته هڪ ڳوٺاڻي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ملڪيت جي حصي تان مبينا ڌمڪيون ملڻ خلاف ڀينرن پاران عدالت ۾ پٽيشن داخل

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي خانزاده ڪالوني جي رهواسي متاثرن مسمات شاهين خانزاده ۽ مسمات فوزيا خانزاده پنهنجي ڀائرن خلاف ڪورٽ سڳوري ۾ پڻ پٽيشن داخل ڪرائي ڇڏي آهي. متاثرن جو الزام آهي ته ڀائر ڏرنبيل خانزاده طارق خانزاده ۽ ڀيڻون آمنا خانزاده شازيا خانزاده ليڊي پوليس اهلڪار مهوش خانزاده طرفان ملڪيت ۾ حصو ڏيڻ بدران

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

باڊهه: شاگرد طاهر خاصخيلي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪندي

هالا ۾ اينٽي ٽيررزم جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان آگاهي ريلي

اي سي هالا مظاهر ٻرڙو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، دهشتگردي خلاف نعريبازي

دهشتگردي انسانيت جي دشمن آهي، سمورن طبقن کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو:مقرر

هالا (ت ر) اينٽي ٽيررزم جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان هالا ۾ سامي فائونڊيشن جي تعاون سان اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس هالا کان پريس ڪلب هالا تائين آگاهي ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر ٻرڙو، سوشل ويلفيئر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر اظهر لاکو ۽

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

عيد ميلاد النبي صه جي سيڪيورٽي بابت ايس ايس پي سان علماءِ اهل سنت جي ملاقات

محفلن ۽ جلوسن جي سيڪيورٽي انتظامن تي پوليس ۽ علماءِ اهل سنت ۾ ڳالهه ٻولهه

ايس ايس پي محمد ڪليم پاران جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ڀرپور سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي خاطري

لکي غلام شاهه(ن ع) شڪارپور: ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم سان جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي حوالي سان علماءِ اهل سنت جي وفد ملاقات ڪئي ملاقات دوران جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ منعقد ٿيندڙ محفلن ۽ جلوسن جي سيڪيورٽي انتظامن بابت تفصيلي خيالن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد لڳ نامعلوم چور دڪان جي ڇت ٽوڙي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا

جهنڊا شاخ وٽ چور دريا خان پڙهي جي ڪرياڻ دڪان جي ڇت ٽوڙي سامان کڻي ويا

فقيرآباد (ن ع) فقيرآباد لڳ جهنڊاشاخ وٽ نامعلوم چور دڪان جي ڇت ٽوڙي لکين رپين جو سامان ٻهاري ويا دڪاندار پاران ايس ايس پي خيرپور کان چوري واپس ڪرائڻ جو مطالبو رپورٽ موجب ڪنب ٿاڻي جي ڇونڪي مومن مهر جي حد ۾ جهنڊاشاخ اسٽاپ تان نامعلوم چور

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بدين: ڳوٺاڻيون عورتون پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيون آهن

ٽنڊوآدم لڳ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ پيرو فقير شورو ۾ شادي شده عورت ميرزادي زال واحد بخش گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي .

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي پنجن شاگردن جي داخلا معطلي خلاف جساف جو احتجاج

ٽنڊوڄام (ت ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي پنجن شاگردن جي داخلا معطلي ۽ مٿن ڪيس داخل ٿيڻ خلاف جساف پاران ريلي ڪڍي وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويو جساف اڳواڻ محمد خان جروار ۽ غالب سرڪي جي اڳواڻي ۾ شاگردن احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي جساف اڳواڻن چيو ته يونيورسٽي انتظاميا شاگردن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سڄاول پبلڪ لائبريري کي هڪ هزار ناياب ۽ قيمتي ڪتابن جو عطيو

سڄاول (ڊ ر) سڄاول شهر جي قديمي ۽ تاريخي پبلڪ لائبريري ٽائون ڪميٽي جي سهڪار سان علم جي روشني ڦهلائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي 1961ع کان قائم هن لائبريري ۾ 26 ٻولين ۾ قرآن پاڪ جا نسخا سميت ڪيترائي ناياب

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪپرو جي سماجي اڳواڻ حاجي انور درس جي گهرواري وفات ڪري وئي

ڪپرو(ن ع) سماجي اڳواڻ حاجي انور ولد حاجي غلام حسين درس جي گهرواري وفات ڪري وئي مرحومه جي جنازي نماز ۾ وڏي تعداد ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي مرحومه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو پوئينرن سان ڳوٺ مورهڏي ۾ تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي

اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ناٽڙو جي رهواسين جو مٺي ۾ احتجاج

مٺي (ڊ-ر) اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ناٽڙو جي رهواسين هرهڪ تيجو ولد جالوجي، راڻسنگ ولد ڪيسروجي ٺاڪر پريس ڪلب مٺي پهچي ٻڌائيندي چيو آهي ته اسان جو ڀائو ڪانجي ولد جالوجي عمر رسيده ۽ دماغي توازن درست نه آهي اٿڻ ويهڻ کان لاچار آهي ۽ غير شادي شده آهي هتي چيو ته اسان جي خلاف پائيٽن جسونتسنگهه ۽ ڏيوراج سنگهه ولد جوڌ سنگهه وارن ڪاتا بدل ڪرائڻ لاءِ ڏنل درخواست ۽ اشتهار من پسند آهن جنهن ڪري اسان جا ڪاتا گڏيل آهن ۽ اسان ڌار ڌار پوکيندا آهيون ورهاست وڏا ڪري ڏيڻي ويا آهن اسان چاهيون ٿا ته اشتهار رد ڪري اڪثريت راءِ سان فيصلو ڪيو وڃي

آرٽس ڪائونسل حيدرآباد کي جلد فعال بڻائي سرگرمين جو آغاز ڪيو ويندو: ذوالفقار شاهه

نون چونڊن ذريعي ڪامياب ٿيندڙ اميدوار اداري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا

سمورن پينلن ۽ فنڪارن کي ميرٽ جي بنياد تي سهولتون ۽ موقعا فراهم ڪيا ويندا

سنڌ حڪومت ثقافتي سرگرمين جي واڌ ويجهه ۽ فنڪار برادري جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن قدم کڻي پئي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت سنڌ سيد ذوالفقار علي شاهه جي صدارت هيٺ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد جي بحاليءَ بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ۽ حيدرآباد سان تعلق رکندڙ فنڪارن ۽ آرٽسٽن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ناميارو شاعر محمد علي ميرجت طبيعت خراب هجڻ سبب اسپتال داخل

جگر جي بيماري سبب حيدرآباد جي اسپتال ۾ ستن ڏينهن کان علاج جاري

شاعرن ۽ اديبن پاران ثقافت کاتي تي سار نه لهڻ جو شڪايت ، ڪراچي مان علاج جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جو ناليوارو شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو اڳوڻو ضلعي رابطا سيڪريٽري محمد علي ميرجت جي طبيعت ناساز هجڻ ڪري اسپتال داخل ثقافت کاتي سار نه لڌي محمد علي ميرجت کي جگر جي بيماري سبب حيدرآباد جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

راضيديرو پرسان نانگ جي ڏنگڻ سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٻنيءَ تي ڪانيون ڪٽيندي راهب علي لاشاري کي نانگ ڪکي وڌو

نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو ته رستي ۾ ئي دم ڌڻي حوالي ڪيو

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان ڳوٺ بنگالو لاشاري جي رهواسي نوجوان پورهيت راهب علي لاشاريءَ کي نانگ ڪکي ويو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

بدين پرسان ونجهه وٽي جا شاندار مقابلا، 16 ٽيمن جي شرڪت

علي وارث ٽيم فائنل ۾ مخالف ٽيم کي شڪست ڏئي ٽرافي پنهنجي نالي ڪري ورتي

بدين (ڊ ر) بدين پرسان ڳوٺ الهڏنو سومرو ۾ سنڌ جي ثقافتي راند ونجهه وٽي جا شاندار مقابلا ٿي گذريا جن ۾ بدين لواري شريف سميت آس پاس جي مختلف ڳوٺن مان آيل 16 ٽيمن ڀرپور حصو ورتو راندين

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ هوٽل ٻاهران سجي تيار ڪئي پئي وڃي

حيدرآباد: مقامي مدرسي جا ٻارڙا عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي، 19 افغان شهري گرفتار

سي آءِ اي پوليس بلوچستان کان ڪراچي ويندڙ افغانين جي وين کي ٻاءِ پاس وٽ روڪيو

افغانين جو ايڪسائيز اهلڪارن تي هڪ لک 40 هزار رپيا ۽ 10 تولا چاندي وٺڻ جو الزام

گرفتار ٿيل افغانين کي سٽي ٿاڻي جي لاڪ اپ حوالي ڪيو ويو، وڌيڪ جاچ جاري

جيڪب آباد (ڊ ر) بلوچستان کان جيڪب آباد رستي ڪراچي طرف ويندڙ افغانين جي جٿي کي ايڪسائيز پوليس روڪي ڪاٺن هڪ لک 40 هزار رپيا روڪ رقم ۽ 10 تولا چاندي مبينہ رشوت طور وٺڻ بعد کين اڳتي وڃڻ ڏنو جنهن بعد ساڳئي افغاني جٿي کي سي آءِ اي پوليس انچارج عمر

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

منهنجي وڏي ڀاءُ جيڪي به الزام هنيا آهي بي بنياد آهن: صالح ابڙو

پٽڻ خلاف منشيات فروشي بابت ڪا ايف آءِ آر يا اين سي داخل ناهي ٿيل

ٺلهار(ت ر) ڪالهه منهنجي وڏي ڀاءُ محمد جمن ابڙي اسان جي پٽڻ سان گڏ جيڪي پريس ڪلب ٺلهار اڳيان منهنجي ۽ پٽڻ خلاف جڳهه تي قبضي ڪرڻ جو احتجاج ڪندي الزام بازي ڪئي آهي ۾ ڪنهن به قسم جي صداقت ڪونهي منهنجي پٽڻ تي منشيات فروش وغيره جي ڪٿي به

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ چورين جون وارداتون وڌي ويون، شهري عدم تحفظ جو شڪار

سبهڙو مارڪيٽ ۾ ٽيلر شاپ جا تالا ٽوڙي 15 کان 20 جوڙا قيمتي ڪپڙا چوري

دڪاندار جو پوليس تي دير سان پهچڻ جو الزام، شفاف جاچ جو مطالبو

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ۾ چورين جون وارداتون وڌي ويون شهري عدم تحفظ جو شڪار ڏگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ ڏوهاري عنصر ٻيهر سرگرم ٿي ويا آهن چورين جون وارداتون معمول بڻجڻ سان گڏ شهر ۾ شريف شهرين سان تلخ ڪلامي ۽ مبينا تشدد جا واقعا پڻ سامهون اچڻ لڳا آهن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد پوليس 17 ڦر ۽ چوري ٿيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪري ورتيون

پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪارروايون، ڦر ۽ چوري ڪندڙ گينگ جا مک جوابدار گرفتار

15موٽر سائيڪلون اصل مالڪن حوالي، شهرين پاران پوليس کي گلن جا هار پارايا ويا

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي مختلف علائقن مان ڦر ۽ چوريون ٿيل موٽر سائيڪلون جيڪب آباد پوليس واپس ڪرائي ورتيون ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي جي هدايتن تي اسپيشل اسڪواڊ جي انچارج طارق ترين سي آءِ اي انچارج عمرالدين بنگلاڻي آءِ ٽي انچارج

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

چوهڙ جمالي: سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌ جي مبينا ورهاڱي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادپور ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ 22 سالا نوجوان فوت

ڳوٺ جلال نوناري واسي شهباز نوناري ٽرين جي ٽڪر ۾ سخت زخمي ٿيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور شاهپور چاڪر ڦاٽڪ وٽ پٽڙي ڪراس ڪندي ڳوٺ جلال نوناري واسي 22 سالا پورهيت نوجوان شهباز نوناري گرين ايڪسپريس ٽرين جي ٽڪر ۾ سخت زخمي ٿي پيو زخمي نوجوان کي ڪلٽي جوڳي حالت ۾ سمس اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سري لڳ موبائيل اسپتال پهچي وئي، 100 مريضن جو مفت علاج ۽ طبي سهولتون فراهم

ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ جي موبائيل اسپتال جي ٽن يونٽن پاران ڳوٺاڻن جو مفت علاج ڪيو ويو

ڳوٺاڻن وڏي وزير ۽ صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جا مفت علاج ۽ دوائون ڏيڻ تي ٿورا مڃيا

سري (رپورٽ: درگاداس شرما) وزير اعليٰ سنڌ جي صلاح ڪار محترم گيانچند ايسراڻي جي خاص هدايتن تي ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ پاران فري ميڊيڪل موبائيل اسپتال جي ٽن يونٽن اڄ ڳوٺ يوسف برفت يوسي سري تعلقو ٽاٿوبولاخان ضلع ڄامشورو ۾ فري

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سري: مفت موبائل اسپتال ۾ مريضن جو علاج ڪيو پيو وڃي

شهيد سليمان چانڊيو جي وارثن سان منٿ ميڙ قافلي جي ملاقات

شاهنواز مگسي پاران مختلف برادرين ۽ اڳواڻن سان گڏ شهيد جي وارثن سان ملاقات

چانڊيا برادري پاران امين مقرر ڪرڻ، تاريخ وقت ۽ هنڌ طئي ڪرڻ جي تجويز

شهيد جي والد نظير احمد چانڊيو پاران فيصلي لاءِ هڪ هفتي جي مهلت طلب

سڪرنڊ (س ر) شهيد سليمان چانڊيو جي شهادت ڪانپوءِ قتل الزام هيٺ آيل شاهنواز مگسي پاران ضلع شهيد بينظيرآباد جي مختلف برادرين ۽ راڄن جي چڱن مڙسن ، سڪرنڊ شهر جي معتبر شخصيتن ۽ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاڪم چانڊيو پهچي شهيد

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حضرت سيد ابراهيم شاهه جي عرس تي نوجوانن جي منفرد عقيدت

نوجوانن پاران 105 ڪلو ڪيڪ جي ٻوري کڻي 10 ڪلوميٽر سفر ڪري درگاهه تي حاضري

دهلن ۽ شرنائين جي گونج ۾ چادر چاڙهي فاتحه خواني، باس پوري ڪئي

عمل مقابلو نه پر حضرت سيد ابراهيم شاهه سان عقيدت جو اظهار آهي: نوجوان

ٽنڊوآدم (ن ع) حضرت سيد ابراهيم شاهه جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ٽنڊوآدم پرسان ڳوٺ فقير محمد جي نوجوانن پاران منفرد انداز ۾ عقيدت جو اظهار ڪيو ويو نوجوانن دهلن ۽ شرنائين جي گونج ۾ 105 ڪلوگرام وزني ڪيڪ جي ٻوري کڻي 10 ڪلوميٽرن جو فاصلو طئي ڪري درگاهه تي پهچي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪري

شڪارپور ۾ دهشتگردي جي متاثرين جي ياد ۾ ريلي

ڊي سي جي اڳواڻي ۾ شهيدن ۽ متاثر خاندانن سان يڪجهتي طور ريلي ڪڍي وئي

دهشتگردي خلاف قوم جي اتحاد، امن، رواداري ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ تي زور

لکي غلام شاهه(ن ع) ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ 21 آگسٽ 2026ع تي ”دهشتگردي جي متاثرين جي ياد ۽ خراج عقيدت جو عالمي ڏينهن“ ملهايو ويو جنهن جي موقعي تي ريلي پڻ ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو ڪئي ريلي کي خطاب

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

21 AUGUST 2026
INTERNATIONAL DAY OF
REMEMBRANCE
AND TRIBUTE TO THE
VICTIMS OF TERRORISM
WE REMEMBER. WE HONOR. WE STAND TOGETHER.
DISTRICT ADMINISTRATION
SHIKARPUR

شڪارپور: دهشتگردي جي متاثرن جي ياد ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

نون صوبن خلاف پمفليٽ ورهائڻ تي گرفتارين تي عوامي تحريڪ جو احتجاج

پيپلزپارٽي حڪومت اڳواڻن ۽ ورڪرن کي گرفتار ڪرائي آواز دٻائڻ ٿي چاهي:مظاهرين

عورت اڳواڻن سميت گرفتار ٿيل ڪارڪنن کي فوري آزاد ڪيو وڃي

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو شهر ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي رابطا سيڪريٽري سائين لال جروار عوامي تحريڪ بدين ضلع جي صدر مهراڻ درس، سنڌ هاري تحريڪ جي اڳواڻ سليمان هاليپوٽو سنڌي هاري تحريڪ ضلع بدين جي جوائنٽ سيڪريٽري ايڊووڪيٽ محبت هاليپوٽو عوامي تحريڪ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ مزدوري لاءِ ويل بدين جا 3 پورهيت گرفتار، وارثن جو احتجاج

فيروز آباد پوليس تي آئيس منشيات جو مبينا ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جو الزام

پورهيتن جي وارثن پاران پريس ڪلب بدين اڳيان علامتي بک هڙتال،انصاف جو مطالبو

بدين (ڊ ر) بدين جي پير عاليشاهه ڪوٽ جي رهواسي ملاح برادري جي مردن ۽ عورتن ٻارڙن سميت پريس ڪلب بدين اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي انهي موقعي تي مسمات مريم ملاح، نسرين ملاح ، رضيه ملاح، گلزار دليب ۽ ٻين صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته سندن

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص ۾ 6 جعلي استادن جي ڀرتي واري معاملي جو تعليم واري وزير نوٽيس ورتو

سردار شاهه نوٽيس وٺي سيڪريٽري ايجوڪيشن جي سربراهي ۾ 4 رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي

صوبائي وزير پاران جاچ ڪميٽيءَ کي 10 ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي هائير سيڪنڊري ايجوڪيشن ۾ 6 جعلي استادن جي ڀرتي ۽ انهن پاران پگهارون کڻڻ واري معاملي جو تعليم واري وزير سيد سردار شاهه نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي صوبائي وزير پاران معاملي جي جاچ ۽ ملوث ماڻهن جي طعين سيڪريٽري ايجوڪيشن زاهد

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مٽياري ويجهو مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب 25 کان وڌيڪ مسافر زخمي

نوابشاهه ويندڙ مسافر ڪوچ ڳوٺ مولڏنو سهتا وٽ تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پئي

حادثي جي نتيجي ۾ عبدالرحيم، حبيب الله، طيب، فهيم، محمد عثمان سميت 25 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ريسڪيو ٽيمن پاران زخمين کي ڀٽ شاهه، هالا ۽ مٽياري جي اسپتالن منتقل ڪيو ويو

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ويجهو حيدرآباد کان نوابشاهه ويندڙ ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب مرد، عورتن ۽ ٻارڙن سميت 25 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا، زخمين کي ڀٽ شاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو. حادثي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويون جتي تمام زخمين کي ڪوچ مان ڪڍي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪئي وئي،جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالوهاب پڻ واقعي واري هنڌ پهتل هيو. ريسڪيو ٽيمن پاران حادثي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ظلم اور بربریت بند کرو!
جان لیوا حملے کی شدید مذمت!
پاکستان مسلم لیگ فنکشنل، ضلع حیدرآباد

حيدرآباد: فنڪشنل مسلم ليگ پاران اڳواڻ تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ پاڻي جي فراهمي بحال، بينظير هاري ڪارڊ 2.0 بابت اهم اجلاس

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ اپ اسٽريم انٽيڪ اسٽيشن ۽ ٿڌي سڙڪ پمپنگ اسٽيشن جو دورو ڪيو جتي پاڻي جي فراهمي بابت صورتحال جو جائزو ورتو _ ان موقعي تي کيس بريفنگ ڏني وئي ته موٽرجي مرمت ۽ بجلي جي فراهمي جي سنڪرونائيزيشن متعلق مسئلا درپيش هئا جنهن کي حل ڪيو ويو آهي _ بجلي جي فراهمي بحال ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻي جي فراهمي پڻ بحال ڪئي وئي آهي ۽ تمام جلد صارفين تائين پاڻي پهچڻ شروع ٿي ويندو _ ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ چيو ته اڄ رات تائين بنا ڪنهن رڪاوٽ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ وڌيڪ قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن حيدرآباد جي رهواسين کي مناسب ۽ مسلسل پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائي سگهجي _ هن حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (HW&SC)جي ٽيم جي ڪاوشن کي ساراهيندي چيو ته سي اي او جي سربراهي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ جسقم اڳواڻن جي گرفتاري ۽ گمشدگي خلاف احتجاج

ڪپرو (ت ر) ڪپرو ۾ جسقم اڳواڻ آڪاش ملاح، آزاد ڪنبر ۽ ٻين جي گرفتاري ۽ گمشدگي خلاف شهيد چوڪ تي احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي شوڪت ٻرڙي ۽ حسن راڄڙ ڪئي احتجاج ڪندڙن چيو ته جسقم جي گرفتار ۽ گم ٿيل اڳواڻن آڪاش ملاح ۽ آزاد ڪنبر کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته ڪارڪنن بابت معلومات فراهم ڪري کين بنا دير آزاد ڪيو وڃي

بلڙو وروهه شاهه محلي واسين جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

7لک 89 هزارن ۾ خريد ڪيل پلاٽ جو ڪاتو ڏيڻ بدران ڌمڪيون ڏئي رهيو

اعليٰ اختياريون معاملي جي جاچ ڪرائي پلاٽ جو ڪاتو ۽ تحفظ فراهم ڪن

ميرپوربلڙو(ن ع) ميرپوربلڙو جي وروهه شاهه محلي واسين جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو سال اڳ خريد ڪيل پلاٽ جو بااثر ڪاتو ڏيڻ بجاءِ ڪوڙا الزام هڻي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي معاملي جي جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي خبر موجب ميرپوربلڙو ۾ وروهه شاهه محلي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

باشعور ليکڪن کي ون يونٽ جي خلاف هلايل تحريڪ جهڙي جدوجهد ڪرڻي پوندي:ساس

سنڌي اديبن ۽ شاعرن ورهاڱي کان اڳ ئي پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ جي لاءِ شاندار جاکوڙ ڪئي

گهوٽڪي(ن ع) سنڌي ٻولي جي نالي وارن ليکڪن ۽ شاعرن چيو آهي ته سنڌ جي وجود خلاف سازشون شروع ٿي چڪيون آهن، باشعور ليکڪن کي ون يونٽ جي خلاف هلايل تحريڪ جهڙي جدوجهد ڪرڻي پوندي،اهڙو اظهار انهن گڏيل ڏينهن سنڌي ادبي سنگت شاخ گهوٽڪي پاران ناليواري

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪمشنر سکر جي خيرپور ۾ اي سيز ۽ خوراڪ کاتي جي آفيسرن سان اجلاس

ڪمشنر سکر پاران 40 هزار ٻورين جو هدف ٻن ڏينهن اندر پورو ڪرڻ جي هدايت

ڏورانهن علائقن ۾ ڊيوٽي ڪندڙ ويڪسينيٽرن کي موٽر سائيڪلون فراهم، ويڪسينيشن ڪوريج بهتر ڪرڻ تي زور

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس خيرپور ۾ صحت کاتي جي ملازمن کي عدالتي حڪمن جي روشني ۾ سندن حقن مطابق آفر آرڊر جاري ڪرڻ ۽ مختلف علائقن ۾ فيلڊ ڊيوٽي سرانجام ڏيندڙ ويڪسينيٽرن ۾ موٽر سائيڪلون ورهائڻ جي سلسلي ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

باڊهه لڳ پرائمري اسڪول جي زبون عمارت سبب 300 شاگرد وڻن جي ڇانوَ هيٺ تعليم پرائڻ لڳا

ڳوٺ ڪاراڻي ۾ ڪلاسن جون ڇتيون خطرناڪ حد تائين ڪمزور هجڻ سبب شاگردن ۽ استادن جي حياتين کي خطرو

حادثي کان بچڻ لاءِ انتظاميا پاران ڪيترن ئي ڪلاسن جي شاگردن کي وڻن هيٺ ويهاري تدريس جو سلسلو جاري

تعليم کاتي ۽ هينڊس انتظاميا کي بار بار آگاهه ڪرڻ باوجود عمارت جي تعمير لاءِ ڪو قدم نه کنيو ويو

والدين، استادن ۽ علائقي واسين جو فوري نوٽيس وٺي هنگامي بنيادن تي فنڊ جاري ڪرڻ جو مطالبو

باڊهه (ن ع) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڪاراڻي گذريل ڪجهه عرصي کان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪاراڻي ۾ ضم ٿيل آهي جڏهن ته اسڪول جو انتظام ۽ بحيثيت سماجي ڀلائي واري تنظيم هينڊس (HANDS)حوالي ٿيل آهي اسڪول ۾ نرسري کان پنجين ڪلاس تائين لڳ ڀڳ 300 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن اسڪول جي عمارت جي مختلف ڪلاس رومز جون ڇتيون ڪافي عرصي کان زبون حال ٿي چڪيون آهن جڏهن ته ڇت

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هالا: عورتون مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

درگاهه سيد محسن شاهه تي صوفي محمد وارث ستاري القادري جي حاضري

ڪوٽڙي ڪبير (ن ع) ڪوٽڙي محمد ڪبير ويجهو ديهات شريف ۾ درگاهه سيد محسن شاهه جيلاني تي درگاهه جهوڪ شريف سجاده نشين صوفي محمد وارث ستاري القادري جي حاضري ۽ سيد محسن شاهه جي وارثن ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ درگاهه اندر دعا گهري، ان موقعي تي سيد عبدالله شاهه، صحافي سيد خادم حسين شاهه ، جونيئر سيد قاسم علي شاهه ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا، جنهن بعد کيس کي عاليشان آجياڻو پيش ڪيو ويو.

چوهڙ جمالي ۾ سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ادبي سنگت جي احتجاجي ريلي

سنڌي ادبي سنگت پاران نون صوبن ٺاهڻ ۽ سنڌ جي ورهاڱي جي خلاف نعريبازي

ملڪ جي سالميت ۽ مضبوط وفاق لاءِ اهڙن منصوبن کي نقصانڪار قرار ڏنو ويو

چوهڙ جمالي (ن ع) چوهڙجمالي ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي جي سخت مخالفت ڪندي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو چوهڙجمالي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاران سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ نون صوبا ٺاهڻ خلاف عهديدارن ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ شاگرد تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف وارثن جو مظاهرو، ڌرڻو روڊ بلاڪ

شاگرد طاهر خاصخيلي جي وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جو احتجاج، ٽريفڪ بيهجي وئي

نوجوان کي موٽرسائيڪل ۽ ڏيڍ لک رقم سميت کنيو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: الزام

باڊهه (ن ع) باڊهه پرسان ڳوٺ ڏڙا جي رهواسي شاگرد طاهر خاصخيلي تي ايئرپورٽ پوليس پاران مبينہ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سندس وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن سڪندر علي خاصخيلي عارف خاصخيلي حافظ عبدالشڪور جوڻيجو خليل ڪانڌڙو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

خيرپور: گمبٽ ۾ اينٽي ڪرپشن کاتي جي ڪاروائي، فوڊ سپروائيزر گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: گمبٽ ۾ اينٽي ڪرپشن کاتي جي ڪاروائي، فوڊ سپروائيزر گرفتار گمبٽ ۾ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ خيرپور جي ٽيم پاران ڊائريڪٽر جنرل اينٽي ڪرپشن جي هدايتن تي گمبٽ ۾ اوچتو ڇاپو هڻي ڪاروائي ڪئي ڪاروائي دوران خوراڪ کاتي جي سپروائيزر نديم احمد شيخ گرفتار ڪري ورتو واضح رهي ته فوڊ سپروائيزر نديم احمد شيخ مٿان واپارين کان ڪڻڪ غيرقانوني طريقي سان فلور ملن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ مبينا طور ملوث هجڻ جو الزام هو اينٽي ڪرپشن موجب واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪاروائي قانون ۽ ضابطن موجب جاري رکي ويندي جڏهن ته ڪيس ۾ ملوث ٻين ماڻهن بابت پڻ جاچ ڪئي ويندي

حيدرآباد: هڪ ٻار کي نرس پوليو جو بوسٽر ڊوز لڳائي رهي آهي

ميهڙ پرسان ڏيپر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

فائرنگ ۽ لٺين جي استعمال سبب هڪ ڄڻو گولي لڳڻ ۽ ٻه ڄڻا ڏنڊا لڳڻ سبب زخمي

ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ٽنهي زخمين کي لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو، هڪ جي حالت نازڪ

ميهڙ (ن ع) ميهڙ پرسان ڳوٺ ڌارو ڏيپر ۾ معمولي ڳالهه تان ڏيپر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران فائرنگ ۽ لٺين جي استعمال سبب ٻنهي ڌرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي تفصيل موجب ڳوٺ ڌارو ڏيپر ۾ ڏيپر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سڄاول عدالت قتل ڪيس ۾ جوابدار کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

عدالت الله بچايو جت قتل ڪيس ۾ مظفر جت کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي

پ پ اڳواڻ ريڊني جت قتل ڪيس ۾ مک جوابدار طور نامزد، فيصلو اچڻ اڃا باقي

سڄاول (ڊ ر) سڄاول جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج اعجاز شاهه جي عدالت پ پ ڪلچرل ونگ جي اڳواڻ شهيد ريڊني جت قتل ڪيس جي مک جوابدار مظفر جت کي هڪ ٻئي قتل ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي بلوري ٿاڻي تي 16 آگسٽ 2020ع تي مقتول الله بچايو جت جي ڀاءُ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ امتحانن ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن جي اعزاز ۾ تقريب

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد تعليمي بورڊ جي زير اهتمام ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيٽ جي سالياني امتحانن ۾ نمايان پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين جي اعزاز ۾ شهباز هال حيدرآباد ۾ تقريب منعقد ٿي ، جنهن ۾ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن فياض حسين عباسي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي _ تقريب ۾ چيئرمن تعليمي بورڊ حيدرآباد

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: ابراهيم شاهه جي عرس جي موقعي تي هڪ شخص مڃتا جي ٻوري کڻي اچي رهيو آهي

ميهڙ ۾ جشنِ ميلادِ مصطفيٰ ﷺ جي سلسلي ۾ عظيم الشان ريلي

7ربيع الاول تي سفيد مسجد کان ريلي، علماءِ ڪرام ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

سيرت طيبه ﷺ اپنائڻ، امن، اخوت ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ تي زور

ميهڙ (ن ع) 7 ربيع الاول تي جشنِ ميلادِ مصطفيٰ ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان ۽ پرامن ريلي سفيد مسجد کان ڪڍي وئي. جنهن جي اڳواڻي چيئرمين نوجوان ميلاد ڪاميٽي ميهڙ خالد حسين اگرو ڪئي ريلي ۾ مولانا سعيد ڪنڀهان صابر عطاري اگرو، مولوي شڪيل چنا،

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ دهشتگردي جي متاثرين جي ياد ۽ خراج عقيدت جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

دهشتگردي انسانيت جو دشمن آهي ۽ ان جي خلاف سموري قوم متحد آهي: ڊپٽي ڪمشنر

اسان کي امن، رواداري ۽ ڀائيچاري سان هڪ قوم ٿي دهشتگرديءَ خلاف جهاد ڪرڻو آهي

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور ۾ دهشتگردي جي متاثرين جي ياد ۽ خراج عقيدت جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو ۽ ريلي پڻ ڪڍي وئي تفصيل موجب گذريل ڏينهن ”دهشتگردي جي متاثرين جي ياد ۽ خراج

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي نجي اسڪول جي فيسن ۾ واڌ خلاف والدين صوبائي محتسب وٽ پهچي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نجي اسڪول (بيڪن هائوس اسڪول سسٽم) جي پنهنجي مرضي ۽ فيسن ۾ قانون مخالف واڌ بابت والدين صوبائي محتسب سنڌ سان رابطو ڪري شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. ٻڌڻي دوران اسپيشل سيڪريٽري ايجوڪيشن شازيه قاضي، ڊي جي پرائيويٽ اسڪولز محمد افضل ايڊيشنل ڊائريڪٽر رفيعه جاويد، رجسٽرار صوبائي محتسب سنڌ مسعود عشرت، ريجنل ڊائريڪٽر سينٽرل اقبال نفيس ۽ والدين جي وڏي تعداد موجود هئي صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ ٻڌڻي ۾ والدين موقف اختيار ڪيو ته اسڪول انتظاميه پاران هر سال قانون مخالف فيسن ۾ پنهنجي مرضيءَ سان واڌ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

هندستاني جيلن ۾ قيد پاڪستان ملاحن جي آزادي لاءِ مڪلي ۾ ريلي

ساموندي پٽي مان 11 ملاحن کي مڇي جي شڪار دوران هندستاني فورسز گرفتار ڪيو

ساموندي پٽي جا ڪيترائي ماهيگير هندستاني جيلن ۾ قيد آهن، عالمي ادارا نوٽيس وٺن:اڳواڻ

ٺٽو (ڊ ر) ماهيگير اتحاد جي اڳواڻن ارشد خشڪ محمد حسن جلباڻي فاروق احمد جلباڻي گلاب لنڊ سريش ڪمار ۽ ٻين جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: سبزي منڊي ۾ گدرا وڪري لاءِ سجائي رکيل آهن

ڪراچي ۾ ٻين سنڌ اي اسپورٽس چيمپئن شپ 24 آگسٽ کان شروع ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت صوبي جي نوجوانن کي اي اسپورٽس جي ميدان ۾ پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ ٻي سنڌ اي اسپورٽس چيمپئن شپ جو آغاز 24 آگسٽ کان ٿيندو، جنهن ۾ پوري سنڌ مان هڪ هزار کان وڌيڪ ٽيمون شرڪت ڪنديون راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ اهم اجلاس سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ۽ راندين واري ڊائريڪٽر اسد اسحاق شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.